# اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط



اوريانا فلاشي

فياض لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اڻ چاول پار ڏانهن خط

## (ناول)

اوريانا فلاشي

فياض لطيف

موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

| | |
|---|---|
| ڪتاب | اڻ ڇاول ٻار ڏانهن خط |
| موضوع | ناول |
| سرجڻهار | اوريانا فلاشي |
| مترجم | فياض لطيف |
| ٽائيٽل | پڪاسو |
| تعداد | هڪ هزار |
| ڇاپو پهريون | 2001ع |
| ڪمپوزنگ | مقبول احمد ٻٽو |
| | يونيورسل ڪمپيوٽر ڪمپوزرس لاڙڪاڻو |
| ڇپائيندڙ | موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي |
| | پوسٽ باڪس نمبر 72 لاڙڪاڻو |

قيمت: =/110 روپيه

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

ڪتاب سپر مارڪيٽ لاڙڪاڻو، الرحيم هوٽل جناح باغ روڊ لاڙڪاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ارپنا

پنهنجي عزيز دوستن
مونس اياز
احسان دانش

۽

ضمير لاشاري

جي

نان ۽

(فياض لطيف)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پبلشر پاران

اسين پنهنجي اداري موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي لاڙڪاڻو طرفان هي چوٿون ڪتاب شايع ڪري رهيا آهيون. توڙي جو پبلشنگ جي دنيا ۾ اسان جو ادارو اڃا ابتدائي قدم کڻي رهيو آهي، پر پاڻ محنت جي عظمت جا حامي آهيون. اسان پنهنجي دل جي گهراين سان اها ڪوشش ڪري رهيا آهيون، تہ وقت بوقت اوهانجي هٿن تائين اهڙا معياري ڪتاب پهچايون، جيڪي اوهانجي دل جي دوار تي محبت پري دستڪ ڏيڻ سان گڏوگڏ اوهان جي شعوري تازگيءَ جو پڻ سبب بڻجن.

اسين هن وقت تائين جيڪي ڪتاب ڇپائي چُڪا آهيون، انهن کي اوهان مهربانن وٽان ماناٽتي موٽ ملي آهي. آئنده بہ اهڙي ئي همت افزائي جي اميد رکون ٿا.

اٽليءَ سان تعلق رکندڙ نامور صحافي ۽ ناول نگاره اوريانا فلاشي جو جڳ مشهور ناول "اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط" هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي. ناول کي نوجوان اديب فياض لطيف سولي سنڌيءَ جو روپ ڏنو آهي، هن صاحب جنهن محنت سان اهو پورهيو سرانجام ڏنو آهي تنهن لاءِ ادارو سندس ٿورائتو آهي.

**مظهر ميمڻ**

١٠ فيبروري ٢٠٠١ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مهاڳ

انگريزي ادبَ جي مشهور نقاد ۽ ناول نگار "ڊي ايڇ لارنس" هڪ هنڌ لکيو آهي، تہ، "ڪنهن بہ ڪتاب کي يا تہ هڪ رهزن هئڻ گهرجي يا هڪ باغي، يا وري هجوم ۾ داخل ٿيندڙ هڪ اهڙو شخص، جنهن جي آمد سان پڙهندڙ يا تہ پنهنجون حياتيون بچائي پڇڻ لڳن يا سندس جهنڊي هيٺيان هليا اچن ۽ ساڻس ويجهڙائپ واري سڃاڻپ پيدا ڪندي ڪانئس، سندس مزاج معلوم ڪن."

لارنس جي مٿين نظريي کي سامهون رکي ڏسجي ٿو، تہ زير نظر ناول جي ليکڪا اوريانا فلاشي، جيڪا اصل ۾ اٽليءَ جي هڪ معروف جرنلسٽ آهي، تنهن جي تحريرن بہ پڙهندڙن ۾ ٿرٿلو پئي مچايو آهي. "Interview with history" کان وٺي "Aman" ۽ زير نظر ڪتاب "Letter to a child never born" جي تخليق تائين، اوريانا جي لکڻ جو انداز تحرير بلا وانگر پڙهندڙن کي پنهنجي اڻ ڏٺل تاندورن ۾ مڪمل طرح جڪڙي ڇڏي ٿو.

منهنجي ذاتي راءِ آهي، تہ اوريانا جي هن ناول سان گڏ سندس ٻيو خوبصورت ناول "Aman" بہ پڙهڻ گهرجي، ڇو تہ اوريانا "Aman" پنهنجي محبوب يونان جي انقلابي اڳواڻ پيناگولس جي سوانحي ۽ سورهيہ هجڻ واري پسمنظر ۾ رچيو هو ۽ هي ناول "Letter to a child never born" وري ساڻس همبستري کان پوءِ پنهنجي ڪُک ۾ پيل ان "قطري" جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعظيم ۾ لکيو آهي، جيڪو پيدا ٿيڻ ڪان اڳ ۾ ئي ادب جي تاريخ ۾ سيني ساڃاهه مندن کي حيرت ۽ ويچارن جي احساساتي جزيري ۾ وڃائي ويو آهي. هتي آءُ هن ناول جي ڪهاڻي کو نہ ورجائيندس، ڇو تہ اها اوهين پڙهندڙ خود ئي پڙهندا ۽ پروڙيندا. پر مان رڳو ايترو عرض ڪرڻ چاهيندس، تہ هن ناول جي محدود صفحن ۾ اوريانا پنهنجن باريڪ کان باريڪ ترين احساسن کي ايترو تہ پرپوريت سان بيان ڪيو آهي، جو پڙهندڙ سندس هر جملو پڙهڻ وقت چڻ تہ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن اهڙي ڪپهہ جي سَوَڙِ ۾ سبيل محسوس ٿو ڪري، جنهن کي هموار ڪرڻ لاءِ جڏهن سوئي سان سٽيو وڃي ٿو، تہ هُو (پڙهندڙ) بہ ڪپهہ جي ذرڙن سان گڏ تحليل ٿيندو رهي ٿو.

اڪثر ناول ڏاڍي آهستگي سان شروع ٿيندا آهن ۽ پوءِ هورڙيان هورڙيان اڳتي وڌندا آهن، پر اورياناجي هن ناول جي پهرئين جملي سان ئي فضا هڪ خاص قسم جي پُراسراريت جي حامل ٿي وڃي ٿي. جڏهن مون هن ناول جي پهرين سِٽ پڙهي هئي، تہ ان جي سحر ۾ ڪافي ڏينهن تائين گم رهجي ويو هوس، ان دؤران الاهي مصروفيتن جي باوجود بہ مون مٿان عجيب ڪيفيت طاري رهي هئي، پر جنهن لمحي ٿوري فرصت ملي هنم، تہ ان ڪيفيت هڪ خاص تيزي سان منهنجي شعور کي پنهنجي گرفت ۾ وڪوڙي مون کي ڪجهہ لکڻ تي مجبور ڪيو آهي.

ڪو بہ ڪتاب ترجمي سان گهٽو ڪجهہ وڃائي ويهندو آهي يا ايئن ڪٿي چئجي، تہ ترجمي سان اڪثر ڪري تخليق جو حُسن محدود ٿي ويندو آهي، بلڪل ايئن جيئن محبت جيستائين بند چپن جي اقرار ۽ ڪارين ڪجلين اکڙين جي اونهائين جو احساس بڻيل هوندي آهي، تہ ان جي هر ادا ۾ عجيب سرمستي سمايل هوندي آهي، پر جڏهن ان احساس کي لفظ "پيار"، "محبت" يا "عشق" وغيره جو نالو ملي ويندو آهي، تہ ان جا رنگ ئي پنهنجو روپ وڃائي ويهندا آهن. چنڊ جو ظاهري حُسن تہ روشني آهي، پر اها روشني جڏهن "چانڊوڪي" چوائي ٿي، تہ چنڊ ڇپاڙيل گِرنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وانگر چَسو ۽ بي رونق ڀاسڻ لڳي ٿو. ان ڪري ڪي شيون احساسن ۾ رهنديون ئي مڪمل ۽ موهيندڙ محسوس ٿينديون آهن، پر جڏهن انهن کي لفظن ۾ اظهارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي، ته اهي بي رونق ۽ بي روح بڻجي وينديون آهن. فياض لطيف، اوريانا فلاشي جي هن ناول کي جهڙي طرح سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيو آهي، ان سان اها ڪشمڪش اجهان ويتر چٽي ٿي وڃي ٿي، جنهن جو هن ناول جي حوالي سان آءٌ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان. فياض لطيف هڪ مشتاق مترحم آهي. هن اوريانا جي مذڪوره ناول جو ترجمو ڪندي، نہ صرف زبان ۽ بيان جي بارڪين ۽ لطافتن جو تمام گهڻو خيال رکيو آهي، پر ناول ۾ موجود جذبن ۽ احساسن کي بہ ڀرپوريت سان پنهنجي ٻولي ۾ منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. جيئن تہ خيال جو ڪجهہ حُسن ان جي اظهار ۾ لڪل هوندو آهي، تنهن ڪري ڪهاڻي ۾ تخيل جي نزاڪت ۽ فني ندرتن سان گڏوگڏ لفظن جو متوازن استعمال ۽ جملن جي ترتيب بہ ضروري ليکبي آهي. فياض انهن سڀني جو خيال رکي ناول جي اصل حُسن کي گهڻي قدر برقرار رکڻ جي جستجو ڪئي آهي. سندس اها محبوب ڪوشش اسان لاءِ ۽ اسان جي ٻولي لاءِ فخر لائق آهي.

آخر ۾ آءٌ اوريانا فلاشي جي هن ناول لاءِ مختصر لفظن ۾ ايترو ئي چوندس ته هي ناول پڙهڻ هڪ اهڙي انسان جو خيال آڻڻ/تصور ڪرڻ جي مترادف آهي، جنهن کي اونهي پاڻي ۾ ٻڏڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو ويو هجي.


مظهر ابڙو
۳۱ ڊسمبر ۲۰۰۰

"ابڙو هائوس"
شهباز ڪالوني،
خيرپور ميرن واري، سنڌ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اوريانا فلاشي ۽ اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط

جڏهن کان هي ڪائنات پنهنجن سمورين سندرتائن، رنگن، رونقن، مادي حقيقتن ۽ سچاين جي روپ ۾ عدم کان وجود ۾ آئي آهي، تڏهن کان وٺي هن ذرتي، حي سندر ۽ وشال سيني تي ڪن اهڙن آدرشي انسانن پني جنم ورتو [illegible] ڪي فطري ۽ ازلي آزادي جي سونهن ۽ سُرهاڻ جا عاشق رهيا آهن. اهڙن روشن خيال، باشعور ۽ حساس ماڻهن مان اٽليءَ جي شهر فلورنس ۾ 29 جون 1930ع تي جنم وٺندڙ برجستي ليکڪا اوريانا فلاشي به هڪ آهي، جيڪا پنهنجي هر تخليق جي آئيني ۾ فني توڙي فڪري حوالي سان نهايت پختہ نظر اچي ٿي.

اوريانا فلاشي ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ پير پائڻ کان اڳ سياست سان سلهاڙيل هئي. هن آدرشي عورت پنهنجي عملي ۽ سياسي زندگيءَ جو آغاز تمام ننڍي عمر يعني پنهنجي مهان ۽ آزادي پسند پيءُ سان Underground Resistence movement واري انقلابي تحريڪ ۾ شموليت ڪرڻ سان شروع ڪيو، جنهن مٿانئس ڪافي گهرو اثر ڇڏيو ۽ هوءَ به پنهنجي پيءُ جيان پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ سراپا انسانيت جي آزاديءَ جي علمبردار بڻجي وڏيڪ سياسي، ادبي ۽ صحافتي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳي ۽ پنهنجي ذات جي اعليٰ شعور ذريعي ٻين انسانن کي فڪري ۽ عملي جدوجهد جو سڏ ڏيندي رهي.

اوريانا فلاشي لکڻ جو آغاز اٽليءَ جي هڪ مشهور اخبار ۾ "Crime Column" جي نالي سان ڪيو، ۽ جيئن جيئن هن جي لکڻين ۾ Greative maturity ايندي وئي ۽ هن جي تخليقي صلاحيتن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائين کي دُنيا ۾ مهانتا ۽ مڃتا جا گل ملندا رهيا، تيئن تيئن هن وڏيڪ سچائي ۽ ايمانداري سان حالتن جو تجزيو ڪرڻ شروع ڪيو. پوءِ هوءَ ان وقت جي مشهور منگزين Europco ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪي ۽ غير ملڪي رسالن ۾ سياسي ۽ ادبي ليک ۽ تجزيا لکڻ لڳي.

اوريانا دنيا جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي حقن جي حمايت ڪرڻ ۽ ان جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙڻ جي سلسلي ۾ مختلف ملڪن جا دورا ڪري ان وقت جي نامياري اڳواڻن، انقلابين، سياستدانن ۽ مذهبي پرچارڪن جي خيالن ۽ سوچن کان واقفيت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪانئن ڀرپور Interviews ڪيا. اهو ئي سبب آهي، جو اوريانا فلاشي کي World's best Interviewer جهڙي لقب سان به نوازيو ويو ۽ بعد ۾ انهن Interviews واري ڪتاب "Interview with history" ڇپجڻ کانپوءِ هن دُنيا ۾ تمام گهڻي شهرت ماڻي.

صحافت جي دُنيا ۾ مڃتا ماڻڻ سان گڏوگڏ هن جاڪوڙي عورت پنهنجن تخليقي ناولن جي ڪري به ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪيو آهي، جو ته صحافت وانگر هن پنهنجن ناولن ۾ به هڪ طرف انسان جي، : حلي ۽ خارجي پيڙائن کي پنهنجي انداز ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ته ٻي طرف پنهنجي دؤر جي جبر ۽ ڦهر جو تذڪرو به ڪيو آهي. مثلاً Aman سندس اهو ناول آهي، جنهن جي لاءِ هن پاڻ لکيو آهي ته:

"It is a book about the hero who fights alone for the freedom and for the truth, never giving up and so he dies, killed by all."

Aman کانپوءِ هن جي ناول "If the sun dies" به ڪافي شهرت ماڻي، پر "Letter to a child never born" مٿين ٻنهي ناولن کان پنهنجي مواد ۽ فڪر جي حوالي سان منفرد ۽ انوکو آهي. هن ناول ۾ هڪ تنها ۽ وياڪل عورت جي ڪهاڻي بيان ٿيل آهي، جيڪا پنهنجي ڪُکِ ۾ پلجندڙ ٻار سان گفتگو ڪري ٿي. هوءَ پنهنجي وجود جي سمورين سچائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

کان واقف هئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ذات جي اعليٰ شعور ۽ ادراڪ کان بہ آشنا آهي، تہ وري بي انتها بهادر ۽ جرئتمند پڻ. هوءَ زندگيءَ جي سمورين داخلي ۽ خارجي پيڙائن، تنهاين ۽ تڪليفن سان گڏ ممتا جي دامن ۾ پلجند ـــ ن، الزامن، ويساهہ گهاتين ۽ منافقتن سان بہ مهاڏو اٽڪائي ٿي، تہ سماج جي سياسي، معاشي، اخلاقي حدبندين ۽ ريتن رسمن جي ڄاڻ رکندي هڪ ذميوار عورت جي روپ ۾ بہ نظر اچي ٿي. زندگيءَ کان وٺي موت تائين ۽ اُن سفر جي وچ ۾ ايندڙ عذابن جي باري ۾ هوءَ پنهنجي ايندڙ ٻار کي سڀڪجهہ ٻڌائڻ سان گڏوگڏ سندس نيستيءَ مان هستيءَ ۾ اچڻ جو فيصلو بہ اُن تي ڇڏي، تہ هو پنهنجي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ ۾ آزاد ۽ خودمختيار آهي، ڇو تہ هوءَ تہ صرف ڪيس پنهنجي زندگيءَ جي اٿل تجربن ۽ تڪليفن کان آشنا ڪرڻ جو ئي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

هن خوبصورت ۽ جيءَ کي ڇهندڙ ناول کي منهنجي محبوبن جهڙي د. ـــ فياض لطيف سنڌي ٻوليءَ ۾ جهڙي خوبصورت ۽ منفرد انداز سان ترجمو ـــ ي، تنهن لاءِ هن کيرون لهڻيون. آخر ۾ پنهنجي دوستيءَ واري حجت جو حق رکندي آءٌ فياض کان اها فرمائش ٿو ڪريان، تہ جيڪڏهن هو Aman کي بہ اهڙي ئي خوبصورت انداز ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ويس پارائيندو تہ سنڌي ٻوليءَ تي سندس وڏو وڙ ٿيندو.

مجموعي طور تي ”اڻڄاول ٻار ڏانهن خط“ دُنيا جي اهڙن شهڪار ناولن مان هڪ آهي، جن کي بار بار پڙهڻ تي دل گهرندي آهي. اميد آهي تہ هن ـ الي ناول کي پڙهڻ کانپوءِ سنڌي ساهت جي سرت رکندڙ ساٿي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏيندا.

**سجاد منصور**

١٩ جنوري ٢٠٠١

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"It is all existence of feelings that brings out the tender colours of life in its purity". ***(Shelly)***

(اهو احساسات جو وجود ئي هجي ٿو، جيڪو زندگي جي ڪومل رنگن کي پنهنجي پوري پوترتا سان نروار ٿو ڪري)

جڳ مشهور ڏاهي مارڪس جي راءِ موجب، هئڻ (being) ڪانپوءِ فڪر (thinking) فڪر ڪانپوءِ عمل (practice)، ۽ عمل ڪانپوءِ نظريو (theory) جنم وٺندو آهي، تنهنڪري سڀ کان اول وقعت وجود جي هجي ٿي ۽ اهو فردي وجود ئي سماج کي جنم ڏئي ٿو. اسين جڏهن انسان جي وجودي اتهاس کي اپياس هيٺ آڻيون ٿا، تڏهن ان جي فڪري، سماجي، عملي ۽ نظرياتي اوسر جا مرحلا ۽ مختلف تبديلين جون مسافتون طئي ڪرڻ ڪانپوءِ ان نقطي تي نظر اچن ٿا، جنهن کي سماجي اظهار جي تاديبي تاريخ سڏجي ٿو، ۽ سماجي تاديب جي تاريخ پنهنجي وجود ۾ انساني عملن، جذبن، احساسن، امنگن، فڪرن ۽ جمالياتي جوهرن جو اهو رڪارڊ آهي، جنهن جي مجموعي کي ادب چئجي ٿو.

ادب بابت مختلف وقتن ۾ مختلف مڪتبِ فڪر جي ماڻهن، مختلف وضاحتون ۽ وصفون پيش بيان ڪيون آهن. ڪن جي خيال موجب ادب، تبليغ ۽ پروپيگنڊا جو هڪ ذريعو آهي. ڪن جي فڪر مطابق ادب، خيالي دنيا جو هڪ طلسمي ڪاڪ محل آهي، جنهن ۾ دنياوي صداقتن بدران مبالغي آرائيءَ جي عنصرن جي وڌيڪ اُپٽار ٿيل هوندي آهي، ۽ اهو فقط ڪجهه لمحن جي وندر ميسر ڪرڻ کان سواءِ ڪو ڀرپور سماجي ڪردار ۽ ڪارج ادا ڪري سگهندڙ ڪو نه هوندو آهي، پر اصل ۾ ايئن بنهه ڪونهي. ادب، تبليغ ۽ طلسمي اظهار کان وڌيڪ تصدق ۽ تشفي جو حامل هجي ٿو. ادب جيڪڏهن صرف تبليغ، طلسم ۽ پروپيگنڊا جو ذريعو هجي ها، ته پوءِ دنيا ۾ وڏا شاهڪار صرف اهي پرچا، اخبارون ۽ پمفليٽ هجن ها، جن وقتي طور استالن ازم ۽ ناري ازم کان وٺي ٻين ڪيترن ئي نهام نهاد سياسي ۽ استحصالي تنظيمن جو تبليغي ڪردار ادا ڪيو.

حقيقت ۾ ادب جو مقصد انساني زندگي جي تاديب، تهذيب، فڪري ترقي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ عملي تازگي آهي، انهيءَ ڪري ئي ادب، سماج جي آرسي بہ آهي تہ علامت بہ، تاريخ بہ آهي تہ ان جي عملي مظهر جو محرڪ بہ. ادب جي ان ڪارج ڪارڻ ئي ميٿو آرنولڊ جهڙي مفڪر ادب کي زندگي جي تنقيد ڪوٺيو آهي. زندگي جيئن تہ اها تحرڪ ۽ ترقي پذير حقيقت آهي، جنهن جو، هر لمحو جياپي جي مشاهدن، تجربن، تلخين ۽ ڪيفيتي صداقتن مان گذرڻ ڪانپوءِ هڪ اهڙي تخليقي حقيقت کي جنم ڏئي ٿو، جيڪا پنهنجي جوهر ۾ سچ جو جدلياتي عنصر رکندڙ هوندي آهي، تنهنڪري سماج لاءِ ادب جو اهو اظهار ۽ فڪر ئي ڦلدائڪ ثابت ٿيندو، جيڪو ترقي پسند خيالن، ويچارن، احساس ۽ جمالياتي صداقتن تي مبني هوندو ۽ اهڙن ئي تخليقي ويچارن تي مشتمل تحريري فن پارن جي افاديت ۽ اهميت جو اقرار ڪندي گورڪي لکيو آهي تہ،

"It is to books that I owe every thing that is good in me. Even in my youth I realized that art and literature is more generous than any thing else in the universe."

(مون ۾ جيڪا بہ سُٺائي آهي، اها ڪتابن جي بدولت ئي آهي. مون جواني ۾ ئي ڄاڻي ورتو هو، تہ ڪائنات جي ٻي هر چيز جي نسبت، ادب ۽ آرٽ ئي فياض هجن ٿا.)

ادب، ان ڏي، ان آتت، ان احساس ۽ ان خيال جي خودي ۽ سرمستي آهي، جنهن ۾ انسان ڏونگرن جي ڏکائيون ۽ پير پٿون ڪندڙ پيچرا هيڪل ئي ڏوريندي، پٽ ڏٺيءَ جيان پاڻ سان، پرينءَ کي هر سفر سمجهندو آهي.

"هيڪليائي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي
آڏا، ڏونگر، لڪيون، سوريون سُجهن سيل
تہ ڪر ٻيلي آهن ٻيل، جي سور پريان جا ساڻ مون.

ادب، داخلي احساسن، خارجي حالتن، فني ۽ فڪري باريڪين ۽ جمالياتي رنگن جي اظهار جو اهو حسين ۽ پر اثر امتزاج آهي، جنهن جي بنياد تي ئي قومن جي تهذيبي، ۽ تمدني تاريخ جو انحصار هجي ٿو. جيڪي قومون پنهنجي ان تاريخي ورثي کان وانجهيل هونديون آهن، انهن جو وجود ان معذور فرد جيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندو آهي، جيڪو ترقي جي تيز رفتار ڊوڙ ۾ پاڻ ملهائي ڪو نہ سگهندو آهي، ۽ هميشہ شڪست خورده رهندو آهي.

ادب جا فڪري ۽ سماجي طور بہ وڏا ۽ اهم ڪارج هوندا آهن. يعني عڪاسي ۽ اصلاح. عڪاسي مان مراد اها آهي، تہ جيئن سماج آهي، ان جو آئينو پيش ڪرڻ ۽ اصلاح جي معنيٰ آهي، جيئن سماج هئڻ گهرجي، ان جو عڪس ۽ تخيل پيش ڪرڻ. پهرين جو تعلق سماج جي عملي سرشتي جي خارجي پهلوءَ سان آهي، ۽ ٻي جي وابستگي، معاشري جي داخلي ۽ احساساتي دنيا ۽ سماجي عملن جي تعميري ۽ فڪري اتهاس سان آهي. جتي ادب ايتري وقعت ۽ افاديت جو حامل آهي، اتي اديب ۽ سرجڻهار جي اڏولتا ۽ عظمت ان کان ٻيڻي مڃتا ۽ محبوبيت جي مستحق هجي ٿي، ڇو تہ اديب، سماج جو اهو پُر علم ۽ پارکو فرد هجي ٿو، جنهن جي فڪري، علمي ۽ عملي توسط سان، ان پوري تخليقي سرشتي جو عمل وجود ۾ اچي ٿو، جنهن کي ساهت ٿو چئجي، ۽ ان ساهت جو سرجڻهار هڪ ٿي وقت ذي روح، ذي شعور، ذي حواس ۽ صاحبِ نظر هئڻ ڪري، سماج جي ٻين فردن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ذميوار، سُرت ڀريو ۽ سگهارو هجي ٿو، ۽ سندس ان سگهہ ۽ سُرت جو اصل ڪمال، آپبيتيءَ کي جڳ بيتي بنائڻ هوندو آهي.

"Our existence has always and every where been targic, but man (writer) has converted these numberless tragedies into works of art." ***(Gorky)***

(اسان جو وجود هميشہ ۽ هر جاءِ تي ڏکن جو داستان بڻي رهيو آهي، پر اهو صرف سرجڻهار ئي آهي، جنهن انهن اڻ ڳڻتي الين کي آرٽ جي شاهپارن جو روپ عطا ڪيو آهي)

اٽلي جي انوکي قلمڪاره اوريانا فلاشي بہ هڪ اهڙي گهڻ رُخي ۽ سگهاري سرجڻهار آهي، جنهن جياپي جي زخمن کي لفظن جي زبان ڏئي، پنهنجي ذات ۽ ذات جي ڪمال خوبي سان اهڙا املهہ فن پارا تخليق ڪيا آهن، جن ادب جي دنيا ۾ نہ صرف فڪر جا نوان دروازا کوليا آهن، پر انهن آدم ذات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي عذابن ۽ پيڙائن جي ازالي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار بہ ادا ڪيو آهي. صحافت جي پٽريلي پيچرن کان وٺي ادب جي فڪري ۽ تخليقي مرحلن تائين، اوريانا اها سرفروش ۽ خوددار ليکڪا آهي، جنهن هميشہ پنهنجي لکڻين ۾ پنهنجي راءِ جي اظهار کان وٺي پنهنجي ذاتي اوٿائين جي اقرار تائين ثابت قدمي ۽ سچائي جو عملي ثبوت پڻ پيش ڪيو آهي.

اهو هينري ڪسينجر هجي يا جنرل گياپ، ياسر عرفات هجي يا ذلفي ڀٽو، اندرا گانڌي هجي يا رضا شاهہ پهلوي، پر فلاشي پنهنجي راءِ جي اظهار ۾ ايتري ئي خوددار ۽ بيباڪ رهي آهي، جيتري هوءَ پنهنجي محبوب ۽ عاشق پيناگولس جي عشق جي اقرار ۾ بي خوف ۽ کري آهي. هن جي تخليقي ڪاوشن ۾

"If the sun dies, the egotists, penelope at war, the useless sex, Letter to a child never born, Interview with history, Nothing and so be it Aman"

قابل ذڪر آهن، پر انهن مان خاص ڪري سندس پوين ٽن ڪتابن پنهنجي فڪريسگهہ ۽ فني سُندرتا سبب سڄي دنيا ۾ وڏو نالو ڪمايو آهي.

"Interview with history" دنيا جي ۱۴ عالمي شهرت يافتہ ۽ مختلف مکتبِ فڪر جي شخصيتن جي انٽرويوئن تي مشتمل اهو مجموعو آهي، جيڪو انٽرويو جي حوالي سان تہ پنهنجي وجود ۾ جاندار ۽ ڀرپور آهي، پر ان ۾ هر شخصيت تي اوريانا جا لکيل ذاتي تاثر ۽ مشاهداتي خاڪا پڙهندڙن ۽ پروڙيندڙن جا ڪپاٽ کولي ڇڏيندڙ آهن. باقي بہ ڪتاب "Aman" ۽ "Letter to a child never born" فلاشي جي ان فڪر، جذبات ۽ ان ننڊ ۽ بيداري جي حساسن جو حسين حصول آهن، جيڪي هُن يونان جي مزاحمتي تحريڪ جي سروان پيناگولس جي پيار، اشتياق ۽ انتظار ۾ محسوس ڪيا ۽ ان جي حاصلات ڪ جهڙا ان جا نتيجا، تجربا ۽ تلخيون ڀوڳيون آهن.

هوءَ تيز نظر ۽ ابابيلن جهڙو نفيس روح رکندڙ رولاڪ صحافي اوريا، باغي اڳواڻ پيناگولس (جيڪو طويل اذيتناڪ اسيري کانپوءِ آمر پاپادو پولس جي قهري قيد مان آزاد ٿيو هو) جو ۱۹۸۳ع ۾ وٺي تہ انٽرويو ڪرڻ هئي، پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جسماني طور ڪمزور ٿي ويل، ان عزم جي پهاڙ ۽ شاعرانہ مزاج رکندڙ شخص جي عشق جي اسير ٿي موٽي، جيڪو هميشہ چوندو هو تہ،

"Politics is a duty and poetry is a need"

(سياست فرض ۽ شاعري "ان فرض جي" ضرورت آهي.)

اوريانا پهرين ملاقات ۾ ئي پيناگولس جي ڪردار، قرباني ۽ قرب کان ايترو تہ متاثر ٿي، جو سندس جدوجهد، قيد جي صعوبتن، سندس ثابت قدمي ۽ ساڻس شديد محبت جي پسمنظر ۾ "Aman" جهڙو ڪلاسڪ ناول تخليق ڪري ورتائين.

پنهنجي احساسن جي مسافت ۾ خانہ بدوش ۽ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيئندڙ اوريانا جي اندر ۾ ان ميسح جهڙي اڏول ۽ انوکي انسان پيناگولس لاءِ چاهت جي چڻنگ، ان محبوب ڪتاب "Aman" جي تخليق ڪانپوءِ بہ ماٺي ڪو نہ ٿي ۽ هن ساڻس معاشقي جي تڪميلي ۽ جسماني سنجوڳ جي صداقت ۽ ان ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي پيڙائيندڙ احساساتي تجربن ۽ لوڻ ڪانداري ڇڏيندڙ ويچارن تي مبني ناول "Letter to a child never born" لکيو، جنهن ادبي دنيا جي جڳهي انگ جي جيءَ کي نہ صرف جنجهوڙيو آهي، پر هر پڙهندڙ جي دل جي دروازي تي الاهي اوجاڳيل ۽ مضطرب سوالن جي دستڪ بہ ڏني آهي.

هي ناول، محبت جي سرمدي عمل جي سنجوڳ جي نتيجي ۾، ڪُکِ ۾ جنم وٺندڙ ٻار جي وجود ڪان شروع ٿي، سنسار جي تخليق، ان جي تلخين، ڪُسناڪين ۽ حقيقتن جي پيچرن تان گذرندو، سماجي روين جي ڪنورتا، ان جي دقيانوسي رواجن ۽ اصولن جو عڪس پسائيندو، اُتي اختتام ڪري ٿو، جتي محبت، رشتا، رفاقتون، تعلق ۽ تشنگيءَ جون سڀئي رمزون فريب ٿيون پاسن. جتي ڏِڍ، آٿت ۽ سماجي اُنس جا سيئي سُبنڌ صليب بڻجي تا وڃن، ۽ انهن سيني کي پوڄڻ ۽ برداشت ڪرڻ لاءِ هڪ عورت جي زندگي ئي وڃي رهي ٿي، جيڪا جهان جي هن جُوا خاني ۾ مڪار متلاشين وٽ سيڪجهہ هارائڻ ڪانپوءِ بہ آجهي جي اُمنگ ۾ آسروند ٿي رهي. توڙي جو هن ناول جي نائڪا جي ڪُکِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



*"Some people say that the writer in his writing was not to be himself, he was to be a symbol, but in my vision the work of geniune writer is a moving, breathing and sound filled picture of his time. It is also a self portrait, vivid and inclusive."*

(Yevegny Yevtushenko)

(ڪجهه ماڻهن جي راءِ موجب، هڪ سرجڻهار پنهنجي تحريرن ۾ بذات خود ڪو نہ ٿو هجي. هن جي حيثيت فقط تمثيلي هجي ٿي، پر منهنجي خيال مطابق، هڪ سچي سرجڻهار جون تخليقون سندس دؤر جي متحرڪ، پُرآواز ۽ زنده تصوير هجڻ سان گڏوگڏ هن جي چٽني تصوير ۽ آپ بيتي پڻ هونديون آهن.)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مونکي** ڪالهه رات ني تنهنجي هستيءَ جي موجودگيءَ جو پتو پيو. تنهنجي هستي، جيڪا عدم مان هڪ قطري جي صورت ۾ زندگي جو روپ اختيار ڪري چڪي هئي. مان ڪٽ تي آهلي پئي هيس ۽ منهنجا ڪليل نيڻ سياهي ۾ گهوري رهيا هئا. اچانڪ اتي مون کي تنهنجي هئڻ جو يقين ٿيڻ لڳو. تنهنجو هئڻ منهنجي هنئين ۾ ڪنهن بندوق جي ڇري جيان لڳو ۽ منهنجي دل ٻڏي وئي. ٿوري ويرم کان پوءِ جڏهن اها پيهر سامت ۾ آئي، تڏهن ايئن محسوس ٿيم، ته چڻ آءٌ ڪنهن اهڙي اونهي کوهه ۾ ڪِري پئي آهيان، جتي هر شيءِ ڌُنڌلي ۽ دهشتناڪ هجي، جتي ڊپ منهنجي وجود جي نس نس کي پڪهرائي ڇڏيو هجي. اهو ٻين ماڻهن جو ڊپ نه هو. مان ماڻهن جي پرواهه ڪو نه ڪندي آهيان. اهو خدا جو خوف به نه هو، ڇو ته ان ۾ مون کي اعتقاد ني ڪونهي. اهو درد جو خوف به نه هو، ڇو ته مان تڪليف ۽ درد کان گهبرائڻ واري به ڪو نه آهيان. اهو صرف تنهنجي هئڻ جو هُورُ ۽ انهن حالتن جي اميئي جو دردُ هو، جن تنهنجي هستيءَ کي نيستيءَ مان نپوڙي، منهنجي جسم جو حصو بنائي ڇڏيو آهي.

آءٌ ڪڏهن به تنهنجي آمد جي آرزومند ڪو نه رهي آهيان، توڙي جو الاهي عرصي کان مون کي اها سُڌَ به رهي آهي، ته تون ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن وجود وٺي سگهين ٿو. ان خيال ڪري مونکي تنهنجو اُلڪو به پئي رهيو آهي، پر ان جي باوجود به مون هر لمحي پنهنجو پاڻ کان هميشه لونءِ ڪانڊاريندڙ سوال پئي ڪيا آهن. تو جيڪڏهن پيدا ٿيڻ نه چاهيو، ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ تو جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن مون کي مِهڻو ڏئي وڌو، ته "تو کي ڪنهن چيو هو، ته مون کي پيدا ڪر؟ تو ڪهڙيَ منشا تحت مون کي هي ڏيهه ڏيکاريو. ٻڌاءِ نه....... ڇو ڪيئي پيدا" ته پوءِ ڇا ٿيندو؟

ٻچڙا! زندگي هڪ اهڙي جستجو، هڪ اهڙي جنگ جيان آهي، جيڪا هر روز نئين سرِ لڙڻي پوندي آهي. ان ۾ خوشين جا لمحا ڏاڍا مختصر ۽ محدود هوندا آهن، جن جي به ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي.

آءٌ اهو ڪيئن ٿي چاڻي سگهان، ته توکي جنم ڏيڻ ۾ ني تنهنجو ڀلو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي يا هن دنيا ۾ اچڻ کان عدم واري جاءِ تو لاءِ بهتر رهندي؟ تون مون سان ڳالهائي به ته ڪو نه ٿو سگهين! تنهنجي زندگي جو قطرو فقط هڪ ذرڙو ئي ته آهي، جيڪو مشڪل سان هينئر ئي جُڙڻ لڳو آهي. يقيناً ان کي زندگي نه ٿو چئي سگهجي، پر اهو زندگيءَ جو امڪان ضرور آهي. مون کي اميد آهي، ته تون ڪنهن چرپر يا علامتي انداز ۾ ئي منهنجي مدد ضرور ڪندين. منهنجي ماءُ چوندي آهي، ته مون به سندس ڪُک ۾ پاڻ محسوس ڪرائيو هو، تڏهن ئي هن مون کي هن دنيا ۾ آڻڻ جي جرئت ڪئي هئي.

توکي اها سُڌ هئڻ گهرجي، ته منهنجي ماءُ به مون کي پيدا ڪرڻ نه ٿي چاهيو. منهنجي تخليق جي ڪهاڻي به ٻن وجودن جي لاپرواهه سنجوڳ جو نتيجو آهي، جن ڪڏهن به منهنجو جنم ڪونه ٿي چاهيو ۽ انهيءَ ڪري ئي منهنجي ماءُ هر رات گلاس پاڻيءَ ۾ ڪجهه دوائون ملائيندي هئي ۽ اهو روئي روئي پي ڇڏيندي هئي. هوءَ ان رات به روز جي معمول جيان دوا مليل پاڻي پيئڻ واري هئي، جو مون سندس ڪُک ۾ پنهنجي هئڻ جو احساس ڏياريندي، کيس وينتي ڪئي هئي، ته مون کي ضايع نه ڪري ۽ هن پنهنجي چپن تائين آندل پاڻيءَ جي گلاس کي موٽائي هيٺ پَٽَ تي هاري ڇڏيو هو ۽ ڪجهه مهينن ڪانپوءِ آءُ پيدا ٿي هيس. اهو صحيح هو يا غلط، تنهن لاءِ آءُ وثوق سان ڪجهه به چئي نه ٿي سگهان، چو ته آءُ جڏهن پُرمسرت هوندي آهيان، تڏهن سمجهندي آهيان، ته اهو صحيح هو، پر جڏهن غمگين هوندي آهيان، تڏهن لڳندو اٿم ته اهو غلط هو. ان جي باوجود به مون پنهنجي مصيبت زدهه ۽ زندگي جي المناڪ لمحن ۾ ڪڏهن به پنهنجي پيدائش تي پڇتايو ڪونهي، چو ته نه هئڻ کان وڌيڪ بدتر دنيا ۾ ڪائي شيءِ ڪونه آهي.

مون کي اهو وري ٻيهر واضع ڪرڻ ڏي، ته آءُ درد کان ڊڄڻ واري ڪونه آهيان، چو ته درد اسان سان گڏ جنم وٺندو آهي. اسان سان گڏ وڏندو ويجهندو ۽ جوان ٿيندو آهي ۽ اسان ان جي سهڪار جا پنهنجي ٻن هٿن ۽ پيرن جي حقيقت جيان عادي بڻجي ويندا آهيون. سچ پڇين، ته ٻچڙا مون کي موت جو ڊپ به بلڪل ڪونهي، چو ته موت جو مطلب، اهو هجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿو، تہ توهان ناموجود کان نجات پائي، گهٽ ۾ گهٽ ڪڏهن وجود تہ ورتو هو. آءٌ سچ پچ جنهن کان خوفزده آهيان، اهو ناموجود، نہ هئڻ ۽ ڪڏهن بہ وجود نہ وٺي سگهڻ جو ڊپ آهي، جيڪو پلي ڪٽي ڪنهن حادثي، ڪنهن جي غلطي يا بي احتياطي جو نتيجو ٿي چو نہ هجي. ڪيترين ئي عورتون خود کان اهو سوال ڪنديون آهن، تہ هو پنهنجي اولاد کي هي ڏيهہ چو ڏيکارين؟

صرف بکون ۽ سرديون برداشت ڪرڻ لاءِ؟

ڏوکا کائڻ ۽ تذليل سهڻ لاءِ؟

فقط مرضن ۾ مرڻ ۽ لڙائين ۾ قتل ٿيڻ لاءِ؟

انهن کي ڪڏهن بہ اهو يقين ڪونہ ايندو آهي، تہ ڪڏهن انهن جي ٻارن جي فاقہ ڪشي ختم ٿيندي. انهن جي سيءَ ۾ ڏڪندڙ لڱن کي ڪو ڪپڙو نصيب ٿيندو. ڪڏهن زندگي ۾ سندن اولاد کي ڪو مقام ۽ مرتبو بہ حاصل ٿيندو ۽ ڪڏهن هو پنهنجي جيون جي جستجو سان جنگ ۽ بيمارين جو انت آڻڻ ۾ سوڀارا بہ ٿي سگهندا. ٿي سگهي ٿو، انهن جو خيال صحيح بہ هجي، پر ڇا نيستيءَ کي پيڙا جي نسبت وڌيڪ اوليت ڏئي سگهجي ٿي؟

آءٌ توڙي جو، پنهنجي خوابن جي ناڪامين، محرومين ۽ جيون ۾ جي پيڙائن ٿي، نير وهائيندي رهي آهيان، پر پوءِ بہ نيستي بدران مون هميشہ ڏکن کي ترجيح پئي ڏني آهي ۽ اڄ بہ مون کان جيڪڏهن ڪوئي پيدا ٿيڻ ۽ نہ ٿين جي چونڊ مان ترجيح جي باري ۾ راءِ دريافت ڪندو، تہ منهنجي وجود جي نس نس مان پيدا ٿيڻ جي اقرار جو آواز ڪيس ٻڌڻ ۾ ايندو، پر ان جو مطلب اهو بنهہ ڪونهي، تہ اهي سيئي دليل تو تي مسلط ڪري، آءٌ توکي هن دنيا ۾ آڻڻ ٿي گهران، يا توکي جنم ڏئي پنهنجي يا ڪنهن ٻي جي غرض جي خواهش جو پورائو ڪرڻ ٿي چاهيان. اهڙي مون کي ڪائي لوڙ ڪونهي، جنهن لاءِ توکي ڍال بڻايان، تنهن ڪري مون کي تنهنجي ڪائي ضَرورت ڪونهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهن مون کي ڪائي ورندي ڪونہ ڏني آهي. نہ ئي ڪو اشارو ڏنو اٿئي، پر ان ۾ تنهنجو ڪوئي قصور بہ تہ ڪونهي. توکي سَرجيئي اڃان چند ساعتون ئي تہ گذريون آهن، آءٌ جيڪڏهن ڪنهن ڊاڪٽر کان تنهنجي تصديق جي طلب ڪنديس، تہ اهو بہ يقينا منهنجي ان عمل تي مُرڪي پوندو. پر مون فيصلو ڪري ورتو آهي، تہ آءٌ توکي ضَرور جنم ڏينديس ۽ مون اهو فيصلو توکي هڪ تصوير ۾ ڏسڻ کانپوءِ ڪيو آهي.

اها هڪ عورت جي پيٽ ۾ ٽن هفتن جي ٻار جي تصوير هئي، جيڪا "زندگي جي اوسر" جي عنوان واري مضمون سان گڏ هڪ رسالي ۾ ڇپي آهي. ان تصوير کي جيئن ئي آءٌ غور سان ڏسي رهي هيس، تہ اوچتو منهنجو ڊپ ايترو تيزيءَ سان ختم ٿين لڳو، جيترو تيز رفتاري سان اهو ڪنهن لمحي مون ۾ پيدا ٿيو هو. تون ان تصوير ۾ هڪ شفاف ۽ پُراسرار گل جيان پئي لڳين. مٿئين حصي کي تنهنجو مٿو ۽ ٻن اُڀارن واري جاءِ کي آساني سان تنهنجو دماغ تصور ڪري سگهجي پيو، ۽ هيٺيون حصو، جنهن تي هڪ نہ هڪ ڏينهن تنهنجي چهري بڻجي وڃڻ جو يقين ٿي ٿيو. مضمون جي مواد موجب ٽن هفتن جو ٻار وڏ ۾ وڏ هڪ انچ جي اٺئين حصي جي برابر هوندو آهي، جنهن کي نظر سان مشڪل ئي ڏسي سگهبو آهي، پر ان جي باوجود بہ تصوير ۾ تنهنجي اکين جي اوسر جا اهڃاڻ، تنهنجي نَسن جو سرشتو، معدو، جيرا، آنڊا ۽ ڦڦڙن سان مشابهت رکندڙ، تنهنجي وجود جا سيئي حصا چڱي طرح ڏسڻ ۾ ٿي آيا. تنهنجي دل تہ هاڻي کان ئي اُتي موجود آهي، جيڪا وسعت جي حساب ۾ منهنجي دل کان بہ ڪيئي ڀيرا وڌيڪ ڪشادي ٿي لڳي. جنهن ۾ ڌڙڪڻ جو نظام هاڻي کان ئي هلندڙ ٿو ڀاسي. آءٌ توکي قطعاً ضايع ڪرڻ نہ ٿي گهران. تون ڪنهن حادثي جو حصول آهين، يا ڪنهن جي غلطي جي پيداوار، ان جي مون کي ڪائي پرواهہ ڪونهي. هي پوري ڪائنات، جنهن ۾ هر جيوَ جنم ورتو آهي، سا بہ تہ ڪنهن جي غلطي يا شايد ڪنهن حادثي جي پيداوار جو نتيجو آهي!

ڪجهہ ماڻهن جي خيال موجب شروع ۾ هتي گهريَ خاموشي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قبول هئا يا نہ، پر هوڏ تحت متانئن مڙهيا ضرور ويا آهن. يقيناً جيڪڏهن ڪين چوندءِ جو حق ڏنو وڃي ها، تہ هو ڊپ ۾ پيدا ٿيڻ واري خواهش تان نِي هٽ ڪٽي وڃڻ ها، پر ڪانئن ڪنهن راءِ ڪو نہ ورتي ۽ هو پيدا ٿي ويا، زندهہ رهيا ۽ ساڳي ريت ڪنهن کان بنا ڪجهہ پڇڻ جي ٻي انسان کي جنم بہ ڏنائون. ائين ئي ابتدا کان اڄ تائين اهو هَٽَ جو سلسلو هلندو آيو آهي، جنهن جي بقا تي ئي هميشہ اسان جو دارومدار رهندو آيو آهي.

همت ڪر ٻچڙا همت! ڇا هڪ وڻ جي ٻج جو زمين ۾ ڦُٽڻ ۽ اُسرڻ وارو عمل خطرن کان خالي هوندو آهي؟

ان کي ناس ڪرڻ لاءِ تہ، هڪ هوا جي ڦوڪ ئي ڪافي هوندي آهي. هڪ نوريئڙي جي نُهنڊ ئي ان کي پيجي پورا ڪري ڇڏڻ جي سگهہ رکندڙ هوندي آهي، پر ان جي باوجود بہ، اهو زمين ۾ اسري، پنهنجو وجود برقرار رکي، وڻن جي هڪ جهنگ کي جنم ڏني ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن، تو مون سان شڪايت ڪئي، تہ مون تو کي جنم ڇو ڏنو؟ تہ آءٌ تو کي اهو ئي جواب ڏينديس، تہ مون بہ اهو ئي ڪيو آهي، جيڪو مون کان اڳ لکين ڪروڙين ورهين کان وڻي وڻ ڪندا آيا آهن ۽ منهنجي خيال ۾ آءٌ ان ۾ حق بجانب هونديس.

آءٌ قطعاً اهو ياد ڪري، ڪڏهن بہ پنهنجو رايو تبديل ڪو نہ ڪنديس، تہ انسان بحرحال وڻ ڪو نہ هوندا آهن. شعور ۽ ساڃاهہ سبب انسان جون تڪليفون ۽ درد وڻن کان هزارين ڀيرا وزني ۽ وڌيڪ پيڙائيندڙ هوندا آهن.°

ڀلا! انسانن جي ايڏي واڌ ۾، سندن ڪهڙي ڀلائي آهي؟ هر داڻو درخت بہ تہ ڪو نہ ٻٽبو آهي. انهن مان گهڻائي پنهنجو وجود اڪثر مٽيءَ ۾ وڃائي ويهندا آهن ۽ اها صورتحال هر ڪنهن لاءِ ممڪن هوندي آهي.

ٻچڙا! هر منطق پنهنجي وجود ۾ تضادن جو پنڌار هوندو آهي. جيڪڏهن هڪ لمحي تون هڪ خيال جو اظهار ڪندين، تہ ساڳي پَلِ ئي تنهنجي سوچ ۾ ان جو ابتڙ بہ اُڀري ايندو، ايتري تائين جو اهو اُبتڙ تنهنجي ڀرين خيال جيان ئي تو کي پياري ۽ سگهارو بہ ڀاسندو. اهو ئي سبب آهي، جو اڄ جو سچ سياڻي جو ڪرڙ ٿي سگهي ٿو، حقيقت ۾ آءٌ اُلجهن ۽ انتشار جو شڪار بڻجي وڻي آهيان. ٿي سگهي ٿو تہ ان جو سبب اهو بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي، جو آءٌ ان ڳالهه جو اقرار توکان سواءِ ٻي ڪنهن سان ڪري نہ ٿي سگهان؟ آءٌ هڪ اهڙي عورت آهيان، جنهن تنها جياپي جي خود چونڊ ڪئي آهي. تنهنجو پيءُ مون سان گڏ ناهي، تنهن جو مون کي افسوس ڪونهي، توڙي جو منهنجا نيڻ اڄ بہ ان تاڪ کي اڪثر تڪيندا رهندا آهن، جتان هو بنا پُٺ ورائي ڏسڻ جي ڪنور قدمن سان گذري ويو هو ۽ مون کيس روڪڻ جي ڪوشش بہ ڪو نہ ڪئي هئي. شايد اسان وٽ هڪٻئي کي چوڻ لاءِ ڪجهه بچيو ئي ڪين هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پر جيڪڏهن تون مرد ٿي ڄائين، ته به مون کي ايتري ئي مسرت يا شايد ان کان به وڌيڪ خوشي ٿيندي، ڇو ته ڪيترين تعدين، مصلحتن ۽ خوارين کان تو کي ڇوٽڪارو ملي ويندو. تو جيڪڏهن مرد ٿي جنم ورتو، ته پوءِ توکي تاريڪ راهن ۾ ڪڏهن به عصمت لٽجڻ جو ڊپ ڪو نه رهندو. تو کي پنهنجي منظورِ نظر بنجڻ لاءِ سُندر ڇهري جو سوداءُ ڪڏهن به ڪو نه ستائيندو، ۽ نه ئي پنهنجي ڏاهپ لاءِ مناسب قد ڪاٺ جو سهارو وٺڻ جي ضرورت پوندي. نه ئي ڪڏهن توکي پنهنجي محبوبه سان موهه وندڻ جي نتيجي ۾، گارين ۽ شرمسارين برداشت ڪرڻيون پونديون. ڪو به توکي ڇوڻ وارو ڪو نه هوندو، ته تنهنجو صوف پٽڻ وارو عمل عظيم گناهه جي مترادف آهي. عورت جي نسبت توکي جيئڻ لاءِ تمام ٿورڙي جستجو ڪرڻي پوندي. تون اهو به آساني سان ڄڻي سگهندين، ته جيڪڏهن خدا آهي، ته اها اڇن وارن واري پوڙهي عورت به ٿي سگهي ٿي، ته هڪ خوبصورت نوجوان ڇوڪري به، ڇو ته تون هر امر جي انحرافي بنا ڪنهن تذليل ۽ سزا جي ڊپ جي ڪري سگهندين.

ان کان علاوه تون هر محبت به پيٽ ٿي وڃڻ جي خدشي ڪانسواءِ پوري اعتماد ۽ فخر سان ڪري سگهندين، پر جيئن ته هن دنيا ۾ جياپو مرد لاءِ به ڪا گلن جي سيج ڪو نه هوندو آهي، تنهنڪري تو کي ناانصافين ۽ ڪيترن ئي قسمن جي غلامين سان منهن به ڏيڻو پوندو. تنهنجي مرداڻي هانءِ ۽ مضبوط جسم ڪري، توکي وڏا بوجهه ۽ بار کڻڻا پوندا ۽ حالتن جي ستمر ظريفيءَ کي وڏي جگر سان برداشت ڪرڻو پوندو. تون جيڪڏهن تڪليف کان ڪُنجهندين، ڪُرڪندين، ته توکي ڏاڙهي مُنهن ۾ هجڻ جا طعنا ۽ مِهڻا ملندا. تنهنجو مٿو هوندو ۽ ڏاڍن جي لٺ هوندي، جيڪي تو تي جنگ ۾ مرڻ يا مارڻ جا حڪم پيا صادر ڪندا ۽ تون انهن ازلي آمريت جي تسلسل نادري حڪمن اڳيان ڏاڍو لاچار ۽ بيوس هوندين. انهيءَ ڪري ئي تنهنجو هن دنيا ۾ مرد ٿي پيدا ٿيڻ حيرت انگيز مشڪلاتن جي مترادف نه هوندو، پر عورت جيان تو کي مايوسيون تمام گهٽ پلئه پونديون. تون جيڪڏهن مرد ٿي جنم ورتو، ته مون کي يقين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزمائش آهي، جنهن ۾ تنهنجي جنم جي آزمائش ڪا ايڏي اوکي ڪو نه هوندي. شايد تنهنجي ايتري ننڍڙي عمر ۾، مون کي تو سان اهڙن ڏکن، پيڙائن ۽ زندگي جي تلخين جون ڳالهيون ڪرڻ بدران جيون جي سُندرتائن ۽ حسناڪين جون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن، پر ٻچڙا! اهو ته توسان نسورو دوکو ٿيندو. منهنجو اهو عمل ته ايئن هوندو، جيئن آءٌ توکي صرف يقين ڪرائڻ لاءِ چوندي هجان، ته زندگي پٿريلي ۽ پير پٿون ڪنڊڙ راهه نه آهي، پر اُها ته پشم جو اهڙو رنگين ۽ نرم قالين آهي، جنهن تي اُگهاڙي پيرين پنڌ ڪري سگهجي ٿو.

سچ ته اهو آهي، ته زندگي اهڙو پٿريلو گسُ آهي، جنهن تي سفر دوران پاڻ ڪِرڻ کان ۽ پيرن کي پٿون ٿيڻ کان بچائي ٿو، ته ڪنهن جي هٿ ۾ سنبريل پٿر ان وچ‍ير متي کي رتو چاڻ ڪرڻ جو ڪَمُ سر انجام ڏئي ٿو وجي. خبر ناهي، آءٌ به الائي ڇا پئي ٻوليان؟ جيڪڏهن اُهو ڪنهن ٻُڌي ورتو، ته يقيناً مون کي متي ڦريل يا سنگدل ضرور چوندو. مون تنهنجي ڇهن هفتن واري عمر جي فوٽو کي چڱي طرح سان ڇنڊائي ڏٺو آهي. توڙي جو تون اڃان اڌ انچ جيترو مَس ٿيو آهين، پر ان جي باوجود به تو ۾ ڪافي تبديليون رونما ٿي چڪيون آهن. تون پُراسرار جيت مان تبديل ٿي، هينئر ڪنهن سُندر جيت يا پاڻيءَ ۾ آهستي آهستي پَرَ ڦهلائيندڙ ڪنهن ننڍڙي مڇي جيان پيو لڳين. ها، اُهي چار پَرَ جيڪي اڳتي هلي تنهنجي ڄنگهن ۽ ٻانهن جو روپ اختيار ڪندا. تنهنجون اکيون هڪ دائري ۾ بند ٻن ننڍڙن نقطن جيان ٿيون لڳن. تنهنجو بدن هڪ ليڪ جيان پورو نظر ايندڙ آهي. مضمون جي مواد مطابق تنهن جي عمر وارو هي عرصو ٻين کير ڏيندڙ جانورن جي ڳڀ کان ڪافي مختلف ۽ نرالو آهي، پر ان جي باوجود به تنهنجي چهري ۽ دماغ جو ڪو ئي وجود واضع نظر ڪو نه پيو اچي. ٻچڙا! آءٌ تو سان مخاطب آهيان، پر تون ته اڃا اهو سُٽڻ جيترو به ڪو نه ٿيو آهين. چوڌس پکڙيل اونداهي ۾ اڃان توکي پنهنجي وجود جي ڪَلَ ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري آءٌ توکي ضايع به ڪري سگهان ٿي، جنهن جو تو کي پتو به ڪو نه پوندو ۽ تو کي اها سُڌَ به ڪا نه رهندي، ته مون تو سان ڀلائي ڪئي يا برائي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سمجهڻ لڳو. آخرڪار اهو طئي ٿيو، ته تنهنجي پرورش جو خرچ اسين ٻئي برداشت ڪنداسين، ڇو ته ان ۾ ٻئي ذميوار به ته هڪ جيترا هئاسين. الائي ڇو ان لمحي مون کي شديد ڪوفت محسوس ٿي ۽ ان شخص لاءِ پاڻ کي شرمسار محسوس ڪيم، جنهن سان مون جنون جي حد تائين پيار ڪيو هو.

ڪنهن ڏينهن آءٌ تو کي ان ڪاروبار بابت به تفصيلي طور ٻڌائيندس، جنهن کي پيار چيو وڃي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ هن وقت تائين ته آءٌ ان گورک ڌنڌي کي پوري طور پروڙي ڪو نه سگهي آهيان! منهنجي خيال ۾، هي اهو طلسم آهي، جيڪو فقط آدم ذات جي غلامي ۽ خاص اسيري لاءِ ئي ايجاد ڪيو ويو آهي. پيار جي باري ۾ پادري ۽ اديب کان وٺي سياستدان، اشتهار پرچارڪ ۽ هڪ عاشق تائين هر ماڻهو اِيئن ٿو ڳالهائي، ڄڻ دنيا ۾ صرف اهو ئي سيني عذابن، مرضن ۽ الَمن جو علاج هجي، پر حقيقت ۾، ان پرچار سان هو اسان جي روحن کي رڃ ۾ رُلائي رهيا آهن. مون کي ڪراهت آهي اهڙي لفظ کان، جيڪو هر جاءِ تي ۽ هر ٻولي ۾ ايترو سستو ۽ سولو وڪامجي ٿو. ”مون کي پنڌ سان پيار آهي. منهنجي پيئڻ سان پريت آهي. مونکي آزادي سان عشق آهي. مون کي محبوب سان موه آهي ۽ اولاد سان اُنس آهي“ .

آءٌ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي باقي جيون ۾، ڪڏهن اهڙن لفظن جو استعمال قطعاً ڪو نه ٿي چاهيان، توڙي جو انهيءَ لاءِ مونکي ڪيترن ئي موقعن تي پنهنجي دماغ ۽ دل تي آزمائش جو ڀاري پٿر به برداشت ڪرڻو پوندو. مان تو لاءِ به محبت جي ڪائي هام ڪو نه ٿي هڻان، ڇو ته محبت جي تعلق بدران مون تو کي پنهنجي ڪُکِ ۾ زندگي جي صداقت ڪري ئي سانديو آهي. تنهنجي پيءُ بابت به، مون جيترو ويچاريو آهي، ته انهيءَ لاءِ به ايئن محسوس ٿيو اٿم، ته مون ان سان به ڪڏهن پيار ڪو نه ڪيو هو. آءٌ يقيناً ڪانئس متاثر رهيس ۽ ها، کيس حاصل ڪرڻ جي حسرت به رهي، پر ڪڏهن به ساڻس پيار ڪو نه ڪيم. منهنجي جيون ۾ ان کان اڳ به جيڪي مرد آيا، مون کي انهن مان به ڪنهن سان عشق ڪو نه هو. اهي سيئي منهنجي جيون ۾ ڪنهن سياهه پاڇي جيان رهيا، جن جي تلاش جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نتيجو هميشه ناڪامي ئي نڪتو. اها ٿورڙي ناڪامي بحرحال مون لاءِ گهڻي سبق آموز رهي. ان ئي مون کي سمجهايو، ته اسان جي آزادي کي پائمال اُها پُراسرار سرمستي ڪندي آهي، جيڪا اسان ڪنهن آدميءَ جي عشق ۾ محسوس ڪندا آهيون. ان مدهوشي کان وڌيڪ دنيا ۾، ٻي ڪا زنجير ڪانهي، جيڪا توهان کي انڌي غلامي ۽ مجبوري ۾ مبتلا ڪري، ايترو بيوس ۽ لاچار بنائي سگهي. تنهنڪري اهڙي سرمستي جي نالي تي، ٻي ڪنهن کي پاڻ ارپي ڇڏڻ جو مقصد فقط پنهنجي خوديءَ تان هٿ کڻڻ، پنهنجي حقن تان دستبردار ٿيڻ، پنهنجي وقار ۽ آزادي کي داوَ تي لڳائي ڇڏڻ جي مترادف هوندو. اهو ايئن هوندو جيئن ڪو ئي ٻڏندڙ بي [illegible] ساگر ۾، هٿ پير هڻي، اهڙي ڪناري تي پهچڻ جي جستجو ڪندو [illegible] جنهن جو ڪو ئي وجود ئي ڪونهي، ۽ اهو بي وجود ڪنارو، جنهن کي محبت ڪرڻ ۽ محبت ۾ سرمست هجڻ سڏن ٿا، تنهن جو نتيجو، توهان جي احساس محرومي، پيڙا ۽ پڇتاءُ ئي نڪرندو. ايتري تائين جو توهان کي گمان ٿيڻ لڳندو، ته ان گهري پاڻي ۾ خود توهان جي پيڙا، ڪنهن لاءِ حاصلات جي حسرت، تنهائي جي خوف، خاموشي جي خدشي يا وري اهڙي قوت جي ڪشش اچي، توهان کي اڇلايو آهي، جنهن کي چند ماڻهو، چاهه، پيار ۽ محبت چون ٿا، پر مون کي اڃان به خدشو آهي، ته اها ان کان به بدتر اهڙي بُکَ هجي ٿي، جنهن جو جيڪڏهن هڪ ڀيرو پيٽ ڀري پورائو ڪجي ٿو، ته هڪ قسم جي ڊوَ ۽ ان مان اُڪتاهٽ ۽ اُلٽي جو احساس جنم وٺڻ لڳي ٿو. ان سڀ جي باوجود به ڪو ئي اهڙو گس ضرور هوندو، جيڪو ان ميري ٿي ويل لفظ جي حقيقي معنيٰ سمجهائڻ ۾ منهنجي رهنمائي ڪندو.

ڀڄڙا! اڃان به ڪوئي نه ڪوئي اهڙو ذريعو ضرور هوندو، جيڪو مون تي اهو انڪشاف ڪندو، ته محبت ڇو ۽ ڇا لاءِ آهي؟، جنهن جي ڄاڻڻ لاءِ آءٌ عرصي کان بي چين ۽ بي قرار رهي آهيان. ٿي سگهي ٿو، اهو ئي سچ هجي، جنهن لاءِ هميشه امڙ چوندي آئي آهي، ته ”محبت اهو احساس آهي، جيڪو هڪ ماءُ پنهنجي اولاد کي پنهنجي آغوش ۾ کڻڻ وقت محسوس ڪندي ۽ سوچيندي آهي، ته هو ڪيترو نه تنها، بيوس ۽ غير محفوظ

آهي" پر گهٽي قدر اهو به، تيستائين برقرار رهندو آهي، جيستائين هن ۾ توهان جي انحرافي ۽ تذليل ڪرڻ جي طاقت ڪو نه هوندي آهي، پر جڏهن هو، پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙو ٿي ويندو آهي، تڏهن توهان جي ڪيسر ڪائي پرواهه ڪو نه رهندي آهي. ممڪن آهي، تون ئي اها هستي هجين جيڪا ان اوکي چار اکري لفظ "پيار" جي مڪمل معنيٰ مون تي واضع ڪري! ها، تون جيڪو منهنجي ئي خون جي خوراڪ تي پلجي ۽ منهنجي ئي ڏنل پساهن تي جي رهيو آهين.

مون کي خبر آهي، ته اڪثر عاشق جدائي ۾ هڪٻئي جون تصويرون ڏسي روح کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ هر گهڙي منهنجي هٿ ۾ به، تنهنجي تصوير رهڻ لڳي آهي. اڄڪلهه ها ئي جڻ ته، منهنجي وڏي وندر ٿي پئي آهي. جيئن ئي ٻاهران گهر ۾ اچان ٿي، تنهنجي تصوير واري ميگزين تي نيڻ ڄمي ٿا وڃن. آءٌ هر پَل تنهنجي ڏينهن ۽ عمر جي تاريخن ڳڻڻ ۽ تو کي ڏسڻ جي اوسيئڙي ۾ رهڻ لڳي آهيان. اڄ تو کي پورا ڇهه هفتا ٿيا آهن. ان ڏيڍ مهيني جي عمر ۾ ئي تون ڪيترو نه سُندر بڻجي ويو آهين! هاٿي تون ڪنهن جيت ۽ ڪنهن مڇي يا ڪنهن ٻي ناڻءِ چيز نظر اچڻ بدران هڪ گول گلابي مٽي ۽ ڪنڌي جي واضع ٿي ويل هڏين سميت مڪمل ماڻهو پيو لڳين.

هاٿي تنهنجون ٻانهون، ڪنهن غير واضع اُيار، يا ڪنهن مڇي جي پَرنِ جيان محسوس ٿيڻ بدران خوبصورت ڪنيڙائين وانگر لڳڻ لڳيون آهن، جن کي ڇُهڻ ۽ تو کي پائڻ لاءِ منهنجو من ڏاڍو بي چين ٿي رهيو آهي، پر هي ڇا، ننڍڙي آني وانگر نظر اچي رهيو آهي؟

تصوير موجب تون هڪ اهڙي شفاف آني نما دائري ۾ محفوظ آهين، جنهن جي مشابهت شيشي جي بيضوي گلدان سان ڪافي ملندڙ جُلندڙ آهي، جنهن ۾ عام طور گلاب جا گل سَجائي رکبا آهن، پر هتي ان گلدان نما آني ۾ گلاب جي گلن بدران تون آهين، آني مان رڳن جو هڪ مُڇو اُبري هڪ بال جهڙي اچي گولائي تي ختم ٿئي ٿو، جتي ڳاڙهي ۽ آسماني رنگن جا به ننڍڙا ٽبڪا آهن، جيڪي ائين ٿا لڳن، جيئن هڪ ڏسندڙ کي هزارين ۽ لکين ميلن جي فاصلي تان ڌرتي نظر ايندي آهي ۽ اهو سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجھ هڪ بي انت تند ۽ طويل زندگي جي تصور جيان ٿو لڳي، جيڪو ذرتيءَ کان اُپري زمان ۽ مڪان جون سيئي سيمائون پار ڪري، تو تائين هڪ منطقي ۽ با معنيٰ طريقي سان پهتو آهي. تنهنڪري ڪو ني ڪيئن ٿو چئي سگهي، تہ انسان صرف فطرت جو هڪ حادثو آهي؟

ڊاڪٽر مون کي ڇهن هفتن کان پوءِ اچڻ لاءِ چيو هو، آءٌ سياٽي ونس وينديس. تنهنڪري منهنجي جيءَ ۾ ڪيترين ني چنتائن جون ڇُهنڊڙيون ڇُپي رهيون آهن، ليڪن هر ڇُهنڊڙي کان پوءِ من ۾ چين ۽ مسرت جي مُرڪ بہ جرڪڻ لڳي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هُن ڪاغذ جو ٽُڪرو هٿ ۾ ڪٽندي، سنجيدگي ۽ سَرهائي سان چيو، ”مبارڪ هجيوَ ميڊم“ . مون تُرت ئي سندس تصحيح ڪندي وراڻيو، ”ميڊم نہ، مسِ“ . منهنجي وضاحت ڇڻ سندس ڳل تي زوردار چماٽ جيان لڳي ۽ هن جي چهري تان سنجيدگي ۽ سَرهائي اُڏامي وئي. عجيب نظرن سان هُن مون ڪي گهوريندي صرف ايترو چيو، ”اوه.......؟“ ۽ پوءِ پين ڪٽي ميڊم کي ڪَٽي ڪاغذ تي مِسِ لکيائين. توڙي جو هڪ آرامده ۽ اُجري ڪمري ۾ وينل اڇي لباس واري مرد جي اظهار سائنسي طور تنهنجي وجود جو اعلان بہ ڪيو، تڏهن بہ انهيءَ جو مون تي ڪوئي اثر ڪو نہ ٿيو، ڇو تہ گهڻو عرصو پهريان ئي ان جي مون کي پڪ هئي، پر منهنجي ازدواجي حيثيت کي ايتري اهميت ڏني ويندي ۽ هڪ ڪاغذ جي ٽُڪري تي بہ ان جي تصحيح ضروري ٿي پوندي! تنهن گهڻ ۾ گهڻ مون کي حيران ضرور ڪيو. انهيءَ روش مان نہ مون کي پنهنجي آئيندي جي اوکائين ۽ خطرن جي اندازي جو چڱي طرح احساس ٿي ٿيو. منهنجو ننگو تي ٽيبل تي ليٽڻ ۽ ڊاڪٽر ۽ نرسن جو بي رُخي ۽ بيزاريءَ سان منهنجي جسم سان رانديڪي جهڙو ورتاءُ يقيناً مون لاءِ پيڙائيندڙ ۽ عذاب ناڪ هو. هڪ پيري آءٌ ٽيبل تي ليٽيس تہ سهي، پر هڪ مخصوص لوهہ جي پليٽن تي پنهنجون ٽنگون ٽاهي رکڻ وسري ويم، جنهن تي نرس انتهائي جارحانہ انداز ۾ منهنجي ٽنگن کي ٽاهيندي غصي ۾ چيو هو، ”هتي رک، هتي.........“ مون کي اهو سڀ ڪجهہ ڏاڍو بي هودو ۽ ڀيانڪ لڳو هو، پر پوءِ بہ هن جڏهن منهنجي ننگي جسم مٿان ٽوال رکيو هو، تڏهن مون کان سندس سڀ بي وڙائيون وسري ويون ۽ مون مُرڪي انجو شڪريو ادا ڪيو هو، پر انکان بہ وڌيڪ بدتر حالت مون سان تڏهن ٿي، جڏهن ڊاڪٽر پنهنجي هٿن تي دَستانا چاڙهي انتهائي بي دردي سان پنهنجون آڱريون منهنجي جسم ۾ داخل ڪيون ۽ هو انهن سان اندر بار بار گهُٽون هڻندو رهيو، جن نہ صرف مون کي ايذايو ٿي، پر مون کي اهو بہ ڊپ ٿي ٿيو، تہ مٿان منهنجي شادي شده نہ هجڻ جي گناهہ ۾ هو توکي نہ ڇيپاٽي ڇڏي!

نيٺ هن پنهنجون آڱريون ٻاهر ڪڍيون ۽ ٻڌايائين، تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ۽ پنهنجي معمول مطابق آهي. ان سان گڏ هن مون کي ڪجهہ صلاحون بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۽ ڪٿي اهي پنون نہ سندس نڙي ۾ لهي ويون هجن، پر ائين ڪو نہ ٿيو هو. پنونَ ۽ ماپ واري ڦيٽ ڪانئس هيٺ فرش تي ڪري پيا هئا. ڪيس ايترو پريشان ڏسي مونکي افسوس ٿيو هو. مان پنهنجي صاحب وٽ ويس. ها، منهنجو صاحب، جيڪو ٻين ڪيترن ئي سرمائيدارن ۽ ڪامورن جيان اهو شخص آهي، جيڪو منهنجي محنت خريد ڪري، مون کي پيٽ گذاري جيترا پئسا ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪيس اهو نہ ٻڌايان ها، تہ مان ٿورن ئي ڏينهن ۾ اڳي جيان ڪم ڪرڻ جي قابل نہ هونديس، تہ اها سراسر ساڻس بدديانتي ٿئي ها. تنهن ڪري مون سندس آفيس ۾ وڃي، ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو. هو ٻڌڻ سان ئي ٻُنجي ويو. ٿوري دير کان پوءِ جڏهن زبان سندس ساٿ ڏنو، تڏهن منهنجي فيصلي جي تائيد جو اظهار ڪيائين يا ڪٿي ائين چئجي، تہ منهنجي جرئت جي ڏاڍي تعريف ڪيائين ۽ اهو پڻ تاڪيد ڪيائين، تہ اها ڳالهہ هر ڪنهن سان ڪرڻ ۾ منهنجي ڪائي چڱائي ڪونهي. "اسين تہ خير زماني جا ماٺهو آهيون. ان تي پاڻ ۾ ڳالهائي ۽ ان کي سمجهي بہ سگهون ٿا، پر جيڪي ان مامرن جي سمجهڻ جي قابل ئي ڪو نہ آهن، انهن سان تو کي قطعاً ٻاڦ بہ ٻاڦوڙڻ نہ گهرجي. بحرحال تو کي پنهنجي فيصلي تي اجان بہ ويچارڻ لاءِ وڏو وقت پيو آهي. ٽن مهينن کان پوءِ بہ آساني سان هر شيءِ حل ٿي سگهي ٿي. تو کي فقط ان لاءِ ذهني طور تيار ٿيڻ جي ضرورت آهي". هو بار بار منهنجي فيصلي جي تبديلي جي امڪانن جي باري ۾ ڳالهائيندو رهيو ۽ اهي پنهنجي جاءِ تي وزندار بہ هئا. "هڪ جذباتي مسئلي لاءِ تون پنهنجو پورو شاندار مستقبل داوَ تي ڇو پيو لڳائين؟ ان ۾ مهينن ۽ سال ڪن لاءِ ڪنهن ڪم جي رڪجڻ جي ڳالهہ ڪونهي، پر اهو تہ تنهنجي سڄي زندگي جي تبديلي جو سوال آهي ۽ تو کي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي، تہ تنهنجي موجودگي ڪارڻ ئي ڪمپني تو کي تنهنجي ترقي جا موقعا فراهم ڪري ۽ توکي رياعتون ڏئي ٿي. آءٌ هن اداري ۾ هميشہ ڪو نہ هوندس". هن وڏي ڏيرج سان چيو، "تو لاءِ مون وٽ ڪافي اهم ۽ ڪارائتا ڪم آهن. تون پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري، جيڪو بہ نتيجو ڪڍين، ان کان مون کي صرف آگاهہ ڪجانءِ، مان تنهنجي هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ هر لمحي موجود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**هينئر** تائين تنهنجي ڪُلِ ڪائنات صرف هڪ آنو آهي، جنهن ۾ تون بنا ڪنهن ٻوجهه جي تَري رهيو آهين. تون هن وقت ساڍن ڇهن هفتن جو ٿي ويو آهين، جنهن کي طبي ماهر آمينيوٽڪ ساڪ سڏن ٿا، جنهن ۾ ڪيميائي پاٿياٽ تو کي زميني ڇڪ ۽ منهنجي چرپر جي لوڏن لُمن کان محفوظ رکي ٿو ۽ ان ذريعي ئي تنهنجي ڪاڌ خوراڪ به ٿئي ٿي. چار ڏينهن اڳ تائين، تنهنجي ڪاڌ خوراڪ جو اهو ئي واحد ذريعو هو. ڏاڍي ڏکيائي ۽ اعتبار ۾ نه اچڻ واري طريقي سان، تو گذريل چئڻ ڏينهن کان تنهنجي وجود جي ان حصي مان خوراڪ پٽي حاصل ڪئي آهي جنهن کري تنهنجي ان پرورش وارين گهڙين تي، مون جنهن لمحي به غور ڪيو آهي، ته مون کي تو تي ۽ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو فخر محسوس ٿيو آهي.

آنول ۾ تنهنجي رَتُ جي قطرن جو انگ وڌي ويو آهي ۽ هر شيءِ تيزي سان ترتيب وٺي رهي آهي. هاڻي تنهنجي رڳن جي صورت به صاف پٽي نظر اچي، ايتري تائين جو تنهنجو ناڙو جنهن ذريعي تون، مون مان آڪسيجن ۽ ٻيون جياپي جون ضرورتون حاصل ڪري رهيو آهين، سو به واضع طور ڏسڻ ۾ پيو اچي ۽ ان سان گڏ تنهنجو جيرو، جنس ۽ ٻيا اندروني عضوا به پنهنجي پوري صورت ۾ سرجڻ لڳا آهن. ٻچڙا! تو کي ته اڃي ئي اها سُمڌ آهي، ته تون مرد آهين يا عورت، پر مان ته تنهنجا ننيڙا هٿ ۽ سُندر آڱريون ڏسي، خوشي ۾ ٻَهڪڻ لڳي آهيان. تنهنجو ننيڙو وات، سنهڙا چپ ۽ انچ جي اڌ حصي جيتريون ننيڙيون اکيون بلڪل نظر پيون اچن. تنهنجي زبان ۽ وات ۾ ڏندن جا ويهه نشان به موجود آهن. اهو سڀ ڪجهه چند هفتن جي عمر جي ٻار ۾ واضع ٿي وڃڻ، مون لاءِ جهڙو ڪر ناقابل يقين ۽ افسانوي آهي، پر جيڪڏهن دنيا جي ههرين جنم وٺندڙ جاندار جي پيدائش، جنم وٺڻ، زنده رهڻ ۽ مرڻ کان پوءِ وري جيئري ٿيڻ جي اصول تي تخليق ڪئي وئي آهي، ته پوءِ يقيناً ان جو پورو عمل به ايئن ئي سرجيو هوندو، جيئن تنهنجي بتدريج ترتيب وٺندڙ حياتيءَ، هر لمحي اوکي مرحلن مان گذري، ڪڏهن سُلجهي ته ڪڏهن اُلجهي پنهنجي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مڪملتاتي پهتي آهي. ٻچڙا! تو ڪيڏا نه مُشقت جا مرحلا طئي ڪيا آهن! ڪير ٿو چوي، ته تون پيٽ جي پاٿيات ۾ بنا ڪنهن تحرڪ جي آرامي پيو آهين!

ڪير ٿو چوي، ته تون پُرامن ۽ متر آوازن جي آسائش ۾ پُرسڪون سُتل آهين؟ مون کي يقين آهي، ته اهو مسلسل ساهن جو سهڪو ۽ ٻي سُري آوازن جو شور، تو کي ڏاڍو تنگ ڪندو هوندو.

ڪير ٿو چوي، ته تون پيٽ ۾ پيل ڪنهن جامد سبزيءَ جيان هڪ مادو آهين، جنهن کي هڪ چمچي جي نوڪ سان ٿي ناس ڪري سگهجي ٿو؟ هنن جو خيال آهي، ته تو مان نجات جو، مون لاءِ هيءُ مناسب وقت ۽ موقعو آهي. ان ڪان اڳ جو تون اڪين، هٿن ۽ ڇهري وارو مڪمل انسان بڻجي وڃين، مونکي تنهنجي هن ننڍڙي ۽ اسرڻ واري عمر ۾ ئي تنهنجو انت آڻي ڇڏڻ گهرجي. هو تنهنجي معاملي ۾ ڪيڏا نه جنوني ۽ وحشي بڻجي ويا آهن!.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**منهنجي** سنڪتياٽي، جيڪا هڪ شادي شده عورت آهي. مون کي چيو ٿي، ته منهنجي ڪَلَ ٽُٽي وئي آهي. هوءَ ٽن سالن ۾ ڇهن ٻارن کي ڪيرائي چُڪي آهي. ڪيس اڳ ئي ٻه ٻار آهن، تنهنڪري هوءَ ٽيون ٻار نه ٿي پيدا ڪرڻ چاهي، ڇو ته سندس مڙس جي آمدني تمام ٿوري آهي. هوءَ خود به نوڪري پيشا عورت آهي. سندس خيال موجب، ان ۾ نئي سندس جياپو آهي ۽ ان کان سواءِ هوءَ زندهه رهڻ جو تصور به نه ٿي سگهي. هَن جي ٻارن جي سار سنڀال سندس سَسُ لهندي آهي. هوءَ چوندي آهي ته، "محبت، محبت لاءِ ڪرڻ گهرجي، نه ئي ٻارن پيدا ڪرڻ لاءِ. ايئن ته ڪڪڙيون به هر آني مان چوزي کي جنم ڪو نه ڏينديون آهن. جيڪيڏهن انهن جي هر آني مان چوزو جنم وٺڻ لڳي، ته جيڪر هي جَڳُ ته مرغي خانو بڻجي وڃي. ڇا تو کي اها خبر ڪونهي، ته ڪيتريون ئي ڪڪڙيون پنهنجا آنا خود پِي وينديون آهن؟ ۽ ڪير نه ٿو چاهي ته اهي آري تي به سال ۾ هڪ يا ٻه پيرا ويهنديون آهن؟

ڇا تو کي اها خبر ڪونهي، ته سيهاڙيون پنهنجي ڪمزور ٻچن کي انهيءَ ڪري کائي وينديون آهن، ته جيئن هو پنهنجي ٻين صيحتمند ٻچن کي چڱي طرح پالي سگهن؟ ڇا انهن جو ابتدائي اُجل، ان کان بهتر ڪونهي، ته اهي وڏا ٿي ڇِڪي ڇڪي مَرن يا ماريا وڃن؟"

"منهنجي خيال ۾ انهن کي اهڙي عَذابن ۽ اُجل لاءِ پيدا ڪرڻ بجاءِ جنم ئي نه ڏجي ته بهتر آهي." مان جڏهن به ڪيس اهو جواب ڏيندي آهيان، ته هوءَ آپي مان نڪري ويندي آهي ۽ چوندي آهي، "خبر اٿئي! مان گوريون به ورتيون. توڙي جو انهن مون کي بيمار به ڪري وڌو، پر ان جي باوجود به مان اهي لاڳيتو واپرائيندي رهيس. هڪ رات اهي وٺڻ وسري ويم ۽ نتيجي ۾ پهريون ٻار ضايع ٿي ويو" .

هن ٻڌايو ته اهي گوريون نازڪ عضوي واري جاءِ ۾ ڪنهن جراحي واري اوزار جي مدد سان رکيون وينديون آهن ۽ اهو پورو عمل ايڏو ته پيڙائيندڙ هوندو آهي، جو ڪيترين عورتن جا ته ان جي مسلسل درد ۾ پساهه ئي پورا ٿي ويندا آهن. تون حيران هوندين، ته آلا اڄڪلهه توسان هي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪهڙيون ڳالهيون پئي ڪريان؟ سچ پچ ته اهو خود مان پاڻ به ڪو نه پئي چاڻان؟ ٿي سگهي ٿو، ماڻهو مون ڪي ان باري ۾ اميد ڏياريندا ۽ حراسيندا رهيا آهن. اهو به ممڪن آهي، ته مون ڪنهن موڙ تي بنا ڪنهن سُڌِ جي ان باري ۾ غور ويچار به ڪيو هجي. ٿي سگهي ٿو، ته اهو گمان، جيڪو منهنجي جيءَ ڪي جهوري رهيو آهي، تو کان سواءِ ڪنهن ٻي سان اوري ئي نه سگهندي هجانءِ!

هينئر تو کي مارڻ جو خالي خيال به چڻ ته مون کي ماري ٿو وجهي، پر ان جي باوجود به منهنجي ذهن ۾ عجيب خيال اچي رهيا آهن. مان هن وقت به ڪڪڙين جي پنهنجي آنن پيٽڻ واري عمل تي پريشان آهيان. مون کي هينئر به سيهاڙين جو پنهنجا ٻچا کائي وڃڻ وارو احساس عذابي رهيو آهي. ان پريشاني واري عالم ۾، آءٌ جڏهن پنهنجي سنگتياڻي کي تنهنجي تصوير ڏيکاريان ٿي ۽ ان ۾ خاص ڪري تنهنجي اکين ۽ هٿن جي نشانن واري جاءِ ڏانهن اشارو ٿي ڪريان، تڏهن هوءَ چوي ٿي، ”انهن کي ڏسڻ لاءِ ته مائڪروس ڪو پ کان به وڌيڪ مؤثر ڪنهن مشين جي ضرورت آهي“. هوءَ چڙِ مان چوي ٿي، ته مان وهمي بڻجي وئي آهيان، تنهنڪري ئي ڏينهن ۾ تارن ڏسڻ جي ڪوشش پئي ڪريان. هوءَ وڌيڪ ڪاوڙ ۾ چوي ٿي، ”تنهنجو ان ڏيڍر جي ٻچن جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ جن کي تون پنهنجي باغ واري تلاءَ مان فقط انهيءَ ڪري ڪيرائي ٻاهر ڦٽو ڪرائيندي آهين، ته متان اهي وڏا ٿي تنهنجي راتين جي ننڊ ۽ آرام نه ڦٽائي ڇڏن“!

مون کي اهو پورو پورو احساس آهي، ته آءٌ بنهه ئي بي رحمي سان، ان دنيا جا عيب ثواب تنهنجي اڳيان کوليندي رهي آهيان، جنهن ۾ تون جلدئي اچڻ وارو آهين. اسان جي ڪوتاهين جو ڪارو چِٽو ۽ سهنجون سيئي اهي ڳالهيون، جيڪي مان وقت بوقت توسان ڪندي آئي آهيان، تولاءِ يقيناً مُنجهيل سُٽَ جي مترادف هونديون، پر مون کي يقين آهي، ته تون آهستي آهستي هڪ ڏينهن انهن سيني کي پروڙي وينديں، ڇو ته تون اڳ ئي هر چيز بابت گهڻو ڪجهه ڄاڻندڙ آهين ۽ تنهنجي ان ڄاڻ جي شروعات اُن ڏينهن کان ٿي هئي، جنهن ڏينهن مون توکي اهو ٻڌايو هو، ته ڌرتي به آني جيان گول ۽ بيضوي آهي ۽ سمنڊ ان پيٽ جي پاڻياٺ وانگر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جنهن ۾ تون تري رهيو آهين. پر سچ پُڇين تہ مون جيڪو ڪجھ توکي سمجھائڻ چاهيو هو، اهو سمجھائي ڪو نہ سگھي هيس ۽ اوچتو ئي مون کي محسوس ٿيو هو. تہ اهو سڀ ڪجھ مون کان اڳ ئي تون چڱي طرح ڄاڻين ٿو، تنهنڪري ئي هاڻي مونکي پنهنجي اندازن جي سچ ثابت ٿي وڃڻ جو هميشہ گمان رهڻ لڳو آهي.

جيڪڏهن تنهنجي آني ۾ هڪ ڪائنات موجود آهي، تہ پوءِ ان ۾ شعور ڇو نہ ٿو ٿي سگھي؟ ڇا اهو سچ ناهي، تہ تحت الشعور وجود جي سَمر تي جو اهو نقش آهي، جيڪو دنيا ۾ اچڻ کان اڳ بہ موجود هو؟

جي ايئن آهي، تہ پوءِ مون کي ٻڌاءِ، تہ ڇا تون اهو ئي ناهين، جو هر چيز کان آشنا آهي؟ مان توکي وينتي ٿي ڪريان، مون کي ٻڌاءِ تہ سنڌءِ زندگي جي ابتدا ڪڏهن ٿي؟ ڇا تنهنجي زندگي جي شروعات ٿي چڪي آهي؟ ۽ جيڪڏهن ان جي ابتدا ٿي چڪي آهي، تہ پوءِ ان کي ڪيترو عرصو ٿيو آهي؟ اها "ڪُن فيڪون" واري لمحي سرجي يا ان گھڙي، جڏهن تنهنجي دل جُڙڻ ۽ رت دوڙ ڪرڻ لڳي؟ يا ان پَلِ جڏهن تنهنجي دماغ جي تشڪيل ٿي ۽ تون انساني روپ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو؟ يا اُها ڪا ٻي گھڙي آهي، جيڪا اچڻي آهي؟

ڇا تون صرف هڪ زير تڪميل مشين جيان آهين؟ ٻچڙا! تون ئي ٻڌاءِ، تہ تنهنجي خاموشي ٽوڙڻ لاءِ آءُ ڇا ڪريان؟ پنهنجي ۽ تنهنجي درميان حائل ديوار کي ٽوڙي، توکي ڏسڻ، توکي ٻُڌڻ ۽ تنهنجي ورندي وٺڻ لاءِ مون کي ڇا ڪرڻو پوندو؟ ان لاءِ تون ئي منهنجي مدد ڪري سگھين ٿو، ڇو تہ تون ۽ مان هڪ اهڙو عجيب جوڙو آهيون، جن جي هرشيءِ جو هڪٻئي تي انحصار آهي. تون جيڪڏهن بيمار ٿي پوندين، تہ مان بہ تو سان گڏ پنهنجي تندرستي وڃائي ويهنديس ۽ منهنجو موت، ساڳي طرح تو لاءِ بہ اَجل ثابت ٿيندو، پر ايتري گھري سُٻنڌ جي باوجود بہ، آءٌ توسان زباني طور رابطو ڪري ڪو نہ ٿي سگھان ۽ نہ ئي وري تون مونسان ڳالهائي سگھين ٿو.

تون پنهنجي بي انت فهم جي باوجود بہ منهنجي ڇهري، منهنجي عمر ۽ منهنجي ڄاڻ کان بي خبر آهين. توکي اها خبر بہ ڪو نهي، تہ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿان آئي آهيان، ڪٿي پئي رهان ۽ جيون ۾ ڇا ڇا پئي ڪريان؟ تون جيڪڏهن ان لاءِ تصور جوڙڻ جي ڪوشش به ڪندين، تڏهن به توکي اهو پتو پئجي ڪو نه سگهندو، ته مان سانوري آهيان يا پُوري، جوان آهيان يا پوڙهي، ڏکي آهيان يا بندري ۽ خود مان به اڃان تائين ان حيرت ۾ آهيان، ته توکي آدمي چوان يا ڪجهه ٻيو......؟

ٻچڙا اسين ٻئي هڪ ئي منزل جا ٻه اهڙا اجنبي وجود آهيون، جيڪي هڪ ئي جسم ۾ هڪٻئي کان نا آشنا ۽ نظر کان اوجهل هوندي به هڪ ئي جيون جي تند سان لاڳاپي تحت ساڳي زندگي جي رهيا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي سچي رات پيٽ جي هيٺئين حصي ۾ سخت سور هئڻ سبب ننڊ ڪو نہ آئي آهي. ممڪن آهي، اها تڪليف تنهنجي ڪري ئي ٿي هجي. مان بستري تي ننڊ ۾ لڇندي ڏاڍا خوفناڪ خواب ڏٺا آهن ۽ انهن ڀيانڪ خوابن مان هڪڙو خواب تنهنجي پيءُ بابت بہ هو، جنهن ۾ هن ڏاڍيون ڪيهون ٽي ڪيون. مون اڳ ڪڏهن بہ ڪيس دانهون ڪندي ۽ لڙڪ لاڙيندي ڪو نہ ڏٺو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ هو انهن جي قابل بہ ڪونهي! هن جا لڙڪ لارون ڪري منهنجي باغ جي تلاءَ ۾ پنجي رهيا هئا، جيڪو بي انت ڇيبلي سان ڀريل هو. ڇيبلي جي اندرئين پاسي قطار ۾ ڏيڏرين جي ڪاري رنگ جا آنا ڪنهن پڇ جيان لڙڪيل هئا. منهنجو تنهنجي پيءُ ڏانهن ايترو توجهہ ڪو نہ هو. منهنجو سڄو ڌيان ڏيڏرين جي آنن کي ناس ڪرڻ ڏانهن هو، ڇو تہ مون نہ ٿي چاهيو، تہ انهن مان ڪو ئي ٻچي جنم وٺي ۽ پنهنجي اڻ وٽندڙ آوازن سان منهنجي راتين جون ننڊون حرام ڪرڻ جو ڪارڻ بڻجي. انهن مان نجات جو طريقو ڏاڍو سولو هو. مون صرف لَڪُڻ سان ڇيبلو ٻاهر ڪڍي، ڪناري تي پڪيڙي ٿي ڇڏيو، تہ جيئن سج جا ساڙيندڙ ڪرڻا نڪرڻ سان ئي ڪين سُڪائي بي جان بنائي ڇڏن، پر ڇيبلو هر هر تِرڪي وجي پاڻي ۾ ٿي ڪِريو، جتي تُرت ئي ڳپَ سان ڳڏجي ٿي ويو، جنهن ڪري لَڪُڻ سان اها ڳپَ ٻاهر ڪڍڻ مون لاءِ ناممڪن بڻجي ٿي وئي. ان وچ ۾ تنهنجو پيءُ رڙيون بند ڪري منهنجي مدد ۾ مصروف ٿي وجي ٿو ۽ هو بنا ڪنهن تڪليف ۽ ڪَهَل جي، وڻ جي ٽاري سان پاڻيءَ مان ڇيبلو اهڙي طرح ٻاهر ڪڍڻ شروع ڪري ٿو، جو ان مان ڪو بہ ذرو تِرڪي هيٺ ڪو نہ ٿي ڪِريو. هو پوري اطمينان سان، انهن کي پاڻي مان ڪڍي ڇِپر تي ترتيب سان پٽاريندو ٿي ويو، پر سندس انهيءَ عمل مون کي تڪليف ٿي ڏني، ڇو تہ اهو منظر مون کي اپٹ ٿي لڳو، تہ ڄڻ سج جي گرمي ۾ اهي سَوين سڙندڙ ۽ مَرندڙ ڏيڏرين جا ٻچڙا نہ پر ڪنهن انسان جا ٻچڙا هجن.

مون ڪاوڙ ۾ سَٽَ ڏئي سندس هٿن مان ٽاري ڦُري ورتي ۽ دانهون ڪندي چيم، ”ڪڏهن تو بہ تہ جنم ورتو هوندو؟ ڇڏي ڏي انهن کي، ڇڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏي...... ڇڏين ڇو نہ ٿو انهن کي؟".

مون هڪ ٻي خوفائتي خواب ۾ هڪ ڪينگرو ڏٺي، جنهن هڪ نرم ۽ جاندار جيوَ کي جنم ڏنو، جنهن جي مشابهت هڪ ننڍڙي ڪنئين سان ڏاڍي ملندڙ جلندڙ هئي ۽ جنهن جنم سان ئي ڇوڏاري ڇڻ اهو چاڻڻ لاءِ حيرت مان هتوراڙيون تي ڏنيون، تہ هو ڪهڙي دنيا ۾ اچي ويو آهي؟

ٿوري دير ڪانپوءِ هن ڪينگرو جي وارن واري جسم تي مٿي رڙهڻ شروع ڪيو. هو ڏاڍو سُست رفتاري ۽ جستجو سان ڪِرندو ۽ چڙهندو آخرڪار ان ڳوٿري تائين پهتو، جنهن ۾ پنهنجي آخري ٻي مثال ڪوشش سان پنهنجو پاڻ کي ڳاٽي پر اڇلائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتائين.

مون محسوس ڪيو، تہ اهو تون ڪو نہ هئين، پر اهو ڪينگرو جو ڪچو ٻچڙو هو، جنهن انهيءَ ڪري جنم ورتو هو، ڇو تہ پيٽ جي اسيري مان وقت کان پهريان ئي ڪيس نجات ملڻ جو ڪارڻ اهو هوندو آهي، تہ هن کي ماءُ جي ڪُکِ کان ٻاهر پنهنجي تڪميل جا مرحلا خود ئي طئي ڪرڻا هوندا آهن، پر انهيءَ سان مون اپئن تي ڳالهايو ڇڻ اهو تون هجين. انساني صورت ۾ جهلڪ پسائڻ لاءِ مون سندس شڪريو ادا ڪيو. مون ڪيس اهو بہ ٻڌايو، تہ هينئر پاڻ ٻنهي ۾ ڪائي اجنبيت ۽ ناآشنائي ڪو نہ رهي آهي، جنهن تي اسان ٻنهي کي ڏاڍي سَرهائي ٿي. ايتري تائين جو مون کان ٿهڪ نڪرڻ وارو هو، جو اوچتو ناني اچي وئي. هوءَ ڏاڍي ڪررر ۽ غمگين تي نظر آئي ۽ ايئن تي لڳي، ڇڻ پوري دنيا جي بوجهہ جي پهاڙن سندس ڪلهن کي ويتر جُهڪائي ڇڏيو هجي.

هن جي پوڙهي هٿن ۾ ٻوتيل نيٽن ۽ وڏي مٽي واري ننڍڙي ڳُڏي هئي. هن چيو تي، "مان ڏاڍي پڇي ٽٽي پئي آهيان. مسلسل آٺ ٻارن ضايع ٿيڻ ڪري، وجود ۾ ڪابہ وِتُ ڪو نہ رهي اٿم. جيڪڏهن دولت هجيم ها، تہ هينئر آٺن ٻارن بدران سورنهن ٻارن جي ماءُ هجان ها ۽ ڪو بہ حمل ضايع نہ ٿئي ها. اهوَ سمورو ڪوڙ ٿو هجي، تہ هڪ حمل ضايع ٿيڻ کان پوءِ عورت ان جي عادي بڻجي ويندي آهي، پر حقيقت ۾ هر حمل هڪ نئين ۽ پهرين تجربي جيان هوندو آهي، جيڪو مَتِ جي موڙهل پادرين کي الائي ڇو سمجهہ ۾ ڪو نہ ايندو آهي." ؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناني، مسيح جي مصلوب تصوير جيان ننڍڙي ڳڏي کي کنيو چرچ ۾ داخل ٿي ۽ چائنٽ ٽپنڊي ٿي گوڏن ڀر جُهڪي آزين ۽ نيازين سان پنهنجي مجبورين جو اعتراف ڪرڻ لڳي. اوچتو پويان پادريءَ جو ڪڙڪيدار آواز اُڀريو، ”تون وڏي گناهگار آهين. تو انهن انسانن جا قتل ڪيا آهن ۽ انسانن جو قاتل قطعاً معافي جو حقدار ڪو نه هوندو آهي!“ ناني ڊپ ۾ ڏڪڻ لڳي، جو ته ٻيا ماڻهو به اهو سڀڪجهه ٻڌي رهيا هئا. هوءَ پادريءَ کي ايلاز ڪندي رهي، ”فادر! ڏاڍيان نه ڳالهاءِ ماڻهو ٻڌي ٿا ٻڌن. مان توکي وينتي ٿي ڪريان، منهنجا عيب نه اُگهاڙ، ڏڻي واسطي ڌيرج ڪر، تنهنجو گوڙ مون کي ڪنهن مصيبت ۾ نه اڙائي وجهي!“

ناني جي ايلازن جي باوجود به پادري جو اوچو آواز نه گهٽيو ۽ هوءَ اتان کسڪي نڪتي. هوءَ گهٽين ۾ ڊوڙندي رهي ۽ پويان پوليس سندس پيڇو ڪندي رهي، پر پوڙهي هئڻ جي باوجود به ناني جو ايترو ثابت قدمي سان ڊوڙڻ، مون لاءِ ڏاڍو حيران ڪندڙ ۽ اُستاهيندڙ هو. مون کي اهو خوف کائي رهيو هو، ته جاڻ هن جي دل ٽٽي ۽ هوءَ مَري ويندي. پوليس گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي کيس دروازي ٻاهران اچي پڪڙيو. هُن کان گڏي ڦري سندس ٻانهون پويان ٻڌي ڇڏيائون. هن کين چيو، ”مون کي افسوس آهي، پر ڇا ڪريان؟ ان کانسواءِ مون وٽ ٻي ڪا واهه ئي ڪو نه هئي! آءٌ مجبور هيس، جو ته ايترن ٻارن جي پرورش ۽ پالنا لاءِ مون وٽ وِتُ ۽ دولت ئي ڪو نه هئي“.

مان پيٽ جي هيٺين حصي ۾ شديد سور جي سٽَ اُڀرڻ سبب جاڳي پيس. سوچان ٿي مون کي پنهنجي سنگتياڻي سان گهٽو ملڻ جلڻ بند ڪرڻ گهرجي. اهو شايد سندس تقريرن جو اثر ئي آهي، جو آءٌ اهڙا ڀيانڪ خواب ٿي ڏسان. ڪالهه شام هن مون کي رات جي ماني جي ڪُوٽَ ڏني هئي. سندس وَرُ ڪيڏانهن ٻاهر ويل هو، ۽ هن جي خيال ۾ تو بابت ويچارن ونڊڻ جو اهو ئي سندس لاءِ سونهري موقعو هو، پر مون لاءِ اهو هر لمحو ڏاڍو اذيتناڪ ۽ پيڙائيندڙ هو. هن اتي ايڇ.بي مَنسن نالي هڪ ڊاڪٽر کي به گهرايو هو، جنهن گفتگو دوران مون تي واضع ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي ته، ”پيٽ ۾ ڪجهه ٻار دراصل هڪ نباتاتي وجود کان ٿورو ننڍڙو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي تسڪين لاءِ ٻين جي خيالن ۽ جذبن جو خون ڪري، سُرخرو ٿيڻ گهرندا آهن، پر مون ڪي ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي. مان پنهنجي قول تي هر حال ۾ قائم آهيان. جڏهن مون ڪي پنهنجو پاڻ تي پختو يقين آهي ۽ مان پنهنجي وهمن، ڏکن ۽ وسوسن کي به ذري گهٽ وساري چڪي آهيان، ته پوءِ هي مٽي جا چڪر ۽ پيٽ ۾ چُيندڙ ٽوريون سور جون سَٽون منهنجو ڪجهه به بگاڙي ڪو نه سگهنديون.

ٻچڙا مون کي توتي ۽ پنهنجو پاڻ تي پورو اعتماد آهي. انهيءَ ڪري مان هر مشڪلات کي مُنهن ڏئي به توسان توڙ نڀائينديس، ته جيئن تون وڏو ٿي هڪ پادري (جنهن جون خوف ناڪ رڙيون، اڄ به مون کي ننڊ ۾ ٻڌڻ ۾ ايندڙيون آهن) هڪ پوليس واري ( جنهن ناني جون ٻانهون ڀَڏيون هيون) هڪ ڊاڪٽر مَن سَن ۽ منهنجي سنگتياڻي جهڙو بنجڻ بدران هڪ نرالو انسان بڻجين، جو ته پادري جي روپ ۾ تون خدا ۽ پوليس واري جي صورت ۾ تون رياست جي ملڪيت بڻجي ويندين. تون نه خدا جي ملڪيت آهين، نه رياست جي ۽ نه ئي وري منهنجي، جو ته تون ڪنهن ٻي جي ملڪيت بجاءِ فقط خود پنهنجي ذاتي پاڻ آهين، جو ته اهو تون ئي ته آهين، جنهن هن پوري سلسلي جي شروعات ڪئي آهي. تو تي پنهنجي خواهشن ۽ حڪمن مسلط ڪرڻ وارو منهنجو خيال محض منهنجي خام خيالي هو.

توکي ڪُک ۾ سانڍي، مون ته صرف ان اَمرُ جي تعميل ڪئي آهي، جيڪو تو مونکي جيون قطري جي عمل وقت ڪيو هو. منهنجي ڪا به چونڊ ڪونهي. مون ته فقط تعميل ڪئي آهي ۽ ان عمل جا سيئي نتيجا توکي نه پر مون کي ئي ڀوڳڻا آهن. ڇا اهو انهيءَ جو نتيجو ڪونهي، ته تون منهنجي جسم سان چُهٽي، منهنجي ئي خون تي پلجي رهيو آهين؟ ڇا منهنجو اُلٽيون ۽ آت انهيءَ جو ثبوت ڪونهن؟ پورو هفتو محنت طلب ڪمن ۾ مصروف هئڻ ڪري، مان بيمار ٿي پئي آهيان. هڪ جنگهه به ٽوٽرجي وئي اٿم. پر طئي ٿيل پروگرام کي ملتوي ڪرڻ به مون لاءِ ڏاڍو اوکو آهي، جو ته آءٌ پنهنجي صاحب کي چڱي طرح سڃاڻان. هن اڄ ئي سخت لهجي ۾ پڇيو ٿي، ته مان ان سفر تي وڃي سگهنديس يا.....؟ ۽ پاڻ ئي وراڻيو هئائين ته، ”يقيناً تون ڪنهن به صورت ۾ پنهنجو وچن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڙيندين.“ .

اهو هڪ اهڙو ڪم آهي، جيڪو منهنجي ڏانوَ وٽان آهي، جنهن جي پوراڻي جو هو ڏاڍو منتظر آهي ۽ مان به ان کي تُرت ئي پورو ڪرڻ ٿي گهران، پر جيڪڏهن نه وڃي سگهيس ته......... ؟ آءٌ ضرور وينديس. ها، ڊاڪٽر چيو ڪو نه هو ته، ”حمل بيماري نه پر هڪ فطري عمل ۽ عام رواجي حالت آهي، جنهن بر مون کي اڳ جيان هر ڪم بنا ڪنهن اُلڪي جي ڪرڻ گهرجي.“ مون کي يقين آهي، ته تون ان حوالي سان منهنجو سهڪاري رهندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**جيڪو** ڪجهه مون سان اچانڪ پيش آيو، ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر مون کي بستري تائين محدود رهڻ جي سخت هدايت ڪئي آهي. مان بنا ڪنهن چرپر جي پُٺي پر اجان تائين بستري تي آهيان. تون سمجهي سگهين ٿو، ته اهو سيڪجهه مون جهڙي اڪيلي عورت لاءِ ڪيترو نه مشڪل هوندو. جيڪڏهن دروازي تي گهنٽي وڄندي، ته مون کي ئي اُٿي دروازو کولڻو پوندو ۽ ان کان علاوه رڌ پچاءَ، ڪاٺڻ، صفائي ڪرڻ ۽ وهنجڻ کان وٺي ننڊ مان جاڳڻ تائين سڀ ڪم خود مون کي ئي ڪَرڻا پوندا آهن. پر اها ٻي ڳالهه آهي، ته اڄڪلهه ان معاملي پر منهنجي سنگتياڻي، مون سان ڪافي هٿ ونڊائي رهي آهي. مون ڪيس پنهنجي فليٽ جون چابيون ڏئي ڇڏيون آهن، ۽ هوءَ ڏينهن پر ٻه ڀيرا منهنجي گهر جو چڪر ڏئي، ماني وغيره پچائي ويندي آهي. مان ڪڏهن ڪڏهن ڪيس چوندي آهيان، ”تون به عجيب عورت آهين. ٽين ٻار کي جنم ڏئي پالڻ ڪو نه ٿي چاهيئي ۽ هينئر مون جهڙي بالغ کي پالي رهي آهين.“ هوءَ وراڻيندي آهي، ”نابالغ جي نسبت بالغ پالڻ وڌيڪ سولو هوندو آهي، چو ته ان جي سار سنڀال ايترو سرُ ڪائيندڙ ڪو نه هوندي آهي.“

يقين ڪر، جڏهن آءٌ چوان ٿي، ته منهنجي سنگتياڻي ڏاڍي سٺي عورت آهي، ته سچ پچ هوءَ آهي به، ۽ اهو فقط مان انهيءَ ڪري ڪو نه پئي چوان، ڇاڪاڻ ته هوءَ اڄڪلهه منهنجي خدمت ڪري رهي آهي، پر انهيءَ ڪري به ته هُن ڊاڪٽر مَن سَن ۽ سماجياتي اُڪابرن جي راين جي حمايت ڪرڻ واري ڳالهين تان به هٿ کڻي ڇڏيو آهي ۽ ڪيس اهو اونو ٿي پيو آهي، ته ڪٿي مان توکي وڃائي نه ويهان.

پر تون ڪو به فڪر نه ڪر، اهڙي ڪائي ڳالهه ڪونهي. ڊاڪٽر پيهر چڪاس ڪانپوءِ ٻڌايو آهي، ته تون بلڪل ٺيڪ آهين. هن وڌيڪ آرام جو مشورو به صرف انهي تڪليف جي انديشي ڪري ڏنو هو، جنهن جا هن ڪيترائي ڪارڻ ٿي ٻڌايا. تون هينئر ٻن مهينن جو ٿي ويو آهين ۽ تو پر ان عرصي دوران ڪيترين ئي نفيس تبديليون رونما ٿي چڪيون آهن. جنهن پر هڪ ڪچي ٻار مان ، تون هينئر پُختي صورت وٺي رهيو آهين. تنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪچي ڪَنڊي واري جاءِ تي مضبوط هڏيون جُڙي رهيون آهن ۽ تنهنجون چنگهون ايئن اُسري رهيون آهن، جيئن وڻ پنهنجون ٽاريون پکيڙيندا آهن. تنهنجي ننڍڙي پيرن تي هاٿي سنهڙيون آڱريون به سرجڻ لڳيون آهن. اسان کي تُن مهينن تائين وڏي احتياط جي ضرورت آهي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ ساڳي معمول جي ڪمن کي لڳي وڃڻ ۾ ڪا ايڏي ڏکيائي درپيش ڪو نه ايندي. هيءَ پُٺي ۾ بيڊ تي پيو رهڻ واري تڪليف به وڌ ۾ وڌ ٻن هفتن لاءِ برداشت ڪرڻي پوندي. مون پنهنجي صاحب کي به پنهنجي لاچاري جو سبب صرف شديد ڪنگهه جي تڪليف جو هجڻ ٻڌايو آهي ۽ هن مون تي يقين ڪري، چند ڏينهن لاءِ سفر ملتوي ڪري ڇڏڻ جي اجازت ڏني آهي. اهو به شڪر آهي، ته اصل صداقت جي ڪيس ڪا کُڙڪ ڪو نه پئي، نه ته هو يقيناً اهو ڪم ڪنهن ٻي کي سونپي ڇڏي ها ۽ اهو به ممڪن هو ته، هو نوڪري مان ئي نيڪالي ڏئي ڇڏيس ها. جيڪو گهٽ ۾ گهٽ اسان ٻنهي لاءِ چڱو ڪو نه هجي ها. جيڪڏهن منهنجي نوڪري هلي وڃي ها ته پوءِ اسان ٻنهي کي پالي ڪير ها؟

گهٽ ۾ گهٽ مون کي تنهنجي پيءُ ۾ ته ڪو ئي آسرو ڪونهي. منهنجي خيال ۾، هو ان خفي ۾ پوڻ جي تڪليف قطعي ڪرڻ به ڪو نه چاهيندو. ڇا تو کي انهيءَ تي ڪو افسوس آهي؟ مون کي ته هر گز ڪونهي. مون کي جيڪڏهن منجهس ڪائي اميد هئي، ته به اها ساڻس ٻه پيرا فون تي گفتگو ڪان پوءِ ختم ٿي چڪي آهي. هو فون بجاءِ مون سان سامهون به ته ملي پئي سگهيو. هن کي اها ـ چڱي طرح خبر آهي، ته آءٌ ڪڏهن به ڪيس شادي لاءِ ڪو نه چوان ها. مون نه اڳ ڪڏهن ڪيس اصرار ڪيو آهي، نه ئي هاڻي ڪيس ان لاءِ مجبور ڪريان ها، ته پوءِ هر ڪهڙي ڳالهه جي ڊپ ڪري مون سان ڪو نه ٿي مليو؟.

ڇا تون سمجهين ٿو ته، هو مون سان محبت واري عمل تي ندامت جو شڪار آهي؟ هڪ ڏينهن جڏهن ناني گرجاگهر ۾ مسيح اڳيان قبوليت جو ڪنڌ جهُڪايو هو، تڏهن پادري ڪيس تنبيهه ڪندي چيو هو، ”مسيح ڪان معافي وٺڻ بدران پنهنجي مڙس سان هر بستري ڪرڻ ڇڏي ڏي،، ڇو ته انهيءَ سان ئي ته تون گناهن جي گند ۾ وڃي ڪِري آهين“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

توڪي ته خبر آهي، ته ڪجهه ماڻهن جي خيال ۾ عورت ۽ مرد جو عظيم گناهه هم بستري ٿي هوندو آهي. سندن چوڻ موجب، ان گناهه مان نجات لاءِ پاڪدامني جي واٽ اختيار ڪرڻ ئي آخري حل هجي ٿو، پر پاڪدامن ڪير هئڻ گهرجي؟ عورت يا مرد؟ فرض ڪريو، جيڪڏهن سندن خيال موجب، اسان سڀئي ان عظيم گناهه جو ارتڪاب ڪرڻ ڇڏي ڏيون، ته پوءِ هي ڌرتي ته اهڙي لڪين ۽ ڪروڙين پوڙهن سان پرجي ويندي، جيڪي انساني نسل کي جنم ڏيڻ جي قابل ئي ڪو نه هوندا. نتيجي ۾ انساني نسل، سائنس فِڪشن جي ڪنهن ڪتا جيان مريخ تي ڪنهن عظيم الشان اُجڙيل ۽ عجيب شهر جو نقش بڻجي ويندو، جيڪو صرف اهڙن جِنن ۽ ڀوتن جي رهائش گاهه وڃي رهندو، جيڪي هئڻ جي باوجود به ڇڻ ته ڪو نه هوندا آهن. يا وري اسان سڀئي ڪي هم جنس پرست بڻجي پوندو، تڏهن ئي ٻار جي پيدائش جي گناهه مان نجات حاصل ٿي سگهندي. ٻي ته ڪائي اهڙي صورت ڪانهي، جيڪا پادرين جا گهربل نتيجا پيش ڪري سگهي؟ پر جيڪڏهن اسين پوڙهن کي ڪارآمد بنائڻ چاهيون، ته انهيءَ لاءِ هڪ اڪسير نسخو آهي، جيڪو تازو ئي مون ڪٿي پڙهيو آهي. جنهن ۾ چيل هو ته، ”جديد حياتياتي سائنس جي ڪرشماتي قوت تحت ڪچي ٻار کي هڪ ڪُکِ مان ٻي ڪُکِ ۾ آساني سان منتقل ڪري سگهجي ٿو.“

ان موجب هڪ فرٽلائيزڊ ايگ کي ڪنهن ماءُ جي ڪُک مان ڪڍي، ٻي ڪنهن اهڙي عورت جي پيٽ ۾ رکي سگهجي ٿو، جيڪا ان جي پرورش ۽ پالنا لاءِ آماده هجي ۽ اها ئي ڪيس جنم به ڏئي سگهي ٿي. هڪ پوڙهي عورت، جنهن کي ٻي تحرڪ بيڊ تي پيو رهڻ ۾ ڪا به ڏکيائي ۽ بيزاري نه ٿيندي هجي، تون جيڪڏهن مون بدران ان جي ڪُکِ مان جنم ورتو، ته انهيءَ تي مون کي ڪو غم ڪو نه ٿيندو، ڇو ته هون به ٻار پالڻ پوڙهين عورتن جو ڪم هوندو آهي. هو ڏاڍيون صابرين ۽ سهپ واريون هونديون آهن. تون منهنجي ڪُکِ مان ڪنهن ٻي ڪُکِ ۾ منتقل ٿيڻ تي ناراض ته ڪو نه ٿينديون؟

آءٌ تو کي زندگي کان محروم ته ڪو نه پئي ڪريان. مان ته صرف تنهنجي پرورش ۽ جنم جي جاءِ جي تبديلي ٿي چاهيان. ٻچڙا معاف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجاڻ، مسلسل بستري تي بي تحرڪ پيو رهڻ، مون ۾ جنهن بيزاري، بي همتي ۽ بي ترتيبي کي جنم ڏنو آهي، تنهن جي ڪارڻ ئي مان تولاء اهڙا اُگرا لفظ استعمال ڪري وئي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ مون سان دلچسپ ۽ هڪ حيران ڪندڙ واقعو پيش آيو. گھنٽي وڳي ۽ آءٌ ڪُنجهندي ڪُرڪندي بستري تان اُٿي دروازي تي ويس، جتي پارسل هٽ ۾ ڪنيو هڪ پوسٽ مين بيٺو هو. اهو پارسل منهنجي والدين هڪ خط سان گڏ موڪليو هو. جنهن تي امڙ ۽ بابا ٻنهي جون گڏ صحيحون ٿيل هيون. ڪجھ ڏينهن پهريان مون ڪين تنهنجي باري ۾ ٻڌايو هو. منهنجي خيال ۾ ڪين آگاهه ڪرڻ منهنجو فرض هو. آءٌ هر صبح سندن جواب جي اوسيئڙي ۾ راهون نهاريندي هيس، پر سندن ندامت ڀري موٽ جو احساس ٿيندي ئي ڪنبٽي وٺي ويندي هيم. تو کي ته خبر آهي، ته هو ڪيتري نه پراڻي خيالن جا ماڻهو آهن؟ پر ندامت جي لفظن بدران خط ۾ لکيل هو ته، ”توڙي جو اها اوچتي خبر، اسان لاءِ صدمي ۽ پريشاني جو سبب بڻي آهي، پر اسان کيِ معصوم ٻار جي آمد جي ڏاڍي خوشي به ٿي آهي.“ هُن وڌيڪ لکيو هو ته، ”اسين هينئر ان جهوني ۽ سُڪل وڻ جي مترادف آهيون، جنهن ۾ ثمر ڏيڻ جي سگھه ۽ صلاحيت ڪو نه رهي آهي ۽ بي ثمر وڻ ڀلا ڪنهن کي ڇا ڏئي سگھندا؟ هاڻي ته تون ئي اهو سائو درخت آهين، جنهن مان اسين ڪجھ سِکي سگھون ٿا. تو جيڪڏهن فيصلو ڪيو آهي، ته اهو يقيناً درست ئي هوندو. اسان تو کي صرف اهو ٻڌائڻ لاءِ هي خط لکي رهيا آهيون، ته اسان تنهنجو سبق دل سان قبول ڪري ورتو آهي.“

خط پڙهي پورو ڪرڻ کان پوءِ مون پيڪيٽ کوليو. ان ۾ پلاسٽڪ جو هڪ ننڍڙو ڊٻو هو، جنهن جي اندر اڇي رنگ جي بوٽن جو هڪ ننڍڙو جوڙو پيل هو. ها، اهو چمڪندڙ ۽ تو لاءِ ملندڙ پيار جو پهريون تحفو، ايترو ته ننڍڙو ۽ نفيس آهي، جو آءٌ جيڪڏهن ان کي پنهنجي هڪ هٿ جي ترِي تي رکان، تڏهن به اُتي اڃان ججهي جاءِ بچي پوندي. مان جڏهن ان سُندر تحفي کي ڇُهان ٿي، تڏهن منهنجو هيانءُ پُري ٿو پوي ۽ نڙي ۾ ڪجھ اٽڪڻ ٿو لڳيم. منهنجي امڙ ڏاڍي مهربان آهي ۽ جيڪڏهن تون به ڪيس ڏسندين، ته هوءَ مون جيان توکي به پنهنجي ماءُ محسوس ٿيندي، جيڪا يقيناً تنهنجي خوش نصيبي آهي. تون ڪيس انهيءَ ڪري به پسند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندين، ڇو تہ هن جو اهو پختو ويساهہ آهي تہ، "ٻار جي وجود کان سواءِ هي دنيا بي بقا ۽ بي معنيٰ آهي". تو کي هوءَ انهيءَ ڪري بہ پياري لڳندي، ڇو تہ هوءَ هڪ اهڙي قداور ۽ پُروقار عورت آهي، جنهن جو هنج هندوري جيان ۽ جنهن جون ٻانهون تولاءِ هميشہ پناهہ وانگر هونديون. مان اڄ تائين انهيءَ تي حيران آهيان، تہ هوءَ ايترا پُرمسرت ٽهڪ ڪٿان ڏئي سگهندي آهي؟ پر منهنجي خيال ۾ جيڪي ماڻهو لڙڪن جي واهڙ مان لُڙهي نڪرندا آهن، اهي دل کولي کِلي سگهندا آهن ۽ اهي ئي زندگي جي حُسنا ڪيئن کي سيني (سُندرتائن سان ماٺي ۽ ملهائي بہ سگهندا آهن، ڇو تہ روئڻ، کِلڻ جي نسبت ڏاڍو اوکو هوندو آهي. يقيناً جلد ئي تو کي ان سچائي جي پروڙ پئجي ويندي، ڇو تہ دنيا سان تنهنجو پهريون واهپو ئي دانهن ۽ درد جي رشتي سان جُڙندو. روشني ڪانوڻي ٻُڪَ ۽ تنگي تائين هرشيءِ تو کي روئڻ ۽ رڙڻ تي مجبور ڪندي. پر جڏهن تو کي ٽهڪ ۽ مُرڪون ملي وڃن، تڏهن اهي مون سان ضرور ورهائجان، تہ جيئن مان سمجهي سگهان، تہ جديد حياتياتي سائنس کي استعمال نہ ڪرڻ ۽ توکي ڪنهن ٻي پُرخلوص ۽ صابرين ڪُراڙي عورت جي ڪُک حوالي ڪرڻ بدران پنهنجي بطن ۾ سانڍڻ وارو منهنجو فيصلو سُچيت ۽ صحيح آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماءُ: جي پيٽ ۾ ٻن مهينن جي عمر واري تنهنجي تصوير، جنهن ۾ تنهنجو چهرو ڏاڍو چٽو ڏيکاريل آهي، مون رسالي مان ڪَٽي ڪمري جي پِٽ تي لڳائي ڇڏي آهي ۽ جڏهن بستري تي آهلي، تنهنجي نيٽن ۾ نهاريندي آهيان، تہ تنهنجي اکين جا الماس موهي وجهندا اٿم.

ان تصوير ۾ تنهنجي جسم جي ٻين حصن جي پيٽ ۾ تنهنجون اکيون ڏاڍيون بيدار ۽ اوجاڳيل لڳنديون آهن، جن ڇا ڏٺو آهي؟ فقط اُجهاڳ پاڻي، صرف اسيري جا ڪوٽ يا مون جيان انهن گهٽو ڪجهہ ٻيو بہ ڏٺو هوندو؟

مون کي خوشي آهي، تہ تنهنجي نيٽن ۾ نظر جي نُدرت منهجي ڪري ئي آهي، پر اهو غم کهائي ٿو وجهيم، تہ تون ترت ئي انهن کي بوٽي ڇڏيندين، ڇو تہ تنهنجي اکين جي ڪناري تي اُپرنڊڙ ڇپرن جي سخت ڪَلَ انهن کي ٿورن ڏينهن لاءِ لِنبي ڇڏيندي، تہ جنين انهن جي حفاظت ۾ ماٺڪيون مڪملتا حاصل ڪري سگهن. تون ڇهن مهينن تائين وري ڇپر بہ ڪو نہ چنيپي سگهندين ۽ ويهن هفتن تائين توکي پيٽ جي تاريڪيءَ ۾ تنها جيئڻو پوندو. اهو سيڪجهہ ڪيڏو نہ اوکو هوندو؟ ها، توڙي جو تون ڪجهہ بہ ڏسي ڪو نہ سگهندين، پر توکي هر شيءِ صاف ٻُڌڻ ۾ ايندي. مون کي تو سان انيڪ ڳالهيون ڪرڻيون آهن. اڄڪلهہ مون کي فرصت ئي فرصت آهي. ٽي-وي ڏسڻ ۽ ڪجهہ ڪتابن پڙهڻ کانسواءِ ٻيو ڪو ڪم ئي ڪو نہ اٿم، تنهنڪري تو کي دنيا جي ڪجهہ بي رحم صداقتن سمجهائڻ لاءِ، منهنجا هي بي تحرڪي وارا ڏينهن ڏاڍا ملهائتا ۽ مفيد آهن. مان نہ ٿي سمجهان، تہ تون سچ پچ هر شيءِ جي باري ۾ سيڪجهہ اڳوات ئي ڄاڻندو هوندين ۽ اها بہ حقيقت آهي تہ، آءٌ جيڪو ڪجهہ ڄاڻان ٿي، تنهن کي تو اڳيان بيان ڪرڻ بہ مون لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي، ڇو تہ تنهنجو ذهن، جيڪو جيڪڏهن موجود بہ آهي تہ، اهو هتان جي مامرن کان بنهہ ئي نا آشنا ۽ نرالو هوندو، ڇو تہ تون پيٽ جي محدود سيمائن ۾ بلڪل ئي اڪيلو ۽ تنها آهين ۽ تنهنجو تجربو خود تنهنجي ذات آهي، پر اسين هتي لکن ۽ ڪرڙون جي تعداد ۾ آهيون. اسان جو هر تجربو اسان جي هر خوشي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غم جو دارومدار پاڻ تي انحصار رکندڙ آهي، تنهنڪري ئي آءُ توکي اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيان، ته تون جنم وٺڻ کان پوءِ گهٽي عرصي تائين تنها ۽ خودمختيار رهي ڪو نه سگهندين ۽ جيڪڏهن تون پاڻ جي ساٿ کان نجات به چاهيندين، تڏهن به انهيءَ ۾ ڪاميابي ماڻي ڪو نه سگهندين، ڇو ته تون جيئڻ اُتي پيٽ ۾ بي پرواهيءَ سان جي رهيو آهين، تيئن هن ٻاهرين دنيا ۾ ايئن تنهنجو آزاد جياپو، هڪ مجنونءَ جي خواب جيان هوندو. ڪيترن ئي قَسمَ ڪائي، هن هجومن جي دنيا کي تياڳي، هيڪلائي جي حاصلات لاءِ ويرانيون ووڙيون آهن، پر ٿوري ئي عرصي جي مسافت ڪانپوءِ اهي مايوس ٿي ۽ شڪست کائي، ان ناممڪن اميد تي انساني دنيا ۾ موٽي آيا آهن، ته ڪين هتي ئي آزادي ۽ آنند ملي ويندو.

هن دنيا ۾ آزادي جي باري ۾ تون گهڻن کي گفتگو ڪندو ٻُڌندين. محبت جيان آزادي به هڪ اهڙو لفظ آهي، جنهن جو ايترو ته غير ضروري ورجاءُ ٿيو آهي، جو اهو پنهنجي وقعت ئي وڃائي ويٺو آهي، پر ان جي باوجود به توکي هتي اهڙا ماڻهو به ملندا، جن آزادي لاءِ وڏا عذاب پوڳيا آهن، جن ان جي حاصلات لاءِ ڏاڍايون ڳريون قربانيون ڏنيون آهن. ايتري تائين جو، انهن مان ڪيترن موت کي به مُرڪندي قبول ڪيو آهي ۽ مون کي يقين آهي، ته تون به انهن جيان ئي هوندين، پر جڏهن تون آزادي لاءِ عذاب برداشت ڪندين، تڏهن ان لمحي ئي تو کي معلوم ٿي ويندو، ته آزادي جو وجود ڪٿي به ڪونهي يا وڌ ۾ وڌ ايتري تائين آهي، جيتري تائين تو اُن جي تلاش ڪئي. اها هڪ خواب ۽ خيال جيان، هن دنيا ۾ تنهنجي جنم کان اڳ، تنهنجي تنها ۽ آزاد ڏينهن جي صرف سُندر يادگيري ئي هئي ۽ بس! ها، توڙي جو تون هينئر قيد نما پيٽ جي ڪوٺي ۾ باندي بڻيل آهين، جتي مان تنهنجي محدوديت ۽ اونداهي جو ڪو اندازو به ڪري ڪو نه پئي سگهان، پر پوءِ به تون ان ڪُکِ جي اونداهي ۾، هن اَجگر جهان ۾ ملندڙ آزادي کان وڌيڪ خودمختيارَ ۽ آزاد آهين. اتي تو کي ڪنهن جي محتاجي ۽ مدد جي ضرورت ڪو نه ٿي هجي. اتي تو سان ڪنهن ٻي آدم جو ساٿ ڪونهي، تنهنڪري ئي تون غلامي جي هر زنجير کان نا آشنا ۽ آزاد آهين، پر هتي هن دنيا ۾ تو تي ڪيئي حڪم هلائڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وارا هوندا. انهن مان سر فهرست تہ خود مان ئي هونديس. جيڪا تو تي نہ چاهيندي يا نہ چاڻندي بہ اهو ڪجهہ مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، جيڪو تنهنجي مرضي بدران منهنجي خواهشن سان مطابقت رکندڙ هوندو. مثال طور اهي خوبصورت ۽ ننڍڙا بوٽ، جيڪي مون لاءِ تہ ڏاڍا موهيندڙ آهن، پر تو لاءِ پتو ناهي ڪيئن هوندا؟

توڙي جو مون کي اهو احساس آهي، تہ جڏهن اهي ننڍڙا بوٽ آءُ تنهنجي پيرن ۾ پارائيندس، تہ تون يقيناً درد ۽ تڪليف ڪان دانهون ڪندين، تڙپندين ۽ انهن جي تنگي تو کي پريشان بہ ڪندي رهندي، پر پوءِ بہ سردي جو عذر ڏئي، آءُ تو کي اهي بوٽ تنهنجي پيرن ۾ رهڻ تي مجبور ڪندي رهنديس ۽ تون آهستي آهستي روئڻ رڙڻ ۽ پيڙا برداشت ڪرڻ ڪانپوءِ انهن جو ايترو عادي بڻجي ويندين، جو جڏهن اهي تنهنجي پيرن ۾ نہ هوندا، تڏهن تون ڏاڍي بي آرامي ۽ ڏکيائي محسوس ڪرڻ لڳندين ۽ اها طويل غلامي جي زنجير جي تو لاءِ ابتدا هوندي، جنهن جي پهرين ڪڙي تنهنجي پيرن ۾ پارائڻ جو عمل آءُ خود ادا ڪنديس، جو تہ تنهنجي پهرين آقا مان ئي هونديس. مان ئي تو کي کارائينديس، پياريندس، مان ئي تو کي وهنجاريندس ۽ پهرائينديس ۽ منهنجون ٻانهون ئي تنهنجي پناهہ گاهہ هونديون، پر جڏهن تون خود کائڻ، خود گهمڻ ۽ خود پنهنجي چونڊ جا فيصلا ڪرڻ جي قابل ٿي ويندين، تڏهن بہ محڪومي پاڇي جيان تنهنجي ساٿ ۾ رهندي. منهنجون خواهشون، منهنجا فرمان هميشہ تنهنجي هنئين ۾ هڪ خوف جو ڪنڊو بڻجي هُرندا رهندا ۽ ايئن الاهي عرصو تنهنجي ڪُليل اکين اڳيان گذري ويندو. جيئن پکي پنهنجي ٻچن کي هڪ ڏينهن آڪيرن مان آزاد فضائن ۾ اڏامڻ لاءِ اجازت ڏيندا آهن، تيئن هڪ ڏينهن اهڙو بہ ايندو، جڏهن مان بہ توکي اجازت ڏينديس. آءُ تو کي اڪيلو ئي گهٽيون، روڊ ۽ رستا پار ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏينديس، پر ان سان تنهنجي آزادي ۽ خود مختياري ۾ ڪو ئي اضافو ڪو نہ ايندو، جو تہ تون ڪنهن نہ ڪنهن جذباتي ۽ احساساتي تعلق جي زنجير تحت مون سان لاڳاپيل هوندين، جنهن کي اڪثر ماڻهو خانداني تعلق جو نالو ڏيندا آهن، پر خاندانن ۽ ڪٽنبن ۾ منهنجو ڪو ئي اعتبار ڪونهي، جو تہ خاندان هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آزادي جي خواب مان ئي لطف وٺڻ جا انڪاري هوندا ۽ تو ڪي تصور ۾ به ان ڪي حاصل ڪندي ڏسي، برداشت ڪري ڪو نہ سگهندا. ظالم ۽ فاخر ماڻهن جي انڌي قانونن جي هڪ ئي تقاضا هوندي آهي، تہ انهن جي اڳيان پهاڙ بڻجي وڃو يا وري اَجل کي قبول ڪري وٺو. مُهذب ماڻهن جي اصولن کان فرار جي ڪا ئي ضرورت ڪو نہ هوندي آهي، ڇو تہ انهن کي تسليم ڪرڻ يا رد ڪرڻ لاءِ دليل جي آزادي موجود هوندي آهي.تون چاهي کهڙي نظام ۾ بہ رهندين، پر ان جي قانونن ۽ نظامن کان فرار ڪنهن بہ صورت ۾ تو لاءِ ممڪن ڪو نہ هوندو. ها، اهو قانون، جيڪو زورآور ۽ ظالم آهي، جنهن جي نصيب ۾ هميشہ سوڀ ۽ سرسي لکيل هوندي آهي. ڀلا تون ان قانون ۽ نظام کان بچي بہ ڪيئن ٿو سگهين؟ جنهن ۾ تو کي ڪجهہ ڪائڻ لاءِ ڏوڪڙن جي ضرورت پوندي. جنهن ۾ ڪجهہ پهرڻ لاءِ ۽ پُرسڪون جيون گذارڻ لاءِ بہ تو کي پنسي جي گهرج پوندي ۽ پئسو هٿ ڪرڻ لاءِ توکي خوب لُوڙڻو پوندو.

ڪيترائي ماڻهو، توکي پورهئي جي عظمت جون ڪيئي ڪهاڻيون ٻڌائيندا. ان جي فائدن ۽ ان مان ملندڙ مسرتن جي ڪٿائن جا ڪيئي باب تو اڳيان ورجائيندا، پر ڪڏهن بہ انهن تي اعتبار نہ ڪجانءِ، ڇو تہ اهو بہ ڪيترن ئي فريبن مان هڪ وڏو فريب آهي، جيڪو سماجي ٺيڪيدارن پنهنجي نظامن ۽ قاعدن کي برقرار رکڻ جي سهولت لاءِ گهڙيو ۽ ٺاهيو آهي.

مزدور جي عظمت جو ڍنڍورو هڪ اهڙو ڍونگ آهي، جيڪو مراعت يافتہ طبقي جي طرفداري، ۽ پورهيت جي تذليل ۽ استحصال ڪندڙ هجي ٿو. مزدوري، پورهيت کي ڏي ڇا ٿي؟

پورهيو، مزدور کي ڪٽي ڇو نہ ڪيترو بہ پيارو لڳي، پر هو هميشہ اهو پنهنجي بجاءِ ڪنهن ٻي لاءِ ئي ڪرڻ تي مجبور هوندو آهي، تنهنڪري ان ۾ مسرت بدران سندس پگهر ۽ جفاڪشي جو گهٽو عمل دخل هوندو آهي. بظاهر توڙي جو، تنهنجو ڪنهن ٻي تي انحصار نہ بہ هجي ۽ تون ڪو زمين جو ٽُڪرو آباد ڪري، ان تي گذارو ڪرڻ گهرندين، تڏهن بہ تو کي موسمن، برساتن ۽ سج جي روشني جي رحم ۽ ڪرم تي رهڻو پوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن تون ڪنهن جي حڪمن جي بجا آوري بجاءِ پنهنجو ڪو ئي ذاتي ڪاروبار ڪرڻ چاهيندين، تڏهن بہ تو کي پنهنجي ضرورتن، خواهشن ۽ پسند نا پسند جي ڪاڻ ڪيڏي پوندي.

ڪو ڏور هو، (جنهن جي يادن جا نقش بہ هينئر شايد حافظي جي پٽي تان مٽجي چڪا آهن) جڏهن پورهئي جو مفهوم اڄ کان گهڻو مختلف هو. پورهيو خوشي ۽ عيد جي ڏينهن جهڙو ڏيک ڏيندڙ هو، پر تڏهن انساني آبادي محدود هئي، جنهن ڪري هر ڪنهن انفرادي عمل مان آساني سان مسرت ٿي ماڻي، پر تو ن هن دنيا ۾ هڪ اهڙي هستي کان ١٩٧٥ ورهيہ پوءِ اچڻ وارو آهين، جنهن کي سارو سنسار يسوع مسيح جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۽ مسيح خود بہ ان پهرين شخص کان لکين ورهيہ پوءِ هن دنيا ۾ قدم رکيو هو، جيڪو اڄ تائين بي نانءُ آهي ۽ جنهن کي هن وقت تائين ڪو بہ هڪ نانءُ ڏئي ڪو نہ سگهيو آهي. ان ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين دنيا ۾ جيڪو ڪجهہ وهيو واپريو آهي، مان تو کي اهو ايئن ئي هن وقت تائين ٻڌائيندي آئي آهيان، پر تون خود ترت ئي انساني هجومن جي هن دنيا ۾ داخل ٿيڻ وارو آهين.

ٻچڙا! پر هن دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ تو کي پيٽ ۾ گذاريل پنهنجو تنها ۽ آزاد جياپو يقيناً ڏاڍو ياد ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مون** تو لاءِ تي سُندر ڪھاڻيون سرجيون آھن، جن کي اصل ۾ هينئر تائين لکي ڪو نہ سگھي آهيان. ڇو تہ بستري تي پُٺيءَ ڀر پئي رهڻ ڪري آءٌ اھي پني تي لکي ڪو نہ ٿي سگھان، تنھن ڪري في الحال اُھي تو کي زباني طور ٿيُ پئي ٻڌايان. ھڪ ڇوڪري ھئي، جنھن کي ميگنوليا (Magnolia) جي وڻ سان محبت ٿي وئي، جيڪو باغ جي وچ ۾ بيٺل ھو. ننڍڙي نينگر اُن وڻ کي پنھنجي گھر جي آخري ماڙ جي دريءَ (جيڪا باغ طرف کلندي ھئي) مان تڪيندي رھندي ھئي. نينگر ننڍڙي ھئي، جنھن ڪري ميگنوليا جي وڻ کي دريءَ مان ڏسڻ لاءِ ڪيس ڪُرسي تي چڙھي بيھڻو پوندو ھو، ۽ جڏھن سندس ماءُ ڪيس اُن حالت ۾ ڏسندي ھئي، تڏھن تمجھڻ مڇائي ڏيندي ھئي. ”يا خدايا! خير، ھوءَ دريءَ مان ڪري نہ پوي!“

ميگنوليا جو وڻ تمام وڏو ھو، جنھن جي پکڙيل ٽارين ۽ پنن سان گڏ گُلَ ڪنھن شفاف رومال جيان ٽڙيل لڳندا ھئا، جن کي ڪو بہ متي ھئڻ سبب پٽي ڪو نہ سگھندو ھو. نينگر ھر روز اُنھن گلن کي پوري جوڀن ۽ سندرتا سان جھومندي، ڪو مائجندي، ۽ ھوا جي ھلڪي ڦوڪ سان ٽاريءَ مان ٽُٽي پَٽَ تي ڪرندي ڏسندي ھئي. ھر روز نينگر جي نيٽن ۾ اھو خواب نئين سرِ اُڀرڻ لڳندو ھو، تہ ڪو نہ ڪو جوان اچي اُنھن ٽڙيل ۽ خوبصورت سفيد گلن مان ھڪ گُل ضرور پٽيندو. ان ھڪ اُميد جي آسري تي، ھوءَ دريءَ جي چائنٺ تي پنھنجون ٻانھون رکي ۽ ٻانھن تي پنھنجي ڪاڏي ٽيڪي پھرن جا پھر پئي دريءَ ڪان ٻاھر ڏسندي ھئي. ھن جي گھر جي آس پاس ٻيو ڪو بہ گھر ڪو نہ ھو، سواءِ ھڪ ڀت جي، جيڪا باغ طرف ڪٿھڙي جيان اُڀريل ھئي، جيڪا اڪثر لٽن سُڪائڻ لاءِ استعمال ٿيندي ھئي. خبر اٿئي! جڏھن گھڻو ڪري ڪپڙا سُڪي ويندا ھئا، تہ تيز ھوا جي گُھلڻ ڪري اُھي ڀت تان ڪِسڪڻ لڳندا ھئا، تڏھن ھڪ عورت تڪڙي تڪڙي اچي، اُنھن کي گڏ ڪري ڀت تان لاھي ويندي ھئي.

ھڪ ڏينھن عورت آئي، ڀتِ تان سُڪل ڪپڙا لاھڻ بدران ميگنوليا جي وڻ کي ڏسڻ ۾ مگن ٿي وئي. سندس اشتياق مان ايئن ٿي محسوس


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي ٿي، جنهن ڪي هر سچائيءَ لاءِ ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي هوندي آهي، پر منهنجي هيءَ آس ته اجائي خام خيالي تي مبني آهي، ان بدران مون لاءِ اها اُميد بهتر هوندي، ته شال تون ترت ئي ان پورڙائيءَ مان نجات حاصل ڪري وٺين، جنهن کي پالڪپڻو ڪوٺيو وڃي ٿو. جيڪو نسورو اپاهجيءَ جي مترادف هجي ٿو، تنهن ڪري تو کي بيوس هئڻ بدران هينئر کان ئي طاقتور، ڦڙت ۽ پنهنجو تحفظ پاڻ ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن تون عورت آهين، ته توکي ايتري مضبوط ٿيڻ جي مشق ڪرڻ گهرجي، جو خود ڪنهن ٻئي جي هٿان ڪنهڙي ڪان اُڇلائجڻ بدران خود ڪنهن کي اُڇلائي سگهڻ جي قابل ٿيڻ جي سگهين. هي به هڪ قانون آهي. ها، جنهن کي توڙي جو غير تحريري حيثيت حاصل آهي، پر پوءِ به پنهنجي وجود ۾ سراپا سچ آهي. اهو تون هجين يا مان. مان خود کي بچايان يا تون پنهنجي تحفظ لاءِ پاڻ پتوڙين، پر جياپو ۽ آزادي اسان جي هن قانون جو اول نقطو آهي، جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ توکي فراموش ڪرڻ نه گهرجي.

ٻچڙا! جياپي جي هِن جنگ ۾ هر ڪو، ٻئي کي مات ڏيڻ جي جستجو ۾ آهي، پر جيڪڏهن ڪو ٻئي ايئن نه ٿو ڪري ته بي سبب مصلوب ٿي وڃڻ سندس مقدر بڻجي وڃي ٿو، ۽ اُنهن جي چٽي تي ڪڏهن به نه لڳجانءِ، جيڪي چون ٿا ته مرڻ، مارڻ کان بهتر آهي، جنهن جي آءٌ ڪنهن به طور تي حامي ڪو نه آهيان. آءٌ قطعاً اهو ڪو نه ٿي چوان ته عورت، مرد کان وڌيڪ معتبر ۽ بهتر آهي، پر مرد جي معتبري کي به بنهه اهو حق حاصل ڪونهي، ته هو ڪنهن تي موت مسلط ڪري، جو ته زندگي پنهنجي جوهر ۾ بُري ۽ بهترجي قدرن کان نرالي هجي ٿي. جنهن جو بنياد سٺي ۽ خراب جي معيارن بدران طاقت ۽ وڌيڪ توانائي جي قوت تي هجي ٿو، جو ته جياپو بذات خود ڏاڍائي جي مظاهري جو نالو آهي. تون جيڪو چمڙي جو بوٽ پائيندين، سو به ڪنهن زوراور، ڪنهن ڍور کي ذبح ڪري، اُن جي کل لاهي، ڪنهن موچيءَ لاءِ ان مان بوٽ ٺاهڻ جوموقعو فراهم ڪيو هوندو. تون سرديءَ کان بچڻ لاءِ جيڪو اوني ڪوٽ اوڍيندين، سو به ڪنهن جانور جي ڪوس کان پوءِ جُڙيو هوندو. توکي چوزي جو جيرو کائڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ تڏهن ملي سگهندو. جڏهن ڪو ني اُن ڪي ڪُهندو. توڙي جو اُن چوزي، ڪُهندڙ جو ڪُجهه بہ ڪو نہ بگاڙيو هوندو آهي، پر تڏهن بہ سندس ڪنڌ تي اُن طرفان ڪاتي ايندي آهي، ڇو تہ هتي هرڪو پنهنجي بقا لاءِ ٻئي جي نڙيءَ تي ننهن ڏيڻ جو قائل هجي ٿو. اينتري تائين جو مڇيون بہ هڪٻئي کي هڙپ ڪري وڃن ٿيون. ساڳي طرح اها روايت پڪيڻ، جيتن ۽ جانورن ۾ بہ عام هجي ٿي، پر منهنجي خيال ۾ اُهي صرف وڻ ۽ ٻوٽا ئي هجن ٿا، جن جو گذارو ٻئي جي گوشت بدران فقط پاڻي، هوا ۽ سج جي روشني تي هوندو آهي ۽ ڪڏهن اُنهن ڪان محروميءَ سبب هو ڪومائجي مٽيءَ ۾ ملي ويندا آهن، پر ڇاهي تو لاءِ اُنهن دهشتناڪ سچائين کي سمجهڻ جو وقت آهي؟ ها تون جيڪو بغير ڪنهن کي ايذائڻ ۽ قتل ڪرڻ جي خود پُرآسائش پرورش حاصل ڪري رهيو آهين!

هينئر ٻي دلچسپ ڪهاڻي ٻڌ. هڪ ننڍڙي ڇوڪري هئي، جنهن کي چاڪليٽ ڏاڍا پسند هئا، پر هوءَ جيترا بہ وڌيڪ چاڪيلٽ چاهيندي هئي، اوترا کيس گهٽ ملندا هئا. ڪو ڏور هو، جڏهن هوءَ جيترا چاڪليٽ طلبيندي هئي، کيس ملي ويندا هئا. تڏهن هوءَ هڪ اهڙي روشن ۽ پُروقار گهر ۾ رهندي هئي، جنهن جي درين مان روشنيءَ جا ڪرڻا رقص ڪندي داخل ٿيندا هئا. پر هڪ ڏينهن جڏهن هن اک پٽي، تڏهن کُليل آسمان ۽ روشن گهر بدران پاڻ کي هڪ کُولي نما گهر ۾ ڏٺائين، جنهن جي درين جي لُوهي جهنگلي کان هيٺ هن کي چند پيرن جي چُرپر ئي مشڪل سان ڏسڻ ۾ ٿي آئي. ڪڏهن ڪڏهن جي ڪوئي ڪُتو ئي اُتان کيس پورو نظر ايندو هو، تڏهن اُن کي پسي کيس ڏاڍي سُرهائي ٿيندي هئي، پر شيخن واري جهنگلي تي جڏهن ڪُتا ڇنگهہ کڻي پيشاب ڪرڻ لڳندا هئا، تڏهن اهو ڏسي نينگر جي ماءُ جي نيڻن مان لُڙڪ لڙي پوندا هئا ۽ هوءَ رڙ ڪري چوندي هئي "او خدايا! هي ڇا ٿي ويو"؟ هوءَ اڪثر جهڄي پوندي هئي، جڏهن سندس نظر پنهنجي وڌيل پيٽ تي پوندي هئي ۽ هوءَ پنهنجي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار سان مخاطب ٿي کيس چوندي هئي، "توکي بہ هن بدحاليءَ وارين حالتن ۾ جنم جي ڪهڙي ضرورت هئي؟" ۽ اهي لفظ جڏهن بستري تي پيل، بيمار ننڍڙي نينگر جي پيءُ جي ڪن تي پوندا هئا، تڏهن ڪنگهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ پنجي ويندو هو ۽ ان ڏينهن کان پوءِ ئي نينگر جي پيءُ جي طبيعت ويتر بگڙجي وئي، ۽ هن جو چهرو هيڊو ٿيندو ۽ اکيون ڏرا ڏينديون ويون ۽ هو ڏينهون ڏينهن دل شڪستا ۽ مايوس ٿيندو ويو. ننڍڙي نينگر جي خيال موجب، سندس والد جي بيماري، چاڪليٽن جي محرومي ۽ مفلسيَ سڀ ان نئين گهر ۾ منتقل ٿيڻ سبب ئي پيدا ٿيا هئا، جتي کُليل آڪاش ۽ خوشين بدران صرف اونداهي ئي اونداهي هئي.

ننڍڙي نينگر جي ماءُ گهر جي گذاري لاءِ هڪ مائٽ اميرزادي جي گهر ۾ نوڪرياڻين جيان ڪم ڪندي هئي. اُن اميرزاديءَ لاءِ مشهور هو ته هوءَ هر روز نئون وڳو مٽائيندي هئي، جنهن سان گڏ ميچنگ طور ڪيس ايترائي هينڊ بيگ ۽ بوٽ هوندا هئا. هن جو شاندار بنگلو درياءَ جي ڪناري تي هو، جنهن جي درين جي شيشن مان شهر جي سيني سندرتائن جو نظارو نظر ايندو هو، پر اُن جي باوجود به اها خوبصورت امير عورت پُرمسرت ۽ پُرسُڪون نظر ڪو نه ايندي هئي. هميشه ڊريس سٺي نه بيهڻ، ٻلي کي زُڪام ٿيڻ ۽ نوڪرياڻي جو ڏينهن جي موڪل وٺي مهينن تائين غائب ٿي وڃڻ جهڙيون ڪيس شڪايتون رهنديون هيون. تنهن ڪري ننڍڙي نينگر جي ماءُ هڪ غير ذميوار نوڪرياڻيءَ جي جاءِ تي پوري زميندارِيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳي. هوءَ هر روز صبح جو نوين بجي بيمار وَرَ کي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي ، امير عورت جي چاڪريءَ لاءِ نڪرندي هئي. هوءَ نينگر کي گهر ۾ پنهنجي بيمار ڦڦڙن جي مريض مڙس سان ڇڏڻ بدران هڪ بجي تائين پاڻ سان تازي هوا ۾ گڏ رهڻ کي ترجيح ڏيندي هئي. هو ٻئي روز پيادل ڪيترين ئي گهٽين لتاڙڻ کان پوءِ شاهوڪار عورت جي بنگلي تي پهچنديون هيون. روز رستي ۾ نينگر جي ماءُ اهي پور پچائيندي ويندي هئي، ته خبر ناهي اڄ اميرزادي جي ڪهڙي ناراضگي سان ڪيس مُنهن مقابل ٿيڻ پوندو. هوءَ همت ساري گهنٽيءَ جي ٻٽڻ تي هٿ رکندي هئي، ۽ موٽ ۾ آهستي آواز ۽ سُست قدمن جي گِسڪي کان پوءِ جيئن دروازو کلندو هو، تيئن ئي امير عورت پيرن تائين لڙڪندڙ گائون ۾ سامهون نظر ايندي هئي، جيڪو ڪڏهن اڇي رنگ جو هوندو هو، ته ڪڏهن وري گلابي ۽ آسماني رنگ جو. هو اندر داخل ٿيڻ سان ئي ڪالهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهہ سمجهي ورتو ۽ ڇت ۾ بي نيازيءَ سان گهورڻ لڳي. نينگر جا نيڻ اجا ڇت ۾ ئي اٽڪيل هئا، جو اوچتو اميرزادي اُٿي، خود ڪلامي ڪندي ۽ پنهنجي ڪارائي مهنيندي بالڪوني ڏانهن مُڙي وئي، جنهن جي سامهون واري گهر جي ڪُشادي بالڪوني ۾ ٻہ امير ٻارڙا ٻيٺا هئا، جن کي اڳي ئي ننڍڙي نينگر ڏسڻ سان سمجهي ورتو هو، تہ اُهي اميرزاديءَ جيان ايترا خوبصورت محض ان ڪري آهن، ڇو تہ هو ٻہ امير آهن. اميرزادي مُسڪرائيندي بالڪوني جي ڪنڌ تي وڃي بيٺي، جتان ٻارڙن کي ڏاڍي ناز ۽ موهہ سان مخاطب ٿي چوڻ لڳي، "اڇو اڇو منهنجا پيارا، ٿورو ويجهو سُرڪي اچو. اچو ڇو نہ ٿا؟ اچو تہ توهان کي خوبصورت ۽ لذيذ چاڪيلٽ کارايان." هوءَ گهر مان چاڪيليٽن سانپريل برني کڻي وري بالڪونيءَ ۾ موٽي آئي، ۽ اُن جو ڍڪڻ لاهي اڌ ڪان وڌيڪ چاڪيلٽ ڪڍي ٻارڙن کي ڏاڍي پيار سان اُڇلائي ڏنائين. پوءِ ٿهڪ ڏيندي موٽي اچي چاڪليٽن جي برني واپس ٽيبل تي رکيائين ۽ اُن مان هڪ چاڪليٽ ڪڍي اُن جو سُنهري ڪَوَر لاهي، ٿوري دير ڪجهہ ويچارڻ کان پوءِ پنهنجي وات ۾ وجهي ان کي کائڻ لڳي. ايتري تائين ننڍڙي نينگر ڪيس عجيب حسرت ڀرين نظرن سان ڏسندي ئي رهي.

اُن ڏينهن کان وٺي اڄ ڏينهن تائين آءٌ چاڪليٽ کائي نہ سگهندي آهيان. جيڪڏهن ڪڏهن کائڻ جي ڪوشش ڪئي بہ اٿم، تڏهن بہ وات ۾ وجهڻ سان اوڪارا ڏئي ٻاهر اُڇلائڻ تي مجبور ٿي پوندي آهيان. ٻچڙا! پر مونکي يقين آهي، تہ چاڪيلٽ تو کي گهڻو پسند هوندا، ڇو تہ آءٌ تو کي لاتعداد چاڪليٽ وٺي ڏيندس. تنهنجي چوڌاري چاڪليٽن جا انبار لڳائي ڇڏيندس، تہ جيئن ڪائي ڪائي تنهنجو اُنهن مان ايترو جيءُ ڀرجي وڃي، جو انهن کان منهنجي محرومي جي احساس جو، منهنجي ذهن تان بوجهہ لهي وڃي.

توکي ترت ئي ظلم ۽ زيادتيءَ سان مُنهن مقابل ٿيڻو پوندو. اها الڳ ڳالهہ آهي، تہ تون ان لاءِ اڳواٽ ئي ذهني طور تيار ٿي چڪو هوندين. ظلم ۽ نا انصافي فقط اها نہ ٿي هجي، جنهن تحت ڪائڻ لاءِ ڪڪڙ کي ذبح ڪيو ٿو وڃي، ڍور جي چمڙيءَ لاءِ اُن کي ڪُنو ٿو وڃي ۽ هڪ عورت کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**مونکي** هن ڪهاڻي جي طلسمي يا حقيقي هجڻ جي ته ڪا ئي سُڌ ڪونهي، پر پوءِ به آءٌ اها تو کي ٻڌايان ٿي. هڪ ڇوڪري هئي، جنهن کي آئيندي تي ڏاڍو اعتبار هو. هر ماڻهو سندس آئيندي روشن هجڻ جو آٿت ڏئي ڪيس سياڻي ٿي پر ايمان رکڻ جو درس ڏيندو هو. چرچ ۾ پادري ڪيس جنت ملڻ جي بشارت ڏئي، آئيندي جي حسين هجڻ تي يقين جو تاڪيد ڪندو هو.

اسڪول ۾ ڪيس اُستاد ٻڌائيندا هئا، ته انسان ڪڏهن اونداهي غارن ۾ رهندو هو، تنهن کان پوءِ هن اونداهي غارن مان نڪري کُليل آسمان هيٺ رهڻ شروع ڪيو ۽ هينئر اهو انسان آرامده ۽ پُرسڪون گهرن ۾ رهائش پذير آهي، ان ڪري انسان جو مستقبل ڏينهن ڏينهن ٻه ڏينهن وڌيڪ روشني طرف گامزن آهي، پر جڏهن سندس پيءُ انساني اتهاس مان منطقي دليلن سان مثالن اهو واضع ڪيو هو، ته دُنيا ۾ هميشه هر غاصب ۽ زوردار جي هر دور ۾ ڀرپور مزاحمت ڪئي وئي آهي، تڏهن اُن لمحي ئي نينگر جو پادريءَ جي سياڻي واري جنت تان اعتماد کڄي ويو هو، ڇو ته پادريءَ جو سياڻو موت کان پوءِ حاصل ٿيندڙ اُن بهشت جي تصور تي مبني هو، جنهن جي سلطنت جو نقشو، نينگر کي ڪنهن اُن آرامده هوٽل وانگر ڀاسيو هو، جنهن ۾ رهڻ لاءِ هن زندگيءَ کي موت تي ترجيح ڏيڻ قطعاً ڪو نه چاهي. ترت ئي هڪ سياري جي رات، هن جو اسڪولي استادن جي ليڪچرن تان به اُن وقت يقين ختم ٿي ويو هو، جڏهن ٿڌ جي شدت ڪري هن جا هٿ ۽ پير ڏڪڻ لڳا هئا ۽ هن سوچيو هو ته، "اهو ڪيئن قبول ڪجي ته انسان غارن مان ترقي ڪري اجتماعي طور تي گرم ۽ پُرسڪون گهرن ۾ رهڻ لڳو آهي، جڏهن ته خود هوءَ ۽ سندس گهر، اُن روشنيءَ کان محروم هو." پر ان سڀ جي باوجود به نينگر جو پنهنجي پيءُ جي ڳالهين ۾ يقين برقرار رهيو. هن جو پيءُ اهو حوصلا مند ۽ ارڏو انسان هو، جنهن مسلسل ٢١ ورهين تائين وردي‌ءَ وارن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ هُن هرِ پيري تشدد برداشت ڪرڻ کان پوءِ به ثابت قدمي ۽ پُراعتمادي سان ڪين چيو، "سياڻو ٿيندو ۽ سوجهرو ضرور ايندو".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن ڏينهن ۾ ملڪ ۾ عوام ۽ حڪومت درميان، جيڪا حقن جي معاملي تي جنگ جاري هئي، تنهن ۾ سوپ هميشه وردي وارن جي ٿي ٿي، ۾ هيسيل هجوم مان هڪ ڏينهن نينگر جي پيءُ هٿيار بندن اڳيان سينو تاڻي چيو هو، "ڪاري رات ڪان پوءِ صبح ضرور اُڀرڻو آهي". هڪ جولاءِ جي رات اوچتو وردي وارن جي تخت پلٽو ڪاڏو ۽ سندن اقتدار جي ڏينهن جو انت اچي ويو. ائين لڳو ڄڻ ڏول جا ڏينهن پورا ٿي ويا هجن ۽ سُتت ئي صبح ٿيڻ وارو هجي، ۾ سيپٽمبر اچڻ سان ئي وردي‌ءَ وارن جا ڪارا ڦهري ڏينهن هڪ جرمن جابر جي ماتحتي ۾ وري موٽي آيا. ظلم جي راڄ رڻ ٻاري ڏنو. نينگر ڪي پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي "روشن صبح ٿيڻ واري خواب جي وشواس لاءِ وسوسا پيدا ٿيڻ لڳا، ۾ سندس پيءُ يقين ڏيارينديءَ ڪيس چيو، "تون غم نه ڪر ٻچڙي صبح ضرور ٿيندو". نينگر جي پيءُ وڌيڪ ڪيس حوصلو ڏيارڻ لاءِ پڻ ٻڌايو ته، "هاڻي هو ان ظلم خلاف اڪيلا نه ۾ اڪيچار آهن". ٻي ڏينهن نينگر جي شهر تي سندس پيءُ جي حمايتي هٿان ئي بمباري ٿي ۽ سندس گهر جي اڳيان ئي هڪ بم به ڦاٽو. نينگر حيران هئي، ته جيڪڏهن اهي سندس والد جا رفيق ئي هئا، ته پوءِ انهن سندس ئي گهر تي بمباري ڇو ڪئي؟ سندس والد وضاحت ڪندي ٻڌايو هو ته، "انهن ڪي اهو سيڪجهه ڏاڍو مجبوري واري حالت ۾ ڪرڻو پئجي ويو هو، تنهنڪري ساڻن دوستي واري رشتي ۾ ڪو به ڏار نه پوندو" ۽ هو انهن بمباري ڪندڙن مان نينگر جي اطمينان لاءِ پڻ ڪي پنهنجي گهر به وٺي آيو هو، جيڪي هٿياربند وردي وارن هٿان پڪڙجي پيا هئا ۾ پوءِ انهن ڪان پڇي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا هئا. نينگر ڪي سندس والد وڌيڪ ٻڌايو هو ته، "انهن جي مدد ان ڪري به ضروري آهي، ڇو ته اسان سان گڏ انهن سيني جو نصب العين صبح ۽ امن جو خواب ئي آهي". نينگر مطمئن ٿي وٺي هئي ۽ ان ارڏي والد سان گڏجي، سندن ميزباني ڪئي هئائين، جيڪو هميشه هن ڪي تحفظ ڏيڻ جي جرم ۾ گولين اڳيان ٿي گذريو. نينگر انهن ساٿين ڪي تحفظ ڏنو. سندن خدمت ڪئي ۽ محفوظ ڳوٺ ڏانهن نڪري وڃڻ لاءِ رستن جي نشاندهي پڻ ڪئي. نينگر ڏينهن ۽ مهينن تائين انهن ساٿين جي فوج جو انتظار ڪندي رهي، جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صبح آڻڻ جو عهد ڪيو هو. ٻر ڦاٽي رهيا هئا، گوليون وسي رهيون هيون، ماڻهن تي تشدد ڪري ڪين ماريو ٿي ويو، پر انهن صبح آڻڻ واري دعويدار هجومن مان ڪو به هڪ ظاهر ڪو نه ٿيو. صبح ٿيڻ وارو خواب صرف خواب ئي رهجي ويو. نينگر جي پيءُ کي گرفتار ڪيو ويو ۽ متس ايترو تشدد ڪيو ويو، جو هوءَ جڏهن ساڻس جيل ۾ ملاقات لاءِ وئي، ته تشدد ڪري ڪيس پنهنجو والد سڃاڻڻ ۾ ئي ڪو نه ٿي آيو. پر اُن تشدد ۽ عذابن جي باوجود به هن نينگر کي ڏسي مُرڪي چيو، "صبح ضرور ايندو. ها، صبح جيڪو سيني ذلتن ۽ زيادتن کان آجو ۽ آزاد هوندو"

آخرڪار هڪ ڏينهن اُهو صبح آيو. آگسٽ جو مهينو هو، ساري رات شهر ۾ جي دهشتناڪ ڌماڪن سان گونجندو رهيو ۽ رُتُ جي واهڙن وهڻ کان پوءِ اهو سياڳو صبح اُڀريو. ٻن سان پُليون ۽ گهر تباهه ڪيا ويا ۽ انيڪ بيگناهه ماڻهن جي لاشن جي ڍير ٿيڻ کان پوءِ اهو اوپر کان حسين اُميدن جو سج نمودار ٿيو، جنهن سان گڏ اهي ڀڪندڙ ۽ سوڀ جي خوشيءَ سان سرشار سُندر ڪامريڊ نوجوانن جا جٿا به ظاهر ٿيا، جيڪي ورديءَ ۾ نجات جي فرشتن جيان ٿي لڳا، ۽ جن طرف ماڻهو گل ۽ مرحبائون ڪٽي وڌي رهيا هئا. ڇوڪريءَ جي پيءُ کي اسيريءَ مان آزاد ڪيو ويو، جنهن جي هر ماڻهوءَ ڏاڍي گرمجوشيءَ ۽ اُڪير سان آجيان ڪئي ۽ هن جا نيڻ يقين ۽ مُسرت مان مُرڪي رهيا هئا. نينگر جي پيءُ کي ڪنهن ماڻهوءَ آهستي اچي ٻڌايو ته، "ڪمانڊنگ ڪيمپ تي ڪو ئي مسئلو ٿي پيو آهي، جنهن ڪري توهان کي ڪمانڊر سڏي رهيو آهي".
نينگر جو والد ڊوڙندو، جڏهن ڪمانڊنگ ڪيپ تي پهتو، تڏهن اُتي زمين تي ڪريل هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺائين، جنهن جي عُمر تقريبن ڇهه ورهين جي لڳ ڀڳ هئي ۽ ڪيس بلُو رنگ جي وٽندڙ ڊريس پاتل هئي، جيڪا ڇڻ هن ڪامريڊن جي سوڀ جي خوشيءَ جي موقعي تي خاص طور پائڻ جي چونڊ ڪئي هجي، هن جي قميص جي کيسي تي ڪاغذ جو گلاب لڳل هو. اُن ماڻهو جي ڪُلهي جي مٿان هڪ وردي پوش ڪامريڊ رائفل تاڻيو بيٺو هو. نينگر جي پيءُ نوڙي اُن شخص کان پڇيو، "تو ڇا ڪيو آهي ۽ روئين ڇو ٿو"؟ اُهو ماڻهو ڪا ورندي ڏيڻ بدران وڌيڪ روئڻ ۽ صرف "امڙ،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

او امڙ! او منهنجي امڙ" ئي پڪارڻ لڳو. نينگر جو پيءُ فوج جي ڪمانڊر وٽ پهتو. تيئن ئي ڪمانڊر ڪڪڙي رنگ جي ٿهنڊڙ شهپرن وارو عبدار چهرو مٿي ڪري ڪانئس پڇيو، "ڇا تون ئي هن شهر جي ماڻهن جو نام نهاد نمائندو آهين" ؟

نينگر جي پيءُ وراڻيو، "ها آءُ ئي هن شهر جو نمائندو آهيان." "ته پوءِ ٻڌي ڇڏ، ته تنهنجي شهر جي ماڻهن اسان جو استقبال ئي اسان جون چوريون ڪرڻ ۽ اسان کي لُٽڻ ڦرڻ سان ڪيو آهي. انهيءَ جو ثبوت تنهنجي سامهون هي پڪڙيل چور ويٺو اٿئي." نينگر جي پيءُ ڪانئس پڇيو، "هن ڇا چورايو آهي" ؟ ڪمانڊر وراڻيو، "هڪ اناج جي پريل ٻوري ۽ هڪ آفيسر جي موڪل جا ضروري ڪاغذات. خير ڪاغذ ته هن کان وصول ڪيا ويا آهن، جيڪي هن ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيا آهن، پر اناج جي ٻوريءَ جي چوري ۽ هن ماڻهوءَ جي خود اسان سان ارهه زورائي معاف ڪرڻ جهڙي قطعاً ڪو نه آهي."

نينگر جي پيءُ ڪمانڊر کي يقين ڏياريندي چيو، ته هو شهر جي نمائندي جي حيثيت ۾ هن چور کي آفيسر جي موڪل جي ڪاغذن ڦاڙڻ جي سزا ۽ اَن جي ٻوري جو معاوضو به کين ضرور ڀرائي ڏيندو، پر ڪمانڊر نينگر جي پيءُ کي ترت ئي اُتان نڪري وڃڻ جي حڪم ڏيڻ سان گڏوگڏ اهو پڻ ٻڌايو ته، "چور لاءِ وٽن معافي نه پر موت هوندو آهي" .

زمين تي ڪِريل ماڻهو گاهه ۾ مُنهن لِڪايو، "امڙ، منهنجي امڙ، او امڙ" پُڪاري رهيو هو. وردي پوش ڪامريڊ مٿانئس مشين گن تاڻيو بيٺو هو. جڏهن اتان نينگر جو گذر ٿيو، تڏهن هن کي هڪ گولي جي فائر جو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو هو، توڙي جو نينگر کي اها پروڙ پئجي ڪو نه سگهي، ته اها گولي اَنُ چورائيندڙ ان چور شخص جي موت جو پروانو بڻي يا ڪو نه پر ان ڏينهن کان وٺي نينگر جو سياڻي تي ويساهه وارو وشواس ختم ٿي وڃڻ سان گڏوگڏ هميشه لاءِ دوستي تان ڀروسو به ختم ٿي ويو.

برطانوي فوجين کان پوءِ آمريڪي فوجون آيون. هر ماڻهوءَ جي آس هئي، ته آمريڪي وڌيڪ مهربان ۽ مخلص هوندا. نينگر به پُر اميد هئي، ته هو انسانيت ۽ مسرتن جون ڳالهيون ڪندڙ يقيناً امن ۽ محبتن کي قائم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪندا، پر ٿوري ئي عرصي ۾ هُن ڏٺو، ته اهي انسانيت، مُسرتن ۽ امن جا دعويدار، خود ئي عورتن جون زوري عصمتون لُٽي ۽ ماڻهن تي حاڪماڻا حڪم هلائي، سندن تذليل ڪري رهيا هئا. هڪ پيرو پيهر پُرامن ۽ پُرمسرت سياڻي جو خواب سندس لاءِ ڀيانڪ خواب بڻجي ويو. بُکَ ۽ مفلسي جو ساڳيو جهان قائم رهيو. ڪي عورتون پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ جسم فروشي تي مجبور ٿي پيون، ته ڪن وري حاڪم طبقي جي هجومن جا ڪپڙا ڌوئڻ جو ڌنڌو اپنايو.

هر جڳهه جي ڪنهڙي ۽ ديوار تي ٽنگيل فوجي وردين جي نمائش نظر اچڻ لڳي. جنهن آفيسر جا گهڻا ڪپڙا ڌوبي ديوارن تي لڙڪندي نظر ايندا هئا، اهو پاڻ کي وڏيڪ معتبر محسوس ڪندو هو. ڇهه جورابن جي جوڙن ڌوئڻ جي عيوض ۾ آمريڪي ڊبل روٽي، ٽن گنجين جي صفائي جي بدلي ۾ چند مَٽرن جي ڦرين ۽ گوشت جو ٽڪرو ۽ هڪ وردي جي ڌوئڻ جي اُجرت ۾ گوشت جا ٽڪرا ڏنا ويندا هئا، پر نينگر جو والد پنهنجي نياڻي ۽ ونيءَ کي انهن وردي وارن جي گندي ڪپڙن کي ڇُهڻ به ڪو نه ڏيندو هو. هو چوندو هو، "بُري يا بهتر سياڻي جو آغاز ته ٿي چڪو آهي، پر ان جو مقابلو ۽ مزاحمت ثابت قدمي سان ڪرڻ ضروري آهي" . انهيءَ ڪري هُن پنهنجي چند ڪامريڊن کي ماني جي دعوت ڏئي گهر گهرايو هو ۽ لذيذ ڪاڌي پيش ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي قيد تنهائي جي ساروڻين تي مبني هڪ پُرسوز تقرير به ڪئي، جنهن ۾ هن پوري يقين سان ورجايو ته، "اچ به بهتر سياڻي لاءِ جدوجهد اسان سيني جو اجتماعي نصيب العين آهي."

هن ويندي ويندي پنهنجي ڪامريڊن کي پنهنجي قيمتي واچ به تحفي طور ڏئي ڇڏي، جيڪا هُن سَرهائي سان قبول ڪري، موٽ ۾ فراخدلي سان سندس ونيءَ ۽ نياڻيءَ لاءِ به سندن ڪپڙن ڌوئڻ جي پيش ڪش ڪئي، جيڪا نينگر کي ڏاڍي اُڪري لڳي، پر سچ چيو اٿن ته، "بُکَ بجڙو ٿُل هوندي آهي" .

چند ڏينهن کان پوءِ نينگر والد کي ٻڌائڻ کان بغير ئي، ڪپڙن ڌوئڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هڪ ڏينهن ونس به ڳنڙيون آيون، جن مان هڪ ۾ ميرا ڪپڙا ۽ هڪ ۾ ڪاڌي جون شيون پيل هيون. نينگر ڀريائين ڪاڌي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سچائي تان وشواس ئي کڃي ويو آهي ۽ خدشا منهنجي پوري وجود کي وڻ ويڙهيءَ جيان وڪوڙي ويا آهن. ها، اهي خدشا ۽ خوف، جن جون لهرون تنهنجي وجود جي ڪنارن کي ڇُهي واپس منهنجي جيءَ کي مضطرب ڪري رهيون آهن، پر يقين ڪر ٻچڙا آءٌ نہ تہ توکي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهيان، ۽ نہ ئي ورِي جنمر وٺڻ کان تو کي روڪڻ ٿي چاهيان، پر مان تہ صرف تو کي دنيا سازي جي دلدل کان آگاهہ ڪري، تنهنجي فرض ڇي قرض جو پورائو ڪرڻ لاءِ اهو سيکجهہ ڪري رهي آهيان. تو وٽ ان تي غور ۽ ويچار ڪرڻ لاءِ اڃا بہ ڪافي وقت آهي. تون منهنجي خوفن ۽ خدشن کي ڇڏي ڏي. آءٌ انهن سان خود ئي مُنهن ڏئي ونديس، پر تون فقط مون کي اهو ٻڌاءِ، تہ ڇا هڪ بلڊنگ تان اڇلايل عورت کي ميگنوليا وڻ جي ٽارين ۾ لڙڪندي ۽ هڪ اميرزادي کي چاڪليٽن جي انهن ٻارن تي بارش ڪندي ڏسي سگهندين، جن کي انهن جي ضرورت ئي ڪو نہ هوندي آهي؟

ڇا تو کي پنهنجي جو ميريون ۽ گنديون ڇڏيون ڏوڻ منظور هونديون؟ ڇا جڏهن تو تي اهو انڪشاف ٿيندو، تہ تون جنهن سياڻي لاءِ جهيڙي رهيو هئين، اهو ماضيءَ جو حصو بڻجي چڪو آهي يا ورِي ان جو وجود ئي ڪونهي، تڏهن تون ان صدمي کي سَهي سگهندين؟ تون، جنهن اڃا دُنيا جي سچائين جي تلخين جو ذائقو چکيو ئي ڪو نہ آهي؟ ها، اها دُنيا جيڪا مسلسل تبديلين جي باوجود اڄ بہ ساڳي ئي آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏهن هفتن جي عرصي ۾، تون ڪيتري نه حيرت ناڪ تيزيءَ سان وڌي ويو آهين! ٻه هفتا پهريان تون مَس سوا انچ ۽ تنهنجو وزن هڪ اونس جي ڏهين حصي جي برابر هو، پر هينئر تنهنجي قد ۾ ڏيڍوڻي واڌ ۽ اونس ۾ ٽي ڀاڱي ڏهه جو اضافو ٿي چڪو آهي، پر پوءِ به تو ۾ ۽ جيئامڙي مڇيءَ ۾ ڪو ايڏو وڏو فرق ڪو نه ٿو محسوس ٿئي!. ها، باقي اها حقيقت آهي، ته تون پيٽ جي تلاءَ ۾ هوندي، ٻه پنهنجي ڦڦڙن سان ساهه کڻي رهيو آهين. تنهنجا انساني وصب واضع ٿي چُڪا آهن. تنهنجي وجود ۾ تنهنجي هڏين جا نشان اُڀري رهيا آهن. تنهنجي جسم ۾ تنهنجي پاسيرين جا مُنڍا هڪٻئي سان اچي ملي رهيا آهن، جيئن ڪنهن ڪوٽ جا بٽڻ بند ٿيندا هجن، ۽ تنهنجو وجود جيئن وڌي رهيو آهي، تئين ئي اهو پنهنجو پاڻ ۾ ڪجهه حدبندين کي به جنم ڏئي رهيو آهي، جيڪي جلد ئي تو کي محسوس ٿيڻ ۽ اوکيون لڳڻ لڳنديون. تون ترت ئي ڇُرڻ پرڻ لڳندين ۽ سڀ کان پهريان تنهنجون ٻانهون ۽ پير تحرڪ وٺڻ لڳندا ۽ تون پنهنجون ٺونٺيون ۽ ڳوڏا ڪولڻ جي جستجو ڪرڻ لڳندين. آءُ تنهنجا اهي ڏينهن ڏسڻ لاءِ ڏاڍي منتظر آهيان، جو ته اهي ئي تنهنجي آمادگي ۽ راضپي جا اهڃاڻ هوندا. مون به امڙ جي ڪُک ۾ ائين ئي ڪيو هو، تڏهن ئي هن مون کي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪري دوائن مليل پاڻي جو گلاس پيئڻ بدران پَٽَ تي هاري ڇڏيو هو، پر تون جيئن جيئن تيز رفتاريءَ سان وڌي رهيو آهين، تئين تيئن تنهنجي پرورش ۽ حفاظت جو اُلڪو منهنجي هنئين ۾ وڌَ وجهي رهيو آهي، ۽ بستري تي بي تحرڪي ۽ بيوسي سان ليٽيل هن ڏينهن ۾ مون کي هتيار بند سپاهين جي ڪاهه جو اُلڪو به الائي چو کُتڪي رهيو آهي! مسلسل ٻه هفتا بستري تي پُٺئي پر پيو رهڻ واري پيڙا مون کي ته بيزار ڪري وڌو آهي، پر اُهي عورتون الائي ڪيئن ڪنديون هونديون، جن کي سَتَ، آٺ مهينا لاڳيتو ايئن بستري تي بي سُڌ ٿي رهڻو پوندو هوندو؟ اهي الائي جي عورتون هونديون يا ڪائي ٻي مخلوق؟ ها باقي مون کي انهن ٻن هفتن جي بستري تي رهڻ مان اهو فاعدو ضرور پيو آهي، جو منهنجي پيٽ جي هيٺين حصي وارو سور ۽ جنگهه جي سوڄ بلڪل ختم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي وئي، پر اُن جي جاءِ تي هڪ ڪرب ناڪ بي چيني ۽ شديد ٿڪاوٽ پيدا ٿي پئي آهي، جيڪا خبر ناهي واندڪائي جو نتيجو آهي يا بوريت جو، جنهن جو گهٽ پر گهٽ مون سان اڳ ڪڏهن پالو ڪو نه پيو آهي. سچ پڇين، ته منهنجا پورهيا هي ٻه ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذريا. منهنجي جاءِ تي جيڪڏهن تون هجين ها، ته اُهي تو کي ٻن ڏينهن بدران ٻه سال لڳن ها. مان اڄ صبح تو تي ڏاڍي چڙچڙي پئي هيس. ڇا تون مون سان اجا ناراض آهين؟

ٻچڙا مان ڇا ڪريان؟، اُن وقت مان ڏاڍي ڪاوڙ ۾ هيس. مان تو کي اڳ ئي ٻڌائي چڪي آهيان، ته منهنجا به ڪجهه حق آهن، جيڪي آءٌ ڪنهن کي به فراموش ڪرڻ جي اجازت ڪو نه ڏينديس، ايتري تائين جو تو کي به نه.

مان ڪڙڪو انهيءَ ڪري ٿي ڪيو، ڇو ته مون کي تو تي ڏاڍي ڪاوڙ هئي. تون ٻُڌين پيو نه؟ مون جڏهن ڪان پانيو آهي، ته تون پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن، تڏهن ڪان وٺي، شدت سان محسوس ٿيڻ لڳو اٿم، ته تون منهنجي ڳالهين طرف ڌيان ڏيڻ بدران بي خبري جي پينگهي ۾ لُڏڻ کي ترجيح ڏئي رهيو آهين. جاڳ ڪجهه ڏس وائس. ڇگو تون جيڪڏهن في الحال نيٺ ڪولڻ نه ٿو چاهين، ته تنهنجي مرضي، پر اڄ اچي منهنجي پاسي ۾ هِن ويهاڻي تي پنهنجو متو رک. اڄ ڪان پوءِ اسين ٻئي گڏ سمهنداسين.

تون منهنجي پاڪرن ۾ هوندين ۽ آءٌ تنهنجي ٻانهن ۾ هونديس. صرف مان ۽ تون گڏ هونداسين ۽ اسان کان سواءِ اسان جي بستري ۾ ٻيو ڪو ڪڏهن به داخل ٿي ڪو نه سگهندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاڻ کي بي قصور ۽ مون کي بي مروت ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏيڻ شروع ڪيا ته، تون ۽ مان ڪيس ڏاڍا عزيز آهيون ۽ اسان ٻنهي جو ايترو ته فڪر آهي، جو هن ٻن مهينن تائين مسلسل عذاب ۾ گذاريو آهي.     هن مون سان متفق ٿيندي ايترو به چيو ته، مون جيڪو تو کي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي، سو تحسين لائق آهي، ڇو ته تون ڪا اهڙي شيءِ ته ڪو نه هُئين، جنهن کي بي فڪر ٿي قتو ڪري ڇڏجي ها، پر تون هڪ زنده انسان هئين.

ان تي ڪيس ٽوڪيندي مون چيو، ”تو ڪهڙا عذاب ڀوڳيا آهن؟ ٻار تنهنجي پيٽ ۾ ته ڪو نه هو ۽ نه ئي وري تو کي ٩ مهينن تائين ان کي پيٽ ۾ سانڍڻ جو ڪو اُلڪو هو“؟

هن حيرت مان وات ڦاڙي وراڻيو، ”مون ته سمجهيو هو، ته تون سڀڪجهه پنهنجي مرضي سان ڪري رهي آهين ۽ ٻار جي خواهش به خود تنهنجي چونڊ آهي“؟ مون پنهنجو پاڻ تي ڏاڍو ضبط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ به بي اختيار رڙيون ڪري روئي پيس. مان اڳ ڪڏهن به ايئن رڙيون ڪري ڪو نه رُني آهيان، ڇو ته روئڻ ۽ رڙڻ وقت مان پنهنجو پاڻ کي ٽُچ ۽ بدصورت محسوس ڪندي آهيان، پر مون جيئن جيئن لڙڪن ۽ سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تيئن ئي انهن جا بند ٽُٽي ٿي پيا ۽ ايئن ٿي محسوس ٿيم ڄڻ منهنجي اندر ۾ ڪا شيشي جهڙي شيءِ ٽُٽي پئي هجي. مون سگريٽ دُکائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو به منهنجي لڙڪن سان آلو ٿي اُجهامي ويو. تنهنجو پيءُ ڪرسي تان اُٿي اچي منهنجي پر ۾ ويٺو ۽ منهنجي وارن کي ڦاهڻ ۽ انهن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳو. گهڙي رکي، ”مان تو لاءِ ڪافي ٺاهي ٿو اچان“ ڇپن ۾ چوندي، هو بورچيخاني ۾ هليو ويو. جيستائين هو موٽي آيو، تيستائين مون پنهنجو پاڻ تي قابو پائي ورتو هو، پر هو اچان تائين به وائڙو ٿي لڳو. هن مون اڳيان ڪافيءَ جي ڪوپ جو نماءُ ايئن ڪيو، ڄڻ اها ڪا املهه چيز هجي. مان ڪافي پي هن جي وڃڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس، پر هُن وڃڻ جي ڪا واڻي ئي ڪو نه ٿي ڪئي. جڏهن هن مون کان ماني جي باري ۾ پڇيو، تڏهن مون کي يقين ٿي ويو، ته هُن کي منهنجي سنگتياڻي ئي موڪليو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هو، جيڪا اڄ هتي يقيناً ڪو نہ ايندي. ان وقت مون کي پنهنجي سنڪتياڻي سان ڳالهہ انهن سيني ماڻهن تي ڏاڍيون خارون اچڻ لڳيون، جيڪي پنهنجي طرفان مقرر ڪيل غلط ۽ صحيح معيارن مطابق ٻين جي مدد ڪرڻ گهرندا آهن. حضرت عيسيٰ ۽ مريم ٻنهي ماءُ ۽ پُٽَ هڪٻئي جي جياپي لاءِ، ڏيئي ۽ آڌت تي پيا سگهن. مريم ني پنهنجي لُخت جگر جي پالنا ۽ پرورش لاءِ ڪافي هئي، تہ پوءِ انهن سان جوزف جو نانءُ ڳنڍڻ جي آخر ضرورت ڪهڙي هئي؟

سچي من گهڙت ڪتا صرف مرد جي ميلاپ سان عورت جي حاملا بنجڻ واري ٽڪسات کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ گهڙي وئي آهي؟ يا هڪ غير شادي شده حاملا بڻجي ويندڙ عورت کي بدنامي کان بچائڻ لاءِ ان طلسمي ڪهاڻي جو تاجي پيٽو اُٿيو ويو آهي؟ يا وري اهو سيڪجهہ انهيءَ لاءِ ڪيو ويو آهي، تہ هڪ مرد پنهنجي عياشي ۽ اوباشي کان پوءِ هڪ ڳورهاري بڻجي ويندڙ عورت کي حمل ضايع ڪرڻ لاءِ منٿون ڪري راضي ڪرڻ کان پوءِ پيهر پنهنجي ٻَڪَ جو ٻَڪُ ٻڌائيندو رهي؟ ان کان علاوه گهٽ ۾ گهٽ مون کي تہ ڪنهن مريم لاءِ ڪنهن جوزف جي ضروري هجڻ جو پيو ڪو بہ سبب ڪو نہ ٿو سُجهي؟

مون ڏٺو، تہ هو ڳوڙها ڪوڙي پَٽَ تي وکريل ڳلن جون پتيون ميڙي رهيو هو، پر ان جي باوجود بہ منهنجي دل سندس لاءِ، ڪا سَٽَ محسوس ڪو نہ ڪئي، ڇو تہ هن جڏهن تنهنجي ۽ منهنجي درميان خوبصورت سُٻنڌ جي تند کي ٽوڙڻ جو اصرار ڪيو هو، تڏهن ني منهنجي من ۾ سندس لاءِ موجود محبت ۽ مرتبو ختم ٿي ويو هو. هينئر هو اسان ٻنهي لاءِ ڪنهن اوپري ماڻهوءَ يا ڪنهن اهڙي غير ضروري فرنيچر جيان بڻجي ويو هو، جنهن جي ڪمري ۾ ڪا بہ گنجائش ۽ ضرورت ڪو نہ هئي ۽ جنهن جي زوري اچڻ سان هلڻ گهمڻ جا رستا بہ محدود ۽ تنگ بڻجي ويا هئا. پر هو جيڪڏهن شروع کان وٺي ني اسان سان گڏ هجي ها، تہ هن وقت تائين سندس موجودگي رواجي ۽ ضروري بڻجي وڃي ها ۽ اسين تنهنجي آمد لاءِ بہ هن کان وڌيڪ ڪنهن ٻي نرالي انداز ۾ منتظر ۽ مشتاق هجون ها. پوءِ هُن جي موجودگي اسان لاءِ ايتري بيزار ڪندڙ ۽ اوپري نہ رهي ها ۽ نہ ني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري اسان کي هُن جو ڪاڌي جي ميز تي ويهڻ بي دعوت مهمان جي پوڄهہ جيان محسوس ٿئي ها.

مون ڪيس چوڻ ٿي چاهيو، تہ هو مهرباني ڪري هتان هليو وڃي، مون کي سندس ڪا ئي ضرورت ڪونهي. مون کي نہ ڪنهن جوزف جي ضرورت آهي، نہ ئي وري ڪنهن ديوتا جي گهرج. مون کي، ڪنهن وَرَ ۽ نہ ئي وري ڪنهن واهرو جي واهر جي ضرورت آهي. مون لاءِ پنهنجو هي پارڙو ئي وڏي وٿ جيان آهي، پر آءٌ ڪيس اهو سيڪجهہ چئي ڪو نہ سگهيس. ٿي سگهي ٿو، آءٌ اهو سيڪجهہ ڪانئر هجڻ ڪري نہ ڪري سگهي هجان. يا اهو بہ ممڪن آهي، تہ مون متانئس ترس ڪائي خاموشي اختيار ڪئي هجي، جيڪا پوءِ آهستي آهستي مون لاءِ پڇتاءُ ۽ پيڙا جو روڳ بڻجي وئي. هُن جي بزدلي ۽ وائڙائپ کي ڏسي ڪنهن کي يقين ايندو، تہ هُن بہ ڪو پوڳيو هوندو! ڪير چوندو، تہ هن کي ضمير جي چُهنڊڙي ئي هئي اهو ڪوماڻل گلدستو کڻي اچڻ لاءِ مجبور ڪيو هوندو؟

ڪا بہ تخليق ڪنهن بہ هڪ جُزي مان جنم ڪو نہ وٺندي آهي. هڪ روشني جي قطري، جنهن آنول ۾ داخل ٿي، تنهنجي وجود کي ممڪن بنايو آهي، سو يقيناً هُن جو ئي هوندو، پر ان جي ڀاري قيمت هن ڪان وڏيڪ مون کي ادا ڪرڻي پئي آهي، ڇو محبت مرد لاءِ نہ پر عورت لاءِ وڏو مامرو هوندي آهي. جڏهن هڪ عورت، مرد سان ملي ٿي، اهي ٻئي هڪٻئي کي پسند ڪرڻ، پسڻ ۽ پاڻ گهرڻ تائين ۽ پاڻ کان پوءِ هڪٻئي کي ڌڪارڻ، پري ٿيڻ ۽ ايتري تائين جو هڪٻئي کي ڏسڻ بہ گوارا نہ ٿا ڪن. اهو سيڪجهہ عورت جي حيثيت ۾ هُن سان پيار ڪرڻ کان پوءِ آءٌ عملي طور ڏسي ۽ ڀوڳي چڪي آهيان.

ٻچڙا! عورت ۽ مرد جي، جنهن لاڳاپي کي ماڻهو محبت چون ٿا، اهو حقيقت ۾ موسمي ۽ وقتي ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهو ابتدائي ۽ ٽِڙڻ وارن مرحلن ۾ هوندو آهي، تہ هر طرف رونق ئي رونق جي موسم هوندي آهي، پر جڏهن هڪ ڏينهن ان جو زوال ايندو آهي، تڏهن اهي رونقون ۽ رنگينيون خزان جو ٻَڪُ بڻجي ويندڙيون آهن. هُن پنهنجي ليلڙائين سان مون کي ڪاڌي کائڻ لاءِ راضي ڪري ورتو ۽ پنهنجي اها شيمپين جي بوتل بہ کوليائين،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪا هو هتي اچڻ وقت ورَ ۾ لِڪائي ڪٺي آيو هو. هو خوشي خوشي ۾ وهنجي آيو ۽ مون کيس پنهنجي بستري ۾ سمهڻ جي اجازت ۾ ڏني، پر هو صبح تي جيئن ئي هتان هليو ويو، تيئن ئي مون کي ڏاڍي شرمساري ۽ پڇتاءُ محسوس ٿيو ۽ ائين ڀانيم ڄڻ ته مون پنهنجي ڪنهن فرض ۾ ڪوتاهي ڪري، تو کي ٻه دوکو ڏنو هجي. هاڻي مون کي الائي ڇو يقين ٿيڻ لڳو آهي، ته هو ٻيهر وري هتي ڪو نه ايندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حمل جي معاملي ۾ مون کي ڪافي ڳالهيون منجهائيندڙ ٿيون لڳن. ٿي سگهي ٿو، تہ ڪا ڳڙ ٻڙ هجي. تنهنڪري ئي مون توسان اهڙي قسم جو ذڪر ڪيو. مثلاً - ٻچيداني ايتري تہ نازڪ ۽ باريڪ آهي، جو ان جي ٿوري بہ سوس ڪائڻ سبب آنول ڪي رَتُ جي گهربل سپلاءِ نہ ٿي سگهڻ جوخطرو بہ لاحق ٿي سگهي ٿو. ڇا تون منهنجي هدايت موجب مڪمل آرام ڪيو آهي؟ ڇا تو شراب، سگريٽ نوشي ۽ هر ٿڪائيندڙ ڪم کان پرهيز ڪئي آهي؟" مون ڪيس اثبات ۾ جواب ڏنو.

هن وري اچانڪ سوال ڪيو، "تو ڪو جنسي فعل وغيره تہ ڪو نہ ڪيو" ؟ مون ڪيس ناڪار ۾ جواب ڏنو ۽ اهو واقعي سچ بہ هو، توڙي جو ان رات تنهنجي پيءُ، ان لاءِ مون کي شديد اصرار بہ ڪيو ۽ ڪنور ٿي وڃڻ جا مهڻا بہ ڏنا، پر پوءِ بہ مون ڪيس ويجهو اچڻ بہ ڪو نہ ڏنو. ڊاڪٽر ٿورو ويچاريندي پڇيو، "يلا تو کي ڪنهن پريشاني، ڪنهن نفسياتي صدمي ۽ ڪنهن قسم جي ڳڻتي جو مسئلو تہ درپيش ڪونهي" ؟

مان، ها ڪرڻ کان اڳ ۾ ٿورو هٻڪيس ۽ هو بنا ڪنهن صدمي جي سبب پڇڻ ۽ ڪنهن تڪليف جي نوعيت معلوم ڪرڻ جي، مون کي گهوريندي خود ئي وضاحت ڪندي چوڻ لڳو، "ڪڏهن ڪڏهن جسماني پيڙائن جي پيٽ ۾، ذهني پريشانيون، روحاني اضطراب ۽ صدما وڌيڪ عذابناڪ هوندا آهن، جن جو اثر پوري وجود تي پوندو آهي ۽ ڪن صورتن ۾، اهو اثر ماءُ جي پيٽ ۾ موجود ٻار جي زندگي لاءِ مُهلڪ بہ بڻجي ويندو آهي. تنهن ڪري اهو ڪڏهن بہ وسارڻ نہ گهرجي، تہ ٻچيداني جو ڳانڍاپو ذهن کان وٺي پوري وجود سان هوندو آهي، جنهن ڪري ٿوري لاپرواهي وارو قدم بہ وڏو ڇيهو رسائيندڙ بڻجي ويندو آهي. گهڻي ڏک، حيرت ۽ ڪاوڙ وارا عمل بہ اڪثر ڪري آني کي گرڀ کان الڳ ڪري وجهندا آهن. ان کان علاوه گهڻي پريشاني ۽ اضطراب بہ ان لاءِ هاڃيڪار هوندا آهن. جديد سائنس ۽ مابعد النفسيات جهڙن علمن جي اڀياس مان پتو پوي ٿو تہ، اهڙا لاشعوري نوعيت جا خيال ۽ ويچار بہ يقيناً موثر ثابت ٿيندا آهن."

اهو ئي سبب هو، جو هن مون کي مڪمل آرام ۽ اطمينان ۾ رهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جو سخت تاڪيد ڪيو ۽ اها پڻ تنبيهه ڪئي، تہ مون کي جذبات ۽ ڪاوڙ ڪرڻ بدران صبر، اطمينان ۽ تحمل جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي، جو تہ انهيءَ ۾ ئي منهنجي ڀلائي آهي. مون ڪيس موٽ ۾ چيو، "ڊاڪٽر صاحب! توهان مون کان، جيڪا صبر ۽ تحمل جي تقاضا ڪري رهيا آهيو، اها تہ مون لاءِ ڏاڍي اوکي آهي، جو تہ جنهن ماڻهوءَ جو پورو جيون پيڙائن جو داستان هجي، اهو ڀلا ڪيئن ٿو آنند ۽ اطمينان سان رهي سگهي"؟.

هن رُڪائيءَ سان مون کي ننهن کان چوٽيءَ تائين چتائي ڏٺو ۽ پوءِ بيزاريءَ مان چيائين، "مائي تون چاڻ تنهنجا ڪم، جيئن وڻئي ڪر، پر تورو پنهنجي صيحت ڏانهن توجهہ ڏي".

هن ڪجھ ضروري دوائن سان گڏ آرام جون گوريون لکي ڏنيون ۽ اهو پڻ چيو تہ، جيڪڏهن ڪو رَتُ وغيره جو قطرو نظر اچي، تہ ترت ئي ساڻس رابطو ڪريان. مان ڏاڍي ڀڄي ٽٽي پئي آهيان ۽ هاڻي مون کي تو تي بہ ڪاوڙ اچڻ لڳي آهي. تون ڇا ٿو سمجهين؟ مان ڪا ئي ڳُنڍڙي يا ڪوئي اهڙو متڪو آهيان، جنهن ۾ حفاظت لاءِ تون جا شيءِ چاهين سا، رکي سگهين؟

خدارا! مان هڪ عورت آهيان. منهنجا بہ ٻين انسانن جيان احساس ۽ جذبا آهن. مان پنهنجي ذهن ۽ خيالن کان پنهنجو پاڻ کي ڪيئن ٿي الڳ ڪري سگهان؟ آءٌ پنهنجي جذبن کي لڪائڻ يا انهن کي اظهارڻ بنا ڪيئن ٿي زنده رهي سگهان؟ مان ڪنهن بہ طور تي ڪاوڙ، درد ۽ خوشي جي احساسن کي نظر انداز نہ ٿي ڪري سگهان. منهنجي پنهنجي زندگي آهي، جنهن ۾ ڪڏهن حيرتن جي حسنا ڪي هوندي، تہ ڪڏهن پيڙائن جي اوکي مسافت، جيڪا ڪڏهن مون کي يقيناً بي حال بہ بڻائي ڇڏيندي، پر پوءِ بہ آءٌ ڪنهن مشين بڻجي رهڻ بدران خود پنهنجي جياپي جيئڻ کي ترجيع ڏينديس.

پڇڙا- تون مون کان اجان ڇا ڇا ڦرڻ ٿو چاهين؟

تو پهريان منهنجي جسم تي قابض ٿي، مون کان آزادي سان گهمڻ ڦِرڻ جو حق ڦريو. ان کان پوءِ منهنجي دل ۽ دماغ کي پنهنجو اسير بڻائي، مون کان سوچڻ، محسوس ڪرڻ ۽ پنهنجي خواهشن موجب جيئڻ جو حق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪسي ورتئي ۽ هينئر وري منهنجي لاشعوري عملن کي بہ دوشي ڪوٺڻ جو ارتڪاب ڪرڻ ٿو گهرين؟ تو کي جيڪو ڪجهہ ڪرڻو هو، سو ڪري چُڪين. وڌيڪ مون ۾ سهپ جي سگهہ ڪو نہ رهي آهي. جيڪڏهن اسان ٻنهي کي گڏ رهڻو آهي، تہ پوءِ پاڻ کي ڪجهہ شرط ۽ مصلحتون طئي ڪرڻيون پونديون، مان تو کي ڪجهہ رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. تو کي ڪاڏ خوراڪ ڪان وٺي مان پنهنجي جسم ۾ پناهہ ڏيڻ تائين راضي آهيان، پر پنهنجي خيالن ۽ جذبن جي قرباني ڏيڻ لاءِ قطعي آماده ڪو نہ آهيان، چو تہ اهي جذبا ۽ خيال ئي منهنجي زندگي آهن ۽ اهي ئي منهنجي هستي جو نندڙو ئي سهي، پر حسين انعام ۽ پُرمسرت اُجورو آهن.

دراصل هينئر مان وِسڪي پي رهي آهيان ۽ سگريٽ مٿان سگريٽ ساڙڻ ۾ ڏاڍو لطف ٿو اچي. دل چوي ٿي، تہ پنهنجي معمول جي ڪمن ۾ ٻيهر مصروف ٿي وڃان، جيئن هڪ غير متحرڪ ڳنڍڙي بدران منهنجو وجود ڪنهن زندهہ فرد جيان محسوس ٿيڻ لڳي. مان هر چرپر ڪان پوءِ رڙ ڪري، تو ڪان تنهنجي تڪليف ڍرياقت ڪرڻ جي فڪر ۾ رهڻ بدران پنهنجي آزاد ۽ پُرمسرت زندگي جيئڻ ٿي چاهيان، چو تہ مان تنهنجي ٻوجهہ ڪان بلڪل ئي بيزار ٿي چُڪي آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچڙا! معاف ڪجانءِ، ڪالهہ مان شايد چُڪي وڏيڪ ني چاڙهي
وٺي هيس، تنهنڪري خمارن ۾ خبر ئي ڪو نہ ٿي پئي. هي گهميل رومال
۽ سگريٽن جا وڪريل ٽوٽا تنهنجي سامهون پيا آهن. ڪيترو نہ ڪراهت
انگيز ۽ غضبناڪ غصي جو منظر هو، جنهن مان فقط خودغرضي ٿي
ٻَڪي! تون ڪيئن آهين؟ مون کي اميد آهي، تہ تون مون کان يقيناً وڌيڪ
بهتر هوندين. مان تہ بلڪل ئي ڀڃي ٽٽي پئي آهيان. بس تو کي جنم ڏيڻ
لاءِ مون کي صرف ڇهن مهينن جي مُهلت گهرجي، پوءِ وڌيڪ جيئڻ لاءِ
مون کي ڪا آرزو ڪو نہ رهندي. جيئڻ جي هن جهان ۾، تون منهنجي
جاءِ وٺجانءِ ۽ مان هميشه لاءِ وڃي آرامي ٿينديس. هون بہ منهنجي زندگي
جو وڌيڪ ڪو خاص جواز ڪو نہ رهيو آهي. هن وقت تائين دنيا ۾ هر
قابل ديد شيءِ تہ ڏسي چُڪي آهيان. باقي پسڻ لاءِ رهيو بہ ڇا هي؟
جڏهن تون منهنجي ڪُکِ مان آزاد ٿي ويندين، تڏهن تو کي منهنجي
وڌيڪ ضرورت ڪو نہ رهندي. ڪا بہ شفيق ۽ محبتي عورت، تو لاءِ ماءُ
سمان بڻجي ويندي. خون جو رشتو ڪا ئي وقعت ڪو نہ ٿو رکي، اهو فقط
من گهڙت ۽ لفاظي جو ڍونگ آهي. اصل ۾ ماءُ اها ڪو نہ ٿي هجي،
جيڪا ٻار کي پيٽ ۾ سانڍي ٿي، پر ماءُ تہ اها هوندي آهي، جيڪا ٻار
کي پالي تاتي، ان جي پرورش ڪري کيس هڪ انسان بنائيندي آهي.
ساڳي ريت پيءُ جي حوالي سان بہ اها ساڳي سچائي وابستہ هجي ٿي.
مان تو کي تنهنجي پيءُ جي حوالي بہ ڪري سگهان ٿي. هو ٿوري دير اڳ
ئي مون وٽ نيري رنگ جي گلاب جو گل ڪٽي آيو هو، جنهن لاءِ سندس
چوڻ هو تہ، اهو رنگ پُٽَ جي اولاد جي نشاني هوندو آهي. هو يقيناً
پنهنجي مردانگي جي بنياد تي، تو مان بہ پُٽَ جي توقع رکي ٿو. ويچارو!
هن جو بہ ان ۾ ڏوهہ ڪونهي، ڇو تہ ازل کان وٺي کيس اهو ئي پڙهايو ويو
آهي، تہ خدا هڪ اڇي ڏاڙهي وارو پير مرد آهي ۽ مريم فقط آنول جي
حيثيت رکي ٿي، جنهن کي ٻار جي پيدائش ڪانپوءِ جيئڻ لائق بہ جوزف ئي
بڻايو. ان کان علاوه دنيا ۾ باهہ ۽ روشني آڻيندڙ پروميٿس بہ مرداڻو
ڪردار ئي آهي. مون کي تنهنجي پيءُ کان انهيءَ بنياد تي ڪائي ٻڇان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونهي، پر پوءِ به مان سمجهان ٿي، ته نه تو کي ۽ نه ئي ورڻي مون کي هن جي ڪا ئي ضرورت آهي. اسان کي سندس نيري گلاب جي به ڪائي کهرج ڪونهي. مون ڪيس گهر مان نڪري وڃڻ ۽ اسان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ هو بنا ڪنهن ٻڙڪ ٻاڦڻ جي اتان هليو ويو. مان جلد ئي پنهنجي معمول جي ڪمن ۾ مصروف ٿي وڃڻ چاهيان ٿي، چو ته منهنجي صاحب، منهنجي واعدي پاڙڻ لاءِ مون کي ٻيهر يادگيري ڏياريندي، اهو پڻ چيو آهي ته، ”ڳورهاري عورت کي فقط ڇهن مهينن کان پوءِ ئي ڪم ڪار کان ٿورو پرهيز ڪرڻ گهرجي.“ انهيءَ هدايت سان گڏوگڏ ڏاڍي ڏيرج سان ڌمڪي واري انداز ۾ اهو پڻ چيو اٿائين ته، ”تون جيڪڏهن اهو ڪم نه ٿي ڪري سگهين، ته پوءِ اها ذميواري ڪنهن مرد جي سپرد ڪريان، چو ته ڪنهن به مرد سان تو جهڙيون مجبوريون ڪڏهن به پيش نه ٿيون اچي سگهن“ منهنجي لاءِ اهي وڏا لفظ هئا، پر اهو سڀڪجهه برداشت ڪري وڃڻ جي، مون وٽ ٻي ڪا واٽ ئي ڪو نه هئي. مون لاءِ ايندڙ ڏهه ڏينهن ڏاڍا ڏکيا هوندا، چو ته جيڪي ڏينهن مون ويهي گذاريا آهن، انهن جي ليٽ، ٻيٽو ڪم ڪري، مون کي ئي پرٽي آهي، پر هڪڙي ڳالهه ٻڌائي ڇڏيانءِ، ته ڪم جو خيال ايندي ئي، مون مان سُستي ۽ ڪاهلي ختم ٿي ويندي آهي ۽ ان کي پورو ڪري رهڻ، مون لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال بڻجي ويندو آهي. اهو به شُڪر آهي، جو سيارو اچي ويو آهي ۽ اُوني ڪوٽ مان منهنجو وڌيل پيٽ ماڻهن کي ڏکَ ڪو نه ڏيندو. منهنجو پيٽ هاڻي کان ئي وڌڻ شروع ٿي ويو آهي. اڄ صبح ئي محسوس ٿيم، ته ان جي واڌ ڪري منهنجو لباس ڪافي تنگ محسوس ٿيڻ لڳو آهي. خبر اٿئي! چوڏهن هفتن جي عرصي ۾، تون ڪيترو وڌيو آهين؟ ها، وڌ ۾ وڌ ڇڻن انچن جيترو. توڙي جو اُنول ايتري ننڍڙي آهي، جو اميو نيتڪ ساڪ کي ڍڪڻ جي قابل به ڪو نه آهي، پر پوءِ به اها هڪ طرف سُرڪي وئي آهي ۽ تون ڏاڍي بي رحميءَ سان مون تي قابض ٿي رهيو آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**خون** ڏسي خوفزده نه ٿيندڙ، آءٌ ڪا پهرين عورت ڪو نه آهيان، جو ته ماهواري ڪري هر عورت جو، هر مهيني ان سان پالو پوندو آهي، پر مون جڏهن پنهنجي بستري تي خون جو ننڍڙو نشان ڏٺو، تڏهن منهنجي اکين جي آڏو اونده ڇانئجي وئي ۽ ڇنڱهون ڏڪڻ لڳم.

سخت گهٻراهٽ ۽ مايوسي جي عالم ۾، مون پنهنجو پاڻ کي تنهنجي حوالي سان، هر قسم جي لاپرواهي جو ذميوار محسوس ڪندي، پاڻ کي گهٽ وڌ ڳالهايو. ها، تون جيڪو ايترو اَبهم ۽ معصوم آهين، جو منهنجي هر زيادتي سان بغاوت ڪري، خود پنهنجي حفاظت پاڻ به ڪري نه ٿو سگهين!

اهو رَتَ جو داغ، ڳاڙهي بدران هلڪي گلابيَ رنگ جو هو، جنهن مان تنهنجي اجل جا انديشا ٿي اُڀريا. مان جلد ئي ڊاڪٽر ڏانهن رخ رکيو، جيڪو خلاف معمول مون سان ڏاڍي ٻاجهه سان پيش آيو. توڙي جو سندس ڊيوٽي، حـ [illegible] ـو تي چڪو هو، پر پوءِ به هو مون سان مليو ۽ تپاسڻ کان پوءِ [illegible] ڏيندي ٻڌايائين ته، ”تون بلڪل سلامت آهين، پر منهنجي جفاڪشي ڪري، تو کي ٿوري تڪليف آئي آهي، جيڪا به مڪمل آرام ۽ ٿوري احتياط کان پوءِ دور ٿي ويندي.“ ڊاڪٽر ڪجهه وقت لاءِ مون کي بستري تي رهڻ جي سخت هدايت ڪئي. وڌيڪ تجويز ڏيندي اسپتال داخل ٿيڻ تي پڻ اصرار ڪيو ۽ هينئر اسين اسپتال ۾ آهيون. ها اسپتال، جيڪا مصيبت ماريئي ماڻهن جي جاءِ پناهه هوندي آهي. اسپتال ۾ آئي اسان کي هفتو ٿي ويو آهي ۽ اهو پورو هفتو ننڊ جي سُئين لڳڻ ڪري، مون بستري تي بي سُڌ پئي گذاريو آهي. هاڻي جڏهن هن نشي واريون دوائون ڏيڻ بند ٿيون آهن، تڏهن هن اداس ۽ ويران ڪمري ۾ ڏاڍي ويڳاڻي ٿي پئي اهيان. سمجهه ۾ نه ٿو اچيم، ته باقي ڏينهن ڪيئن گذاريندس، جن جي پل پل جو تصور ئي تڙپائي ٿو ڇڏيم.

مون اخبارون گهُريون، پر انڪار ڪيو ويو. مون ٽيليويزن لاءِ چيو، اها به ڪو نه ملي. مون ٽيليفون جي گهُر ڪئي، پر ان جي به خراب هجڻ جو عُذر ڏنو، اسپتال جي انتظاميا پنهنجي مجبوري پيش ڪئي. هن وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين ڪنهن عزيز ۽ احباب کي ڪا سُڌ ني ڪونهي. ايتري تائين جو خود تنهنجي پيءُ به ڪا سار ڪو نه لڌي آهي. هن اڪيلائي ۽ خاموشيءَ مون کي پڇي پوري وڌو آهي، مان اڇي ڊريس ۾ ملبوس، انهن ڪنور دل عورتن جو شڪار آهيان، جيڪي گهڙي گهڙي اچي منهنجي جسم ۾ سُئيون ٽنبي هليون وڃن ٿيون. هن وقت تائين مان انهن مان ڇوٽڪارو پائي، تو سان محبت جا ٻه ٻول به ٻولي ڪو نه سگهي آهيان. گهڻو عرصو تنها ڪمري ۾ بستري تي پيو رهڻ ڪري، منهنجي ذهن ۾ عجيب قسم جا خيال اچي رهيا آهن، ۽ اهڙين يادگيرين جا آواز، پڙاڏا بڻجي منهنجي جيءَ کي جنجهوڙي رهيا آهن، جن جي ڄاڻ جي خود مون کي به ڪائي سُڌ ڪونهي. مان هي پيڙا ڇو برداشت ڪري رهي آهيان ۽ ڪنهنجي نالي تي؟ ڇا هڪ مرد سان موهه ڪرڻ جي ڏوهه ۾؟

يا هڪ گهڙي (Cell) جي لاتعداد حصن ۾ تقسيم ٿيڻ جي جرم ۾، مان هي سڀ ڪجهه ڀوڳي رهي آهيان، جيڪي نه منهنجي مرضي ۽ نه ئي وري منهنجي اجازت سان عمل ۾ آيا آهن؟ يا وري اها لوڙ، مان زندگي جي نالي تي لوڙي رهي آهيان؟

يقين اها زندگي ئي آهي، جنهن جو ڪيتو لوڙي رهي آهيان، پر هي ڪهڙي زندگي آهي، جنهن ۾ تون نامڪمل هئڻ جي باوجود به مون لاءِ خود منهنجي وجود کان وڌيڪ اهميت وارو آهين؟ ها، منهنجو وجود، جيڪو تنهنجي عدم موجودگي جي نسبت موجود ۽ مڪمل آهي. تنهنجي اها ڪهڙي مَريادا آهي، جنهن جي اڳيان منهنجا سيئي قدر سر جهائڻ تي مجبور هجن ٿا؟

توڙي جو تو کي اڃان انسان به ڪو نه ٿو چئي سگهجي، پر تڏهن به تنهنجو جياپو مون لاءِ منهنجي زندگي کان وڌيڪ وقعت وارو ڇو بڻيل آهي؟

انسانيت! پر ڇا تون انسان آهين؟ ها، تون جيڪو هڪ آني جي ننڍڙي بوٽئي ۽ پنج مائڪرون جي اسپرم مترادف آهين، تنهن کي انسان به چئي سگهجي ٿو؟ ڇا انسان چوائڻ لاءِ اهو ڪجهه ئي ڪافيَ هوندو آهي؟ انسان ته مان آهيان، جيڪا ڳالهائي سگهي ٿي، ٻُڌي سگهي ٿي، سوچي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪلِي ۽ روئي سگهي ٿي. جيڪا دنيا ۾ اهڙا عمل ادا ڪري، پنهنجي فڪر ۽ جستجو سان نالو ۽ ناموس حاصل ڪري سگهي ٿي. تون صرف گوشت جي هڪ ننڍڙي ڳڍي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ نہ آهين. جيڪا نہ سوچي، نہ ڳالهائي، نہ ڪلِي ۽ نہ روئي سگهي ٿي، پر فقط پنهنجي تشڪيل جي مرحلن تي مدار رکندڙ آهي.

سچ تہ اهو آهي، تہ اصل ۾ تون، تون نہ آهين، پر مان خود آهيان. مون ئي تو کي دماغ عطا ڪيو آهي ۽ مون ئي تو سان گفتگو ڪئي آهي. جيڪا حقيقت ۾ تو سان گفتگو نہ، پر منهنجي پاڻ سان خودڪلامي آهي، جيڪا مون پنهنجي ئي خيالن ۾ پاڻ سان ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ مسخري ۽ مذاق گهٽي ٿي چُڪي. شايد اهو سيڪجهه منهنجي اندر جو اوپرو ئي هو، جو نڪري چُڪو. نہ تہ ڀلا فطري طور جنم کان اڳ ڪو ئي انسان ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اسين جنم ڪانپوءِ انسان سڏبا آهيون، جو تہ پيدائش ڪانپوءِ ئي اسان ٻين سان گڏجي رهندا آهيون ۽ پوءِ ماءُ، پيءُ يا ڪوئي ٻيو فرد اسان کي کائڻ، ڳالهائڻ، اٿڻ، ويهڻ، ويچارڻ ۽ انسانن جيان عمل ڪرڻ جا آداب سيکاريندو آهي.

منهنجا پيارا- حقيقت ۾ اسان ٻنهي جو سُٻنڌ هڪ آنول جي ڪري ئي آهي. اسان ٻئي دوست بہ ڪو نہ آهيون، جو تہ اسان مان هڪ سزا ڏيندڙ ۽ ٻيو ان سزا جو نشانو بڻجندڙ آهي ۽ يقيناً آءٌ اها سزا ڀوڳي رهي آهيان. تون هڪ جراثيم جيان مون ۾ داخل ٿي، منهنجي ڪُک، خون ۽ منهنجي چرٻي تي قابض ٿيڻ ڪانپوءِ هينئر منهنجو پورو وجود مون کان کسڻ ٿو چاهين؟ جنهن جي مان تو کي ڪنهن بہ طور تي اجازت ڪو نہ ڏينديس. توڙي جو آءٌ تو کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي چُڪي آهيان، پر پوءِ بہ اڃان تائين سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچيم، تہ مان ٻار جو ٿي چاهيو؟

مون پاڻ کي ڪڏهن بہ ٻارن سان پُرمسرت محسوس ڪو نہ ڪيو آهي، توڙي جو مون ڪيئي ڀيرا انهن سان رَلي ملي وڃڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي، پر مان جڏهن بہ سندن آجيان لاءِ مُرڪي اڳتي وڌي آهيان، تڏهن هو خوفزده ٿي روئي پيا آهن. تنهن ڪري مون کي لڳندو آهي، تہ ماءُ جا فرض منهنجي وس جي ڳالهہ ڪو نہ آهن. مان زندگي ۾ ٻين ذميوارين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نيائڻ جي قابل ٿي سگهان ٿي. جيئن منهنجي نوڪري آهي، جنهن کي مان پسند ڪرڻ ۽ جاري رکڻ چاهيان ٿي. منهنجو مستقبل، جيڪو منهنجو منتظر آهي ۽ جنهن کي آءٌ قطعاً گنوائڻ نه ٿي چاهيان. دنيا ۾ اهڙيون عورتون به ته آهن، جيڪي ٻارن ڄڻ ولر ڄڻ ڪانپوءِ وڏيڪ ٻارن پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ ئي قبول ڪيون وڃن ٿيون ۽ جهان ۾ ان ڇوڪري ڪي به ته هلايو وڃي ٿو، جيڪا زوري زيادتي ڪان پوءِ ٻار کي جنم ڏيڻ نه ٿي چاهي؟ ته پوءِ مون کي به انهن جيان يقيناً قبول ڪيو ويندو. ٻار نه ڄڻڻ ۽ عصمت لُٽائي ويهڻ جو ازالو، جيائي تان دستبردار ٿيڻ ۾ ڪو نه آهي. مان هي اسپتال ڇڏي، پنهنجي ڪم تي پئي وڃان، پوءِ جيڪو ٿيڻو آهي، سو پلي ٿئي. جيڪڏهن تون پيدا ٿيڻو هوندين، ته ٿي ويندين ۽ جيڪڏهن تنهنجي مقدر ۾ موت لکيل آهي، ته پوءِ آءٌ ڇا ٿي ڪري سگهان، ڇو ته موت ۽ زندگي ته منهنجي وس کان ٻاهر آهن!

منهنجي وس ۾ ته صرف اهو آهي، ته اڄ کان پوءِ آءٌ تنهنجي وڏيڪ ظلمن ۽ پيڙائن برداشت ڪرڻ کان انڪار پئي ڪريان، ۽ هون به اسان جي وچير اهڙو ڪو معاهدو به ته ڪو نه ٿيو هو. معاهدو ته اهو هوندو آهي، جنهن ۾ ماڻهو ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو آهي. پلا مان ڪو اهڙو معاهدو ڪيئن ٿي قبول ڪري سگهان، جنهن ۾ سيڪجهه مون کي قربان ڪرڻو هجي ۽ تون صرف وٺڻ وارو هجين ۽ موت ۾ سيئي عذاب به وري مون کي ڀوڳڻا پوندا هجن. جيڪڏهن ڪومعاهدو هيو به ته، ان تي صرف منهنجي دستخط هئي، جيڪا هڪ پاسائين هئڻ ڪري، ڪڏهوڪو پنهنجي وقعت وڃائي چُڪي آهي. تو ڪا به دستخط ڪو نه ڪئي ۽ نه ئي وري ان لاءِ تنهنجي آمادگيءَ جو ڪو آثار نظر آيو. تو راضپي بدران گلابي خون جي قطري جي صورت ۾ پنهنجو پيغام ڏنو آهي.

مون کي سُڌ آهي، ته مون تي زندگي ۾ ملامت ڪئي ويندي ۽ منهنجي سموري حَياتي سراپا سور بڻجي ويندي، ۾ پوءِ به آءٌ پنهنجو فيصلو تبديل ڪو نه ڪنديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڊاڪٽر** مون کي ڪنور ۽ قاتل ڪوٺيو. هن پنهنجي اڇي پوشاڪ ۾ ڊاڪٽر بدران جج جا تيور ٽي ڏيکاريا. هن ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو، ته مان هڪ ماءُ، هڪ عورت ۽ هڪ سماجي فرد جي حيثيت ۾ پنهنجي فرض ۾ عظيم ڪوتاهي ڪئي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ”تنهنجو اسپتال مان نڪرڻ، بستري تان اُٿي ڪنهن سفر تي وڃڻ، هڪ سوچيو سمجهيو قتل جو منصوبو آهي، جنهن لاءِ تون به ايتري سزا جي مستحق آهين، جيترو هڪ پيشاور قاتل هوندو آهي“.

پوءِ هن تنهنجو فوٽو منهنجي سامهون رکي مونَ کي ڏاڍي نرمي ۽ ڌيرج سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو ته، ”جيڪڏهن تو ۾ ٿوري به ممتا ۽ دل آهي، ته پوءِ تو کي ايئن ڪرڻ نه گهرجي“ جو ته سندس چوڻ موجب تون هينئر هر حوالي سان هڪ مڪمل انسان هُئين. تنهنجو مُنهن هاڻي صرف مُنهن جو نشان نه پر مڪمل چهرو بڻجي چڪو هو، جنهن ۾ نڪ ڪان وٺي ٻيا سڀ وصب واضع ٿي چڪا هئا ۽ ساڳي صورت حال تنهنجي جسماني ساخت جي هئي. جنهن ۾ تنهنجا هٿ، پير ۽ ايتري تائين جو پيرن جا نهن به نظر ٿي آيا ۽ ان ڪان علاوه تنهنجي ننڍڙي مٿي تي وارن ڦٽڻ جا اهڃاڻ به صاف ڏسڻ ۾ ٿي آيا. تنهن ڪري مون کي تنهنجي نزاڪتن کي محسوس ڪرڻ گهرجي. هن پنهنجي گفتگو جو سلسلو جاري رکندي وڌيڪ چيو، ”هن جي چمڙي ته ڏس! ڪيتري نه نازڪ، صاف ۽ نفيس آهي، جنهن مان رڳن ڪان وٺي تنتي سرشتي تائين، هر شيءِ چٽي ڏسڻ ۾ پئي اچي ۽ هاڻي هو ايترو ته وڏي ويو آهي، جو جيڪڏهن تون ان کي ضايع ڪرڻ به چاهين، تڏهن به توکي ڏاڍي تڪليف سان مُنهن ڏيڻو پوندو، جو ته ان لاءِ هينئر ڏاڍي دير ٿي چڪي آهي“.

ڊاڪٽر جي ان پوري تقرير کي ٻڌڻ ڪان پوءِ مون هڪ پنو ڪٽي، ان تي دستخط ڪئي، جنهن مطابق هو تنهنجي يا منهنجي زندگي ۽ موت جو ذميوار ڪو نه هو، پر ان جي ذميواري مون خود پاڻ تي ڪنئين. ڊاڪٽر ڪاوڙ ۾ ڪمري ڪان ٻاهر نڪري ويو. ان وقت ئي تو منهنجي ڪُک ۾ چريو ڪئي. تنهنجي اها چريو، جنهن لاءِ مان مهينن ڪان منتظر ۽ مشتاق هيس،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شايد تو پير پٽاريا هجن يا اوپاسي ڏني هجي، پر مون کي سَٽَ ضرور آئي.
ها اهڙي سَٽَ، جهڙي مون پنهنجي ماءُ کي پنهنجي ضايع نه ڪرڻ لاءِ منٿ ڪندي پهريون ڀيرو ڏني هئي. منهنجي چنگهه مان سَٽُ چڙائي ويو ۽ ڪيترن سيڪنڊن تائين مان اتي سڪتي جي حالت ۾ ويٺي رهيس. درد ڪان منهنجون لونڊڙيون ٿي ڦاٽيون ۽ تڙي خشڪ ٿي ٿي ويئي. اکين ۾ لڙڪ تري اچڻ ڪري اکين اڳيان اونداهي ڇانئجي وئي. نيٺ مان ٻه لڙڪ لڙي چادر تي اچي ڪريا، پر مان بستري تان اُٿي، سامان تيار ڪرڻ ۾ لڳي ويس، ڇو ته سڀاڻي اسان کي هوائي جهاز ذريعي هتان رواڻو ٿيڻو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڇا** واقعي ٿي ايتري خطري جي ڳالهہ هئي؟

جڏهن کان واپس پنهنجي شهر موٽيا آهيون، تڏهن کان ڪائي اهڙي ڳالهہ پيش تہ ڪو نہ آئي آهي! سفر ۽ ڪم ڪار جي باوجود بہ هر شيءِ ٺيڪ ٺاڪ آهي. نہ ذهني پريشاني، نہ سور ۽ نہ ئي وري اجاڻ ڪو اوڪارو آيو آهي ۽ نہ ئي ڊاڪٽر جي پيشنگوئي موجب ٻيو ڪجهہ پيش آيو آهي.

ڪالهہ هڪ ڊاڪٽرياڻي منهنجو طبي معائنو ڪيو ۽ تو ڪي چڱيءَ طرح تپاسڻ ڪانپوءِ چيائين تہ، ”خطري جي ڪائي ڳالهہ ڪونهي. هر شيءِ پنهنجي جاءِ تي درست آهي“. هوءَ ڏاڍي پلوڙ عورت آهي، پر هُن جي برعڪس مرد ڊاڪٽر احتياطن ٻڌائڻ ۽ خوفائتيون ڳالهيون ڪرڻ ۾ تہ حد ڪري ڇڏي هئي. ڊاڪٽرياڻي تہ ايترو بہ چيو تہ، ”خون جي هڪڙي قطري خارج ٿيڻ سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ ڪيترين ئي اهڙين عورتون آهن، جن سان پوري حمل دوران خون جي جاري رهڻ جوّ مسئلو درپيش رهندو آهي، پر پوءِ بہ اهي صحتمند ٻار کي جنم ڏينديون آهن.“

سندس خيال موجب، بستري تي گهڻو عرصو پيو رهڻ غير فطري آهي ۽ ضرورت کان زياده احتياط، وهمن ۽ خدشن کي جنم ڏيڻ جو ڪارڻ بڻبا آهن. هُن پنهنجي هڪ مريضہ جو مثال ڏيندي ٻڌايو تہ، ”هوءَ هڪ پيشاور رقاصہ هئي، جنهن حمل جي پنجين مهيني تائين پنهنجو رقص جاري رکيو، پر کيس ڪابہ تڪليف پيش ڪو نہ آئي. ليڪن مون کي تنهنجي باري ۾ هڪ ڳالهہ حيران ڪري رهي آهي، تہ تنهنجو پيٽ رقاصہ جي نسبت وڌيڪ اُڀريل ۽ پريل آهي“.

هن وڌيڪ چيو تہ، ”خطري جي ڪائي ڳالهہ ڪونهي، پر پوءِ بہ احتياطاً جيڪڏهن آءٌ چاهيان، تہ اڳئين ڊاڪٽر جون دوائون استعمال ڪري سگهان ٿي“. پر مون انهن دوائن تي ڀاڙڻ بدران فطرت تي اعتماد کي اوليت ڏني. هن صرف ضرورت کان زياده ڪار هلائڻ کان منع ڪئي، پر جڏهن مون کيس ٻڌايو، تہ مون کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏينهن جي سفر تي ڪار ذريعي وڃڻو آهي، تڏهن هن حيرانگيءَ مان ورائيو، ”ڇا واقعي ٿي اهو ايترو ضروري آهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون موٽ ۾ ڪنڌ لوڏيو، تہ هوءَ ڪن پل لاءِ خاموش ٿي وئي، پر پوءِ مرڪندي چيائين، ”پرواهہ نہ ڪر. هتان جون گاڏيون آرامده ۽ روڊ ايترا سنوان ۽ سهنجا آهن، جو تو کي ڪائي مشڪل پيش ڪو نہ ايندي، پر تولاءِ هر ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ آرام تمام ضروري آهي. ڪڏهن بہ پاڻ تي ٿڪاوٽ جو بوجهہ نہ وجهجانءِ.“

”ڇا تون مون کي ٻُڌي رهيو آهين؟“ مون سيني ڳالهين تان هٽ ڪنيو، بس پاڻ هينئر ٻئي دوست آهيون. تو کي بي آرام ڪرڻ ۽ برو ڀلو چوڻ تي مون کي سخت ندامت آهي، پر جيڪڏهن اڃان بہ تون ناراض آهين، تہ آءٌ ٻيهر معافي ٿي گهران. شايد ناراضگيءَ سبب ئي تو منهنجي ڪُڪ ۾ چڙهيون هٽڻ ڇڏي ڏنيون آهن. اسپتال مان موٽڻ کان پوءِ هينئر تائين تو مون کي ڪاسٽَ ڪو نہ ڏني آهي، جنهن لاءِ مون کي تو تي ڪاوڙ بہ ڏاڍي ٿي اچي، پر اها جهٽ پل ۾ لهي ٿي وڃي ۽ آءٌ مطمئن ٿي وڃان ٿي. تو کي خبر آهي، تہ مان ڪيترو نہ تبديل ٿي وئي آهيان. جڏهن کان مون ٻيهر معمول واري زندگي گذارڻ شروع ڪئي آهي، تڏهن کان مون پاڻ ۾ انوکي تبديلي محسوس ڪئي آهي ۽ ڪنهن ساموندي پکي جيان پاڻ کي پرواز ڪندي ڀانيو اٿم. منهنجي جيون ۾ ڪو اهڙو موڙ بہ آيو هو ڇا، جڏهن مون جيئڻ نہ ٿي چاهيو؟ مان جڏهن هاڻي ان تي سوچيان ٿي، تڏهن اهو سڀڪجهہ مون کي پنهنجي ماضي جو احمقپڻو ٿو ڀاسي. زندگي جي هر شيءِ ڪيتري نہ موهيندڙ ۽ پياري آهي. هي حسين ڌرتي، سرسبز وڻ ٽڻ ۽ موهيندڙ موجيلو سمنڊ، انساني جياپي لاءِ ڪيڏي نہ وڏي وٿ آهن! سمنڊ جون مترنم لهرون، ۽ مسرور ڪري ڇڏيندڙ زندگي جا هي منظر، جستجو ۽ جاڪوڙ لاءِ ڪيڏو نہ اتساهہ پيدا ڪندڙ آهن!

جڏهن مون تو کي ٻڌايو هو، تہ پورهيو پيڙيندڙ ۽ تنگ ڪري ڇڏيندڙ عمل آهي، تڏهن آءٌ، صرف بستري پيڙي هيس ۽ مون ۾ بيزاري ۽ بيقراري اهڙن احساسن ۽ ويچارن کي جنم ڏنو هو. ڇڙ ۽ تنهائي جي ڪيفيت جي ڪري مون کي هر شيءِ جو صرف اونداهو پاسو نظر ٿي آيو ۽ هنيئر جڏهن تاريڪي جو تذڪرو ڪري رهي آهيان، تڏهن تو کي جنم ڏيڻ جو اشتياق مون کي وڌيڪ بي چين ڪري رهيو آهي. مون اڄ تائين تو سان جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنگيل ناشتي جي آرڊرن جي پرچين کي به تبديل ڪري ڇڏيم، صبح تي تو ان تماشي جو شور ته پڌو هوندو؟

هڪ مائي کي ڪنهن مرد جي چپل هٿ آئي ۽ هوءَ پنهنجي ڪڙي واري سينڊل هٿ اچڻ لاءِ پريشان هئي، هڪ همراهه جي نون بوٽن جي جاءِ تي پراڻي جُتي پئي هئي، جيڪو پنهنجن جوتن جي تلاش لاءِ حيران ۽ پريشان هو. ساڳي حالت ناشتي جي آرڊرن سان هئي، ڪنهن رڙ ڪري ٿي چيو، ”مون کي ڪافي ملي آهي، مون ته انڊي ۽ سلائيس جو آرڊر ڏنو هو.“ ڪنهن ٻي دانهن ٿي ڪئي، ”مون چانهه چئي هئي، هي آمليٽ ڇو ڏنو اٿوَ؟“ مان دروازي سان ڪن لايو سڀ ڪجهه پڌو ٿي ۽ کِلي کِلي کيري ٿي ٿي پيس ۽ ايئن ٿي لڳم ڄڻ اهي ننڍپڻ جا حسين ۽ پر مسرت ڏينهن وري موٽي آيا هجن، جڏهن هر حرڪت هڪ راند ۽ حسين رونشو هوندي هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون تو لاءِ هڪ پينگهو خريد ڪيو آهي، پر خريد ڪرڻ ڪانپوءِ خبر پئي اٿم، تہ پار جي جنم کان اڳ پينگهو بہ بستري تي گلن جيان سٺو سنوڻ نہ سمجهيو ويندو آهي، پر اهڙن وسوسن ۽ وهمن ۾ مان اعتقاد ڪو نہ رکندي آهيان. هي هڪ اهڙو رنگين ۽ پر آسائش هندستاني پينگهو آهي، جيڪو ڪنهن ڳنڍڙي جيان، پنهنجي پويان ڪٺي سگهجي ٿو. آءُ بہ تو کي پنهنجي پويان ڪٺي هر جاءِ تي پاڻ سان گڏ گهمائيندس ۽ ماڻهو مرڪي چوندا، "ڏسو ڏسو هي بہ سمجهن ۽ ڪل ٽڙين جي جوڙي!"

مون تولاءِ هڪ ڪپڙن واري الماڙي بہ خريد ڪئي آهي، جنهن ۾ تنهنجون رنگين شرٽيون، گائون ۽ ننڍڙو خوبصورت بسترو سجائي رکيو آهي. جڏهن مون پنهنجي سنگتياڻي کي فون تي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو تہ هن وراڻيو هو "تون واقعي چري ٿي وئي آهين" پر هن جي آواز ۾ اطمينان ۽ مسرت هئي. مون جڏهن سفر تي وڃڻ وقت ڪانئس موڪلايو ٿي، تڏهن هوءَ تنهنجي باري ۾ ڏاڍي فڪرمند هئي. پريشانيءَ مان هر هر چيائين ٿي تہ "جيڪڏهن جهاز ۾ ڪجهہ ٿي وڃي تہ ......؟"

اها عورت جيڪا پهريان تو مان نجات جون نصيحتون ڪندي هئي، سا تو لاءِ بيحد پريشان ٿي لڳي. هوءَ واقعي ڏاڍي سلڇڻي عورت آهي. ان ڏينهن کان سواءِ جڏهن هن تنهنجي پيءُ کي مون وٽ موڪليو هو، مونکي ساڻس ڪا بہ شڪايت ڪو نہ رهي آهي. جيتري تائين تنهنجي پيءُ جو تعلق آهي، تہ هو اهو مرد آهي، جيڪو منهنجي ڌڪارڻ ۽ پنهنجي تذليل جي باوجود بہ منهنجي قرابت لاءِ راضي آهي ۽ اهڙو ماڻهو هروڀرو مسترد ڪرڻ جو مستحق بہ ڪونهي. هن پوءِ مون کي جيڪو خط لکيو، ان منهنجي دل تي ڪافي ٿڌو ڇنڊو وڌو آهي، جنهن ۾ هن اعتراف ڪيو هو تہ، "هو مرد هئڻ جي باوجود بہ بزدل آهي ۽ ان بزدلي ڪارڻ ڪيس معاف ڪري هڪ پيار ڪندڙ طور قبول ڪيو وڃي." منهنجي خيال ۾ خود احتسابي هن جي جيءَ ۾ ڪجهہ وڏ ضرور وڌا آهن. ڪڏهن ڪڏهن بيڪار پيل فرنيچر جو ٽڪرو ڏاڍو ڪارآمد بڻجي پوندو آهي ۽ هونءَ بہ تنهنجي پيءُ کان مان ڪو وير وٺڻ قطعاً ڪو نہ ٿي چاهيان، ڇو تہ تنهنجي پيءُ کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وني منهنجي صاحب، ۽ ڊاڪٽر ٽائين اهي سيئي ڪولين جي اهڙي جيتامڙي حشار مان آهن، جن کان انتقام وٺڻ ڪو نه ٿو جڳائي.

تون ان وقت ڏسين ها، جڏهن مون پنهنجي صاحب کي پنهنجي سفر تي نڪرڻ جو ٻڌايو، ته هو ڪيئن نه چوڻ لڳو، "سياٽي چوڪري ڏاڍي سٺي خبر ڏاڍي سٺي...... ۽ مونکي يقين آهي، ته ان لاءِ تو کي ڪو پڇتاءُ نه هوندو". ها يقيناً مون کي ان لاءِ ڪو به پڇتاءُ ڪو نه هو، چو ته هڪ عورت جڏهن خود پنهنجي مانَ جي محافظ بڻجندي آهي، تڏهن ئي ٻيا سندس احترام تي مجبور ٿيندا آهن ۽ جڏهن ڪيس پاڻ پر اعتماد هوندو آهي، تڏهن ئي ٻيا مٿانئس اعتبار ڪندا آهن.

ٻچڙا! ماشاالله سياٽي صبح جو ڪار ذريعي اسان پنهنجي سفر تي نڪرنداسين، پر مان اڄ رات تو لاءِ هڪ نظم لکنديس، جيڪو منهنجي آنند ۽ اندر جو آئيندا دار هوندو.

مون وشواس دريافت ڪري ورتو آهي،
گهرن، عبادت گاهن ۽ بادلن تي گل نڇاور ڪرڻ،
۽ سامونڊي پکين جيان،
هن ميري گدلي ۽ ادس فضا کان ڏور
وشال اجري سمنڊ مٿان
پرواز ڪرڻ جي خواهش،
منهنجي جيءَ پر پر ڦرڪائي اڏامڻ لڳي آهي.
سچ پڇ ته حوصلو ئي روشني آهي،
۽ آءٌ اونداهيءَ پر انهيءَ ڪري ٿي پٽڪيس،
چو ته مان حوصلو هاري ويٺي هيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صحيح هجن؟ پر اچ تائين انهن مان به ڪا عورت اهڙو نظام دريافت ڪري ڪو نه سگهي آهي، جنهن تحت ٻار جو جنم نه به ٿئي، تڏهن به ڪائنات جو ڪاروبار ائين ئي قائم رهي، پر ٻارن کي پيدا ڪرڻ واريون به ته هميشه عورتون هونديون آهن! مون کي هڪ سائنسي ڪهاڻي جي سُڌ آهي، جيڪا هڪ سياري تي وقوع پذير ٿي. جنهن موجب ٻار جي پيدائش لاءِ ستن انسانن جي گروپ جي ضرورت هوندي، پر ستن فردن جو هڪ ئي وقت گڏ هجڻ ۽ وري ان تي متفق رهڻ ڏاڍو مشڪل ۽ اوکو آهي، ڇو ته انهن ستن ماڻهن جي نه صرف فڪري هم آهنگي هئڻ ضروري هوندي، پر انهن جي اجتماعي فعل سان حمل جو عمل به وابسته هوندو، تنهن ڪري ان طريقي سان نسل جي واڌ جو عمل ناس ٿي ويندو ۽ سيارو بلڪل سنسان بڻجي ويندو.

پر هڪ ٻي ڪهاڻي به آهي، جنهن ۾ فقط هڪ الڪلائين محلول جي ضرورت هجي ٿي. هڪ لوٽياڻي پاڻيءَ جي گلاس ۾ جوهر جي ڦُٽي ڪرڻ سان زندگي جي جنم سان گڏ ٻن وجودن جي آسان تقسيم عمل ۾ اچي ٿي. جوهر پنهنجو وجود وڃائي ڪو نه ٿو، پر ٻن حصن ۾ ورهائجي پنهنجي انا جو انت آڻي ٿو ۽ ان طرح نَوَنِ مهينن تائين ڪُکِ ۾ سانڍڻ واري عذاب ڪانسواءِ ئي ٻار جو جنم ممڪن ٿي سگهي ٿو.

ڪن عورتن لاءِ نَوَنِ مهينن وارو اهو عرصو عذاب بدران عظمت ۽ نعمت جيان هوندو آهي، تنهنڪري بهتر طريقو اهو آهي، ته هڪ ڪُکِ مان ڳپ ڪڍي، ڪنهن اهڙي عورت جي پيٽ حوالي ڪجي، جيڪا ان کي اپنائڻ ۽ سنڀالڻ لاءِ آماده هجي ۽ جيڪا ممتا جي حوالي سان مون کان وڌيڪ ذميوار، شفيق ۽ فياض هجي. ماڻ سمجهان ٿي بخار ۾ منهنجا لڱ ٻري رهيا آهن. اعصابي دٻاءُ ۽ سور وري ٻيهر وڌڻ شروع ٿي ويو آهي. مون کي انهن کي نظر انداز ڪرڻ گهرجي، پر اهو ڪيئن ممڪن آهي؟ منهنجي خيال ۾ پنهنجو پاڻ کي وڌيڪ مصروف رکڻ سان ئي انهن کان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو. الاهي ڏينهن کان توکي ڪا ڪهاڻي ڪو نه ٻڌائي اٿم، اڄ ته اڄ تو کي هڪڙي خوبصورت ڪهاڻي ٻڌايان.

ڪنهن زماني ۾ هڪڙي عورت هئي، جيڪا چنڊ جي ٽُڪري جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حاصلات جا هميشه پنهنجي خواب ڏسندي هئي. هن جو چند سان ايترو چاهه هو، جو هن لاءِ اتان جي مٽي چپٽي ملڻ به وڏي نعمت جي مترادف هو. سندس اهو سپنو، ڪو ناممڪن ۽ ساپيان ماٺي نه سگهندڙ به ڪو نه هو، ڇو ته هوءَ بذات خود اهڙن ماڻهو کي سُڃاڻندي هئي، جيڪي چنڊ تان ٿي آيا هئا ۽ ان دؤر ۾ چنڊ يا ترا هڪ عام رواج هو. هن جي اکين جي سامهون ئي ڪيئي جوان ڌرتي تان جهازن ۾ سوار ٿي، آڪاش ڏانهن اُڏاڻا هئا، جڏهن جهاز آسمان جي وسعتن ۾ آگ جا گل ڦهلائيندو ويندو هو، تڏهن اها عورت راڪيٽ کي ڏسي خوشي مان جهومندي چوندي هئي، "وڃ، وڃ اڃان مٿي وڃ" . پر جڏهن اهو سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويندو هو، تڏهن هوءَ حسرت ۽ نراسائي مان آڪاش ۾ ڏينهن تائين انهن چنڊ جي متلاشين جا نشان نهاريندي رهندي هئي، پر چنڊ يا ترا تي جيڪي به ماڻهو ويا، اهي اڪثر ڪري احمق ۽ پٿر دل ماڻهو ئي هئا. هو مرڪن ۽ لڙڪن جي صداقت کان نا آشنا فقط اهڙا ماڻهو هئا، جن لاءِ چنڊ يا ترا صرف سائنسي جستجو ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي حاصلات هئي.

مسافت دؤران وٽن ڪنهن به موهيندڙ ڳالهه بدران رڳو، انگ اکر ۽ ڇَسا فارمولا گفتگوءَ جو موضوع هوندا هئا. جيڪڏهن ان ڪانسواءِ ڪين ڪو فڪر هو، ته اهو صرف پنڌ طئي ڪري وڃڻ جي اندازي ۽ ڪٿ جو هو. جڏهن چنڊ تي پهچي ويندا هئا، تڏهن سندن اهو اونو به ختم ٿي ويندو هو ۽ ڳالهائڻ لاءِ وٽن ڪجهه به ڪو نه رهندو هو. وڌ ۾ وڌ چند من گهڙت تفصيلن نوٽ ڪرڻ، پنهنجي نشاني طور جهنڊو کوڙڻ ۽ روبوٽ جيان چند لحاتي رسمون ادا ڪرڻ کان پوءِ وري ڌرتي طرف پاڇ ڪندا هئا ۽ پوئتي فقط پنهنجي فضول قدمن جا ڏنڌلا آثار ڇڏي ايندا هئا. هڪ پيرو جيڪڏهن تون به انهن جي ميري قدمن کي چنڊ تي پسين، ته تون به ساڻن نفرت ڪرڻ کانسواءِ رهي نه سگهين.

چنڊ يا ترا تان موٽڻ کان پوءِ اهي ماڻهو اجائي فارمولن سان گڏوگڏ چنڊ جا ڪجهه اهي ٽُڪرا ۽ مٽي به ساڻ کڻي ايندا هئا، جن جي حاصلات جا اها عورت هميشه خواب پئي ڏسندي هئي.

جڏهن خوابن بدران انهن چنڊ جي ٽڪرن ۽ مٽي کي پنهنجي اکين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳيان ڏسندي هيس، تڏهن ڪين ليلائيندي چوندي هيس، ”توهان وٽ چنڊ جا ڪوڙ سارا ٽڪرا ۽ مٽي آهي، ان مان مونکي به ٿورو ذرو ڏيندؤ“ ؟

موٽ ۾ هميشه وراڻيندا هئا،” اسان تو کي انهن جي دز به ڏئي نه ٿا سگهون، ڇو ته اسان کي ان جي اجازت نه آهي“ . انهن جو سچو چنڊ ليبارٽرين جي نذر ٿي ويندو هو ۽ انهن ماڻهن جي ٽيبلن تي پٽي پٽي زيان ٿي ويندو هو، جن جي خيال ۾ چنڊ جي ٽمنان فقط سائنس ۽ ٽيڪنالوجيءَ جي سوٻ ڪانسواءِ ٻي ڪا به وقعت ڪو نه ٿي رکي. هو توڙي جو عمل کان عاري ۽ بي رحم ماڻهو هئا، پر تڏهن به انهن مان هڪڙو مون کي پيءُ جي نسبت چڱو لڳندو هو، ڇو ته هو روئڻ ۽ کِلڻ جي سچائين سان ڪافي مانوس هو.

هو ڏسڻ ۾ بدصورت ۽ بندري قد جو ماڻهو هو، جنهن جا ڇدا ڏند ويتر کيس احساسِ ڪمتري جو شڪار بڻائيندا هئا. هو پنهنجي احساسِ ڪمتري کي لڪائڻ لاءِ هميشه کلندو ۽ عجيب قسم جا ٽوپلا پيو پائيندو هو، جن سان کيس ڪجهه روحاني مسرت ۽ آٿت نصيب ٿيندو هو ۽ هو ان خوش طبعي ڪري ئي منهنجو دوست بڻيو. هو پنهنجي ڪوجهائپ جي احساس ڪارڻ پاڻ کي چنڊ جو مستحق ڪو نه سمجهندو هو، تنهن ڪري هو جڏهن به مون سان ملندو هو، تڏهن بي چسائيءَ سان چوندو هو، ”مان چنڊ تي وڃي ڇا ڪندس؟ مان شاعر به ڪو نه آهيان ۽ نه ئي وري ڪا اها سُڌ اٿم، ته حسين شين کي ڪيئن خراج پيش ڪبو آهي“؟. چنڊ تي اُسهڻ کان چند ڏينهن پهريان هو مون وٽ مون کان موڪلائڻ ۽ اهو پڇڻ لاءِ آيو هو ته چنڊ کي ڇا وڃي چئي؟

مون کيس چيو هو، ”تو کي اهو ئي ڪجهه چوڻ گهرجي، جيڪو سچ ۽ صداقت آهي. مثال طور تون هڪ معمولي ماڻهو آهين. جنهن کي پنهنجي مڙني اوڻائين جو چڱي طرح ادراڪ ۽ احساس آهي“ . هن کي منهنجي راءِ پسند آئي ۽ هن واعدو ڪيو هو، ته هو چنڊ تي وڃي اهو اعتراف ضرور ڪندو ۽ هن اهو پڻ وچن ڏنو، ته واپسيءَ تي هو مون لاءِ چنڊ جو ننڍڙو ٽڪرو ۽ مٽي ضرور آڻيندو، پر جڏهن چنڊ يا ترا تان موٽي آيو، تڏهن هو ساڳيو نه رهيو هو. مون سان ملڻ ته ڪو نه آيو، پر جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون ٽيليفون ڪري ڪيس وچن ياد ڏيارڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، تڏهن به ڪو نه ڪو بهانو ڪري اها ڳالهه ٽاري ٿي ويو. نيٺ هڪ ڏينهن رات جي ماني جي دعوت ڏني، هن مون کي پنهنجي گهر گهرايو. مان ان وشواس سان سج بيٺي ٿي وڃي سندس گهر پهتس، ته هو مون کي چنڊ جو ٽڪرو ضرور ڏيندو. مان دسترخوان تي بي قراري محسوس ٿي ڪئي. ماني کائڻ کان پوءِ هن چيو ته، "اچ ته تو کي چنڊ ڏيکاريان" پر هن ايئن ڪو نه چيو ته، "اچ ته تو کي چنڊ ڏيان" . منهنجو "ڏيکارڻ ۽ ڏيڻ" جي تفاوت ڏانهن ڪو به ڌيان ڪو نه ويو. هن کي اڃا به اهو مسخرن وارو ٽوپلو پاتل هو ۽ هن جي ٿڪل پر اڃان به اهائي پورڙائي هئي، پر اها زنده دلي، جنهن جي مون کي منجهس توقع هئي، سا خبر ناهي هو الائي ڪهڙي آڪاش تي کيرائي آيو هو. هو ميڇ ڏئي مون کي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو، جتي پيل الماڙي جو تالو کوليائين، جنهن ۾ اندر ڪوڏر، رنبي، نلڪي ۽ ڪيترو ئي ٻيو سامان پيو هو، جنهن تي عجيب چاندي مائل سليٽي رنگ جي دز چڙهيل هئي. چنڊ جي مٽي ڏسي منهنجي دل تيزي سان ڌڙڪڻ لڳي. مون هٿ وڌائي ڪوڏر ڪنئين، جيڪا ڏاڍي هلڪي ۽ تقريباً بي وزن ٿي محسوس ٿي. ان تي چڙهيل چاندي جهڙي دز ٽالڪم پائوڊر جيان ٿي لڳي، جنهن ڇهري تي ٻي ڇمڙي جي ڏِکَ ٿي ڏني. اهو بيان ڪرڻ ڏاڍو اوکو آهي، ته مون چنڊ کي پنهنجي ڇهري تي ان پل ڪيئن محسوس ڪيو؟ شايد زمان ۽ مڪان تي سوچ جو احساس هو يا وري ڪڏهن به حاصل نه ٿي سگهندڙ منزل جي حاصلات جي مسرت، جنهن جو تصور ئي بذات خود بحربي ڪران هو. هن وقت آءٌ جيڪي احساس جا اندازا پئي هڻان، ان لمحي آءٌ انهيءَ ڪَٿ کان بنهه ئي قاصر هيس. هينئر به آءٌ جڏهن پنهنجي ذهن تي زور ٿي ڏيان، تڏهن به فقط ايترو ياد ٿو اچيم، ته آءٌ هن جي بي چين ٿي وڃڻ واري احساس کانسواءِ، هٿن ۾ عجيب اشتياق سان ڪوڏر پڪڙيو بيٺي هيس، پر جڏهن محسوس ڪيم، ته هو اتاولو ٿي رهيو آهي، تڏهن شڪريئي سان ڪوڏر واپس ڪندي چيم، " هاڻي ڪجهه مٽي ڪٿي سگهان ٿي" ؟ هن جا گهڙيءَ ۾ تيوَر ئي بدلجي ويا. "ڇا جي مٽي" ؟ "چنڊ جي مٽي، جنهن جو تو واعدو ڪيو هو" . هن وراڻيو، "مان پنهنجو واعدو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پورو ڪيو. تو ڪي اها هنيئر ئي تہ ڏسڻ لاءِ ڏني هيم ۽ تون پاڻ ئي تہ ان ڪي ڇُهي مون کي واپس بہ ڪئي آهي". مون سمجهيو ٿي، تہ هن مذاق ٿي ڪئي، پر پوءِ هن جي سنجيدگيءَ مان سمجهي ورتم، تہ هن مذاق ڪو نہ ٿي ڪئي، بلڪ ڪوڏر کي ڇُهڻ جي اجازت ڏئي، هو پنهنجو واعدو پورو ڪري چڪو هو.

ان لمحي مون کي شدت سان محسوس ٿيو تہ، مفلسن سان بہ ائين ئي ٿيندو آهي، جڏهن زردار ڪين هٿن ۾ موتي ڏئي، ان جون تعريفون ڪرائي، بعد ۾ ڪين خريد نہ ڪري سگهڻ جو طعنو ڏئي، سندن هٿن مان ڦُري وٺندا آهن. مان حيرت ۽ غم ۾ ايترو تہ غرق ٿي وئي هيس، جو هن جي احسان فراموشي جي موٽ ۾ آءٌ سندس منهن تي ڪجهہ هٽي بہ ڪو نہ سگهيس. مون فقط ايترو سوچيو، تہ ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪيس اهو احساس ڏياريان، تہ هو ڪيترو نہ بي مروت ۽ ڪَنور ٿي ويو آهي! انهيءَ اميد تي تہ من نہ من سندس روح ۾ رحم پوي، مون ڪيس ليلائيندي چيو، "آءٌ تو کان چنڊ جو ٽُڪر ڪو نہ ٿي گهران. مان تہ صرف چنڊ جي دز جي طلب ٿي ڪريان، جنهن جو خود تو واعدو بہ ڪيو هو. اها دز جنهن سان تنهنجي الماڙي ۾ رکيل هر شيءِ ڏنڌلائي پئي آهي. مون کي صرف ڪنهن ڪاغذ جي ٽُڪري تي چپٽي جيتري چنڊ جي اُها مٽي لاهي ڏي، جيڪا عمر ۾ منهنجو حسين خواب ۽ حسرت آهي، تہ جيئن آءٌ پنهنجي باقي جيون ۾ ان کي جيترو چاهيان ڏسي سگهان". پر مون ڪيس جيئن وڌيڪ اصرار ٿي ڪيو، تيئن هو وڌيڪ طيش ۾ ايندو ٿي ويو، هو خونخوار نظرن سان گهورڻ ڪانپوءِ آخر خاموشيءَ سان الماڙي جو تالو بند ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو ۽ سندس وڃيءَ وراڻديءَ مان وڏي آواز سان پڇيو، "توهان کي چانهہ يا ڪافي وغيره کپي"؟

منهنجي نڙي مان لفظ بہ نہ اُڪليو. آءٌ خاموش اُتي ئي ويٺي پنهنجي هٿن کي ڏسي رهي هيس، جيڪي چنڊ جي دز سان پريل هئا. مون کي لڳو، چڻ چنڊ منهنجي هٿن ۾ هجي، پر اهو سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو، تہ ان کي ڪٿي رکان ۽ ڪيئن محفوظ ڪريان، جو تہ ٿورڙي بي احتياطي سان ئي ان جي غائب ٿي وڃڻ جو انديشو هنئين ۾ وڌ وجهي رهيو هو. اوچتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذهن ۾ هڪ سُرت سُجهي آئي، ته ان کي پاتوڙ جيئن هٿن تان آهستي چنڊي محفوظ ڪرڻ گهرجي، پر جيئن ئي مون ان کي سميٽڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، ته اهو اتان غائب ٿي ٿي ويو، ۽ اهي پل مون لاءِ ايترا ته پيڙائيندڙ هئا. جو ايتري اذيت جو تجربو شايد ٽنٽاليس به محسوس نه ڪيو هجي. ٽنٽاليس کان ته ان وقت ميويدار ٽاري هٿن مان غائب ٿي ويندي هئي، جڏهن هو ان کي حاصل ڪرڻ وارو هوندو، پر هن ڪڏهن به ان کي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪو نه وڃايو هو. مون آخري نگاهه پنهنجي هٿ تي پيل چنڊ تي وڌي، جيڪو اجان به بيوسيءَ جو داستان بڻيو، منهنجي پيڙا لاءِ منهنجي هٿ ترڻ تي ٿهليو پيو هو. مون نيڻن مان لڙڪ لاڙڻ بدران تلخ مرڪ مرڪي. بي انت فاصلن کان چنڊ مون وٽ آيو هو ۽ مون کي پنهنجي چانڊوڪي سان منور ڪري ڇڏيو هيائين، پر آءٌ ان کي هميشه لاءِ وڃائي رهي هيس. آءٌ جيڪڏهن ان کي محفوظ ڪرڻ به چاهيان ها، تڏهن به اهو ممڪن ڪو نه، ڇو ته آخر دير يا سوير منهنجي آڱرين تي ٿهليل ان چيز جو دونهين جيان تحليل ٿي وڃڻ ئي تقدير ۾ لکيل هو ۽ اهو سچو سفاڪانه مذاق صرف نِبل هجڻ جو نتيجو آهي. مون ڪاوڙ ۾ مُٺ بند ڪري، جڏهن پيهر کولي، تڏهن منهنجي هٿ ترڻ تي فقط ڏنڊليون، غليظ ۽ ليڙيون لڪيرون نظر ٿي آيون، جن کي ڏٺي ئي ڪِرپ ٿي آئي. ڇا صرف اهڙي نفرت انگيز تجربي سان منهن مقابل ٿيڻ لاءِ ئي مون پنهنجي نيڻن ۾ ايترا اوجاڳا ۽ خوبصورت خواب سانديا هئا؟

مون الماڙيءَ جي در سان پنهنجي هٿ جي تري رهڙي، جنهن جو سٽيو نشان ان تي ثبت ٿي ويو، جيڪو ڪنهن لڪير يا طويل لڙڪ جي نشان جيان ٿي لڳو. مان جڏهن گهر کان ٻاهر نڪتس، ته آڪاش تي چمڪندڙ چنڊ نظر آيو، جنهن رات جي سياهي کي پنهنجي روشني سان منور ڪري ڇڏيو هو. مون ڏنڊلي نيڻن سان چنڊ کي ڏسندي سوچيو، "جتي به ڪا چمڪندڙ ۽ پُرنور چيز وجود رکندي آهي، اُتي ان کي ڏنڊلو ۽ ميرو ڪرڻ لاءِ ڪا نه ڪا شيءِ اوس موجود هوندي آهي" . ان تي آءٌ حيران ٿيس، ته ائين آخر ڇو ٿو ٿئي؟ هوٽل ۾ داخل ٿيندي ئي ٻاٿيءَ جي ٽونٽي کولي، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي هينئان پنهنجو هٿ جهليم، هڪ سياه مادو هٿ تان ميرُ جيان لهي گندي ناليءَ جي وهڪري ۾ لُڙهي ويو.

بچڙا! تون به مون لاءِ چنڊ جي مٽي ۽ خود پورو چنڊ آهين. پريشاني ۽ سور جي تڪليف ڏاڍي وڏي وٺي اٿم ۽ وڏيڪ ڪار ڊرائيوَ ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه رهيو آهي. آرام جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي اٿم، گهڙي ڪن لاءِ جيڪڏهن ڪو اُجهو ملي وڃي، ته چند پل سڪون ميسر ٿيڻ ڪانپوءِ ٿي شايد جيڪو ڪجهه بچائڻو اٿم، تنهن جو ڪو فيصلو ڪري سگهان ۽ پنهنجي چنڊ کي ضايع نه ڪريان؟ مان واش بيسن جي ترِي ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو چنڊ ضايع ٿيندي ڏسڻ قطعاً ڪو نه ٿي چاهيان، پر منهنجي اُميد جون سڀ ڏيائيون اُجهامي ويون آهن. جهڙي طرح هڪ رات تنهنجي هئڻ جي هستي جي پختي يقين مون کي مفلوج ڪري ڇڏيو هو، اڄ رات ساڳي طرح تنهنجي اجل جي وشواس جي نشتر منهن جي من کي رتو رت ڪري رهي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان پنهنجو سفر اڌ ۾ ڇڏي واپس شهر موٽي آيس ۽ اچي ڊاڪٽرياڻي کي فون ڪيم. ڪيس يقين ئي ڪو نه ٿي آيو. هن بار بار چيو ٿي، " ڳڻتي نه ڪر، ڀ هفتا ڀهريان سڀ ڪجهه ٺيڪ هو. هينئر به خير هوندو، اهو يقيناً تنهنجو وهم ٿي سگهي ٿو". مون کيس چيو، "پر جيڪو خون مون پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، گهٽ ۾ گهٽ اهو وهم نه ٿو ٿي سگهي. ان خون جي جاري هجڻ ڪري ئي آءٌ پورو هفتو هڪ هوٽل ۾ ترسي آهيان." فون ڪان فوراً بعد آءٌ ڊاڪٽرياڻي وٽ ويس. هوءَ دروازي تي ئي مون سان مُرڪي ملي. هن جي مرڪ ۾ هميشه جيان سرهائي ۽ سڪون هو. هن جي ڪجهه ڳالهائڻ کان پهريان ئي مان پاڻ هُرتو ٽيبل تي ليٽي پيس. هن منهنجي دل تي هٿ رکڻ سان ئي دانهن ڪئي، "تنهنجي دل ته ڏاڍي تيزي سان پئي ڌڙڪي ۽ ان جو آواز اٿين ٿو لڳي، ڄڻ ڪو دهل وڄندو هجي"! مون سندس مهرباني ۽ مُروت جي ڪائي موٽ ڪو نه ڏني، ڇو ته هينئر هر ماڻهوءَ جي همدردي مون کي زهر ٿي لڳي. مون چاتو ٿي، ته جيڪو ڪجهه ٿيڻو هو، سو ٿي ويو ۽ جيڪا تڪليف اچڻي هئي، سا اچي چُڪي، جنهن لاءِ توڙي جو تيار ڪو نه هيس، پر پوءِ به اهو سڀڪجهه مون سان پيش آيو، جنهن جو ڪو به آڌت، ازالو ڪري نه ٿو سگهي. ايتري تائين جو ڊاڪٽرياڻي جي سوالن جا جواب ڏيڻ به مون کي اوکا ۽ اجايا ٿي لڳا.

هن پڇيو، "ڇا تو هنن ڏينهن ۾ پنهنجي ڪُکِ ۾ ڪا چرپر محسوس ڪئي يا ڪڏهن ڪنهن بوجهه ۽ بيزاري جو احساس محسوس ڪيو"؟ مون چيو، "نه". "ڀلا تو کي اهو احساس ڪهڙي لمحي ٿيو ته........."؟

مون وراڻيو، "هوٽل تي پهچڻ کان ٿورو پهريان ناهموار روڊ تي ڪار ۾ سفر ڪرڻ دؤران"!

ڊاڪٽرياڻي موٽ ۾ چيو، "منهنجي خيال ۾ رڳي مشڪل سفر وارو سبب هيڏي هاڃي جو ڪارڻ ڪو نه ٿو ٿي سگهي"!

پوءِ هن منهنجي پيٽ تان چولو هٽائي ان جو معائنو ڪرڻ ڪانپوءِ ٻڌايو، ته اهو پهريان جي نسبت ننڍو ۽ تقريباً سُسيل ۽ سڌو هو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهنجي پُستانن کي پڻ چڪاسيو، جيڪي نه سندس خيال مطابق اڳ جي پيٽ ۾ گهٽ ٽُٽريل هئا. هن هٿن تي دستانا چاڙهي وڏيڪ تسليءَ لاءِ منهنجي جسم اندر هٿوراڙيون به ڏنيون، ۽ چڪاس دوران ئي هن جي نرڙ تي گهنج ۽ اکين ۾ مايوسي نظر اچڻ لڳي ۽ چيائين، "پيٽ جي سوس مان لڳي ٿو، ته ٻار پنهنجو وجود وڃائي چڪو آهي، يا اهو به ممڪن آهي، ته صحيح نشونما نه ملڻ ڪري ٻار جي اوسر رُڪجي وئي آهي. وڏيڪ تصديق ۽ حتمي فيصلي لاءِ اسان باقاعدي طِبي معائنو ڪنداسين، جنهن لاءِ تو کي ڪجهه ڏينهن انتظار ڪرڻو پوندو". پوءِ هن دستانا لاهي هڪ پاسي ڦٽي ڪيا. پريشاني مان ٽيبل تي هٿ رکندي چيائين، "مون کي لڳي ٿو ته تون صحيح ٿي چوين، ته يا شايد اڃان به ٽي هفتا پهريان ٻار جي نشونما نه ٿيڻ ڪري، ان جي اوسر مڪمل طور بند ٿي چڪي آهي. تون هنيئر ان صدمي کي بهادري سان برداشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، ڇو ته ٻار يقيناً ختم ٿي چڪو آهي". مون ڪان نه ڪو جواب اُڪليو نه ڪيس ڪو اشارو ڏنم، ايتري تائين جو بنا ڪنهن اک ڇنڀڻ جي آءٌ اتي ئي ٽيبل تي خاموشي سان بي جان بُت بڻيو پئي رهيس. دماغ ڪان وٺي منهنجو پورو وجود پٿر جيان بي تحرڪ ۽ خاموش هو. نه ڪو خيال، نه ڪو اظهار، ان وقت فقط پيٽ تي ناقابل برداشت ۽ اڻ ڏٺي بوجهه جو احساس ٿي ٿيو، جيڪو مون اينئن ٿي ڀانيو، ڄڻ ڪا آسمان جي ڀاري ڇپَ بنا آواز جي منهنجي مٿان اچي ڪِري هجي ۽ آءٌ ان جي هيٺيان دٻجي خاموش ٿي وئي هجان. اوچتو ڊاڪٽرياڻي جي آواز، رائيفل جي گوليءَ جي گجگوڙ جيان مون کي ڇرڪائي وڌ." حوصلو نه هار، اٿي هاڻي ڪپڙا پاءِ" ؟ مان اٿي ڪٽي ٽيس ۾ اڃان تائين به منهنجي چنگهن ۾ ساهه ڪو نه هو جن تي جبر ڪري مون ٻيهڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪپڙا پاتا ۽ ڪائنس پڇيم، "هاڻي اِڳتي وڏيڪ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي" ؟ هن وراڻيو، "ڪجهه به نه، ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ هرشيءِ خوبخود ختم ٿي ويندي، جنهن لاءِ تو کي ڪا تڪليف ڪرڻي ڪو نه پوندي. مون ڪنڌ لوڏيو ۽ پوءِ منهنجي آٿت لاءِ ڊاڪٽرياڻي جا جملي مٿان جملا شروع ٿي ويا. "دل شڪستا نه ٿي، ڪيترائي ٻار نامڪمل/اڻپوري هئڻ ڪري ضايع ٿي ويندا آهن. انهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هان ننڊ ۾ هيس يا شايد بي هوشي ۾، پر بهرحال مون اهو سڀڪجهه يقيناً محسوس ڪيو. مون کي چٽي طرح ياد آهي، ته هڪ بي داغ ۽ اڇو ڪمرو هو، جنهن ۾ آءٌ بيٺي هيس ۽ هو ستني ڪرسين تي ويٺا هئا. مون کان ٿوري فاصلي تي پيل مکيه ڪُرسي تي، اهو ڊاڪٽر ويٺو هو، جنهن پهرين ڏينهن ۾ منهنجو طبي معائنو ڪرڻ سان گڏو گڏ صلاح مشوار به ڏنا هئا. هن جي ساڄي پاسي کان ڊاڪٽرياڻي ۽ کاٻي کان منهنجو صاحب ويٺو هو. منهنجي صاحب جي پر ۾ ئي منهنجي سنگتياڻي ۽ تنهنجو پيءُ ويٺا هئا، جن جي ويجهو منهنجا والدين به موجود هئا. انهن کان سواءِ اتي ٻيو ڪو به نظر ڪو نه ٿي آيو. توڙي جو ان ڪمري جي ڪنهن به ديوار ۾ در تي، اهڙو ڪو به آثار ڪو نه ٿي ڏٺو، پر پوءِ به مون اندازو لڳائي ورتو، ته اها ئي جاءِ آهي، جتي ان مقدمي جي ڪاروائي هلڻ واري آهي، جنهن ۾ آءٌ ڪٽهڙي ۾ بيٺل مجرم ۽ هو سڀئي منصف هوندا. آءٌ نه خوفزده ٿيس ۽ نه ئي وري مايوس، بلڪ بي ڊپائي ۽ غيرجانبداري سان هڪ هڪ ڪري هر هڪ جو اڀياس ڪرڻ لڳس. تنهنجو پيءُ هٿن ۾ منهن لڪايو اينئن ئي سڏڪي رهيو هو، جيئن هڪ رات هو مون وٽ اچي رنو هو. امڙ ۽ بابا اينئن ڪنڌ جُهڪايو ويٺا هئا، ڄڻ شديد غمن جي بوجهه ڪين ٽڪائي وڌو هجي، ۽ منهنجي سنگتياڻي به ڏکاري ٿي لڳي، باقي ٻين ٽن جي موجودگي بي تاثر ٿي ڀاسي. ڊاڪٽر اٿي هڪ پنو پڙهڻ شروع ڪيو، ”جيئن ته ڏوهاري خود هتي موجود آهي، ۽ هي جيوري انهيءَ ڪري ڪَني ٿي آهي، ته جيئن اهو ڄاڻي سگهجي، ته هن عورت پنهنجي بخيلي ۽ خودغرضي سبب ئي هڪ اُبهم جو انت آڻي، ان جي جياپي جي حق تلفي جو جرم ڪيو آهي“. پوءِ هن پنو رکي مقدمي جي ڪاروائي بابت چٽائي سان ٻڌائيندي چيو ته، ”هر ماڻهوءَ کي گواهه ۽ منصف طور ڳالهائڻو پوندو، ۽ ڳالهائڻ ڪانپوءِ آخر ۾ خود ئي ڪيس اهو حتمي فيصلو ڪرڻو هوندو، ته هي عورت مجرم آهي يا نه؟ ۽ سندس جرم ثابت ٿيڻ جي صورت ۾، سزا جو فيصلو ووٽن جي تعداد تحت ڪيو ويندو“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيان ڏي ہي صورت ۾ هينئر تہ هن معاملي ۾ آءُ پنهنجي راءِ، سندس واري اچڻ تائين محفوظ پيو رکان، پر آئنده سندس پيشي جي حوالي سان ڪنهن ڪوتاهي جي عيوضي ۾ ڪيس هن ئي ڪٽهڙي ۾ ڪڙو ڪرائيندس" .

هن ڊاڪٽرياڻي ڏانهن بيان ۽ شوخيءَ سان ڏنو، جيڪا خاموشيءَ سان ساڻس اکيون اکين ۾ ملائي سگريٽ پي رهي هئي. ڊاڪٽرياڻي جي جرئت، مون ۾ ڪافي حوصلو ۽ گرم جوشي پيدا ڪئي، پر ترت ڊاڪٽر جي برفيلي آواز جي اثر هيٺ اُها گرم جوشي مانئي ٿي وئي.

"اسين هتي گهڙي جي موت جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪٺا ڪو نہ ٿيا آهيون، پر ان ٻار جي موت جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون، جيڪو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي عمر جا پريا ٿي مهينا پورا ڪري چڪو هو، تہ پوءِ اهي ڪهڙا ڪارڻ ۽ ڪوتاهيون هيون، جن ڪيس موت جو ٻَڪُ بڻايو؟ ڇا اهو صرف هڪ حادثو هو؟ آءُ پنهنجي سالن جي تجربي تحت دعويٰ سان چوان ٿو، تہ آءُ اهڙي مڪار عورتن جا ماسڪ پويان لڪل چهرا سڃاڻي وٺندو آهيان، جيڪي پنهنجي غليظ خواهش خاطر ابهم ٻارڙن جو انهن جي جنم ڪان اڳ ئي انت آڻي ڇڏينديون آهن. مان پهرين ڏينهن ئي هن مائيءَ جو طبي معائنو ڪرڻ وقت سمجهي ورتو هو، تہ هيءَ ڪنور ۽ نهايت ئي ضدي عورت آهي. جڏهن مون سندس چڪاس ڪانپوءِ ڪيس ٻار جي خوشخبري ٻڌائي هئي، تڏهن بہ هن چڻ چڙ مان چيو هو تہ "اها ڪيس اڳوات ئي خبر آهي" . آءُ ان ڏينهن تہ بلڪل ئي حيران رهجي ويس، جڏهن هن کي اعصابي الجهن ڪري شديد تڪليف ٿي ۽ مون ڪيس مڪمل آرام جو مشورو ڏنو، پر هوءَ ٻنهي ئي بضد ٿي بيٺي، تہ ڏينهن ٻن کان وڌيڪ هوءَ بستري تي رهڻ واري عياشي برداشت ڪري ڪو نہ سگهندي، مون ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ايلاز ڪيا، ايتري تائين جو منهنجي زورڀارءِ ڪاوڙ ڪانپوءِ بہ ٻن هفتن جي آرام تي آماده ٿي. مون کي ان وقت ئي اندازو ٿي ويو، تہ هوءَ غير شادي شده هئڻ جي ڊپ ۾، ماءُ جي ذميواري ڪان لنوائي رهي آهي. اهو ئي سبب هو، جو هن ڪيئي ڀيرا مون کي فون ڪري چيو، تہ هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي ۽ وڌيڪ بستري تي رهڻ لاءِ وٽس ڪو ئي جواز ڪونهي، مون سان گهڙي گهڙي احتجاج ٿي ڪيائين، تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مانائتا منصفين! بلاشڪ ٻار بيمار هو، جنهن جو بهترين علاج، سندس ماءُ جي مڪمل آرام ۾ هو، پر هن عورت نه صرف ان جي پرهيز نه ڪئي، پر ان ۾ سفر جي زهر جو اضافو به ڪيائين، جيڪو هڪ تندرست حمل کي به آسانيءَ سان ضايع ڪري سگهندو آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ جهاز جو سفر ۽ ناهموار روڊن تي ڪار جي مسافت، مون ڪيئي ڀيرا ڪيس وينتي واري انداز ۾ سمجهايو هو، ته هوءَ اهڙي قسم جي اوکي مسافت کان پاسو ڪري، ڇو ته هينئر سندس پيٽ ۾ فقط گهرڙن جو ڇُڪو نه پر هڪ مڪمل ٻار موجود آهي. مون ڪيس چتاءُ ڏنو هو، ته ان ۾ هن جي ٿورڙي لاپرواهي به ٻار جو موت ثابت ٿيندي. هوءَ منهنجي تنبيهه تي عمل ڪرڻ بدران سيئي نفعي ۽ نقصان جون ذميواريون پاڻ کڻي، ان وقت ئي پني جي ٽڪري تي دستخط ڪري، وڏي غصي سان اسپتال مان هلي وئي هئي ۽ اوهان ڏٺو، ته هن واقعي ئي ٻار کي ماري ڇڏيو. اسان هن وقت جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري ڪورٽ ۾ هجون ها، ته مون لاءِ هن عورت جو جرم ثابت ڪرڻ ڏاڍو مشڪل هجي ها، ڇو ته هن بظاهر پويان ڪنهن اهڙي ثبوت جو پيرو ئي ڪو نه ڇڏيو آهي، پر جيئن ته سرڪاري عدالت بدران هي زندگي جي عدالت آهي، تنهنڪري جيڪڏهن اسان هن جو زندگي جي رويي ڏانهن منصفانه تجزيو ڪنداسين، ته پوءِ هوءَ يقيناً زندگي جي گناهگار ثابت ٿيندي، ڇو ته زندگيءَ ڏانهن هن جو سياءُ هميشه سفاڪانه رهيو. هن بزدلي ۽ منافقيءَ سان جرم ڪري، قانوني پڪڙ کان سدائين پاڻ کي آجو رکيو آهي.

ڪا هلڪي ڦلڪي ڪوتاهي هجي ها، ته آءٌ اها خوشيءَ سان درگذر ڪري ڇڏيان ها، پر هن عورت ته حد ڪري ڇڏي آهي! هوءَ ڪنهن معاشي مسئلي ۽ بدحاليءَ جو شڪار به ڪو نه هئي، جو هن لاءِ ٻار جو خرچ برداشت ڪرڻ ناممڪن هجي ها ۽ نه ئي وري هن کي ڪا اها پرواه هئي، ته سندس ناجائز ٻار کي معاشرو قبول ڪندو يا نه؟ هن سان اهڙو ڪو به مسئلو ڪو نه هو. هوءَ خود ان جي گواهه آهي، ته هن جو ته هڪ اهڙي طبقي سان تعلق هو، جيڪو ڪيس رد ڪرڻ بدران هن کي جرائتمند ۽ هيروئن جا خطاب ڏئي چمڪائي ڇڏي ها. هوءَ سماجي قانون، خدا، ملڪ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تائين جو ٻار ڪي ناڪاره ڏند ڪوٺڻ وارو مقولو ٻه صرف سندس ذهني هوشياري جو مظهر آهي.

مون کي يقين آهي، ته منهنجي هم پيشه ساٿي فوج ۾ ملازمت دؤران پنهنجي رائفل سان ڪيئي قتل ڪيا هوندا ۽ ويهن ورهين جي ڇيرن کي گولين مان ڪڍڻ وقت ڪيس اهو ياد ئي ڪو نه رهيو هوندو، ته اهي ڇيرو ناڪاره ڏند ڪو نه هوندا آهن. مان سمجهان ٿي، ته جنگ کان وڌيڪ ٻارن جو بي رحميءَ سان ڪوس ٻي ڪنهن جاءِ تي ڪو نه ٿيندو آهي. جڏهن ته جنگ جي اصولن ۾ ويهن سالن جي جوانن جو قتل ممنوع هوندو آهي، جنهن جي خود ڊاڪٽر صاحب کي ٻه خبر آهي، پر پوءِ ٻه هو زندگي جي تحفظ جي نالي ۾ بيدردي سان جانيون وٺڻ واري جستجو ۾ سرگرمِ عمل رهيو آهي. آءٌ ماهر طبعيات جي حيثيت ۾ ٻه ان جياپي جي منحرف آهيان، جنهن جي امڪاني نظرئي جو ڊاڪٽر صاحب قائل آهي. فرض ڪريو، آءٌ جيڪڏهن ايئن ڪريان، ته پوءِ ته هر وقت ڪنهن بي ثمر آني جي ضايع ٿي وڃڻ يا ويهه ڪروڙ اسپرمن جي پردي مان پار ٿي وڃڻ کان پهريان ئي انهن جي مري وڃڻ تي مون کي ته رڳو ماتم ئي ڪرڻو پئجي ويندو، پر هي صورتحال ان کان ٻه وڌيڪ ان وقت بدتر ۽ افسوسناڪ ٿي ويندي آهي، جڏهن اٺويهه ڪروڙ، نوانوي لک، نوانوي هزار ۽ نَوَ سو نوانوي اسپرم، ان هڪ اسپرم کان شڪست کائي اجل جو ٻَکُ ٻڻجي ويندا آهن، جيڪو پردو ڦاڙي اندر داخل ٿيڻ ۾ سوڀارو ٿي ويندو آهي. اهي شڪست کائيندڙ اسپرم ٻه ته خدا جي زنده مخلوق آهن ۽ اهڙي عنصرن جا حامل هجن ٿا، جيڪي ٻار جي تشڪيل جو لازمي جزو هوندا آهن. ڇا منهنجي ساٿي ڪڏهن انهن کي دروبين سان ڪونه ڏٺو آهي؟

ڇا هُن ڪڏهن انهن کي ڏيڍر جي ننڍڙي ٻچڙن جيان ترندي ڪو نه ڏٺو آهي؟ ڇا هُن جي مشاهدي ۾ انهن جي اُها جستجو ۽ ڪشمڪش ڪونه رهي آهي، جڏهن هو پنهنجي پوري سگهه سان ڪنهن خاص جاءِ تي پهچڻ لاءِ پتوڙيندا آهن، جو ته ڪين اها خبر هوندي آهي، ته اوستائين پهچڻ ۾ جياپو ۽ ناڪاميءَ ۾، سندن موت هوندو آهي. منهنجو مطلب ڪنهن جي ٻه تذليل ۽ تضحيڪ ڪرڻ ڪو نه آهي، پر جيئن ته منهنجو ساٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زندگي جي طرفداري جو دعويدار آهي، تنهنڪري آءٌ ڪانئنس صرف ايترو پڇڻ جي جسارت ٿي ڪريان، تہ هن اڄ تائين انهن ڪروڙين بي موت مرندڙ اسپرمن لاءِ ڇا ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي ماڳ تي پهچڻ ڪان اڳ ئي موت جو ڪاڄ بڻبي ويندا آهن؟ ڇا اها سندس ڪوتاهي آهي يا ان ۾ سندس جرم جي دلاليءَ جو راز ڪار فرما آهي؟ ان طرح هو بہ وڏو مجرم آهي، جنهن ڪي منصف جي منصب تي ويهڻ بدران هن مجرمن جي ڪٽهڙي ۾ بيهڻ گهرجي، پر جيڪڏهن هو ترت ئي ايئن نہ ٿو ڪري، تہ پوءِ انهيءَ جو مطلب، اهو هوندو تہ هُن نہ صرف هِن معزز ايوان اڳيان ڪوڙ ڳالهائي ان ڪي ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هِن دنيا ۾ موجود انسانن جا عذاب گهٽائڻ بدران انهن جي ڦٽن تي پنهنجي ذهني خلفشار جي لوڻ ٻُرڪڻ جي پڻ جستجو ڪئي آهي. آءٌ في الحال پنهنجي ساٿي ڪي ساڳي ئي ڏوهہ ۾ شرڪت جون واڌايون ڏيان ٿي. مون تي وڌ ۾ وڌ اهو الزام عائد ٿي سگهي ٿو، تہ منهنجو صلاح ۽ مشورو غلط هو، جنهن لاءِ مان سمجهان ٿي، تہ هي معزز عدالت گهٽ ۾ گهٽ مون ڪي ڪا ايڏي وڏي سزا ڪونہ ڏيندي، ڇو تہ منهنجو خيال ڪو ايڏو غلط بہ ڪو نہ هو. بس اها هڪ سولي ۽ سادي حقيقت هئي، جنهن جي اظهار تي مون ڪي ڪائي پيشماني ڪونهي. حمل ڪائي اهڙي سزا ڪونهي، جيڪا قدرت ڪنهن ڪي پُرمسرت پلن جي عيوضي ۾ عطا ڪندي آهي، پر اهو تہ هڪ اهڙو حسين معجزو آهي، جيڪو پاڻ ڪي اهڙي سرمستي سان نروار ڪندو آهي، جهڙي بي ساختگي سان قدرت وڻن ۽ مڇين ڪي عيان ڪندي آهي، پر جيڪڏهن فطري طور ان جي اوسر رڪجي ٿي وڃي، تہ پوءِ ان ۾ عورت جو ڪهڙو قصور هجي ٿو؟ ڇا توهان فالج زده مريض جيان عورت ڪي مهينن تائين بيڊ تي پيو رهڻ سان، ان جي پيٽ ۾ فطري طور اوسر نہ ڪري سگهندڙ ٻار جي اوسر ممڪن بنائي سگهو ٿا؟ جيڪڏهن نہ تہ پوءِ توهان ڪي عورت جي شخصيت ڪي اجازت ڪيس مصروفيتن ڪان روڪڻ ۽ بنا جواز ان جي آزادي تي راتا هو هڻڻ جو ڪوئي اڌيڪار ڪونهي. ڇا توهان ساڳيو مطالبو مرد ڪان ڪري سگهو ٿا. جيڪو ان لمحي مان عورت ڪان بہ وڌيڪ لطف اندوز ٿيندو آهي؟ يقيناً خود منهنجي ساٿي ڊاڪٽر وٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي جائز دفاع جو حق استعمال ڪيو آهي".

ڊاڪٽرياڻي ڪانهوءَ تنهنجو پيءُ اُٿيو. هيننر هو رُنو ڪو نه ٿي پر جيئن ئي هن ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريا، تيئن ئي هن جي ڄاڙي ڏڪڻ شروع ٿي وئي ۽ ٻيهر سندس نيڻن مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. هو اڪين تي هٿ ڏئي ڪُرسي تي ڍُرڪي پيو. "ته ڇا تون ڪجهه چوڻ نه ٿو چاهين"؟ ڊاڪٽر ڪيس ڪاوڙ ۾ چيو. تنهنجي پيءُ اڻ لکي انداز ۾ ڪنڌ سان انڪار ڪيو "پر اسين تنهنجو ووٽ اينئن ضايع ٿيڻ ڪو نه ڏينداسين" تنهنجي پيءُ جي لڙڪن ۽ سڏڪن ۾ اضافو ٿي ويو. "تون صرف ايترو ٻڌاءِ ته هوءَ مجرم آهي يا نه؟، ڊاڪٽر ڪيس اصرار ڪندي چيو. تنهنجي پيءُ هڪ وڏو شوڪارو ڀريو ۽ پوءِ ٻُڪل آواز ۾ چيائين "مجرم".

جيئن ئي هن چپن مان اهو لفظ اظهاريو، تيئن ئي منهنجي سنگتياڻي اتي ڪيس ڇپاٽ وهائي ڪڍي ۽ هو ساٿو ٿي ڪُرسيءَ تي ڪري پيو. هوءَ تپي باهه ٿي وئي. "بزدل، مڪار، منافق، ڇا اهو تون نه هُئين، جنهن فون ڪري، ان ٻار مان جان ڇڏائڻ جو ڪيس گهڙي گهڙي اصرار ٿي ڪيو؟ تون اهو ساڳيو ئي آهين نه، جيڪو خوف ۾ ٻن مهينن تائين نظرئي ڪو نه ٿي آيو! تون اهو ئي آهين نه، جو ساٿس ملڻ بہ، منهنجي منٿ ميڙ تي ويو هُئين! تو جيڪو ڪجهه ڪيو، ڇا هي سيڪجهه انهيءَ جو نتيجو ڪونهي؟

تون هِن کي عذابن ۽ رسوائي لاءِ تنها ڇڏي هَليو وئين! تون بزدل ٿي، ڀڄي کهڙي ڊِپ ڪان وئين؟ توکي ته صرف پيءُ جو نالو ملي ها، ۽ ان نالي ملڻ ۾، نه توکي وڏيل ۽ شرمسار ڪندڙ پيٽ ڪٽي هلڻو پوي ها، نه سُور جون سَٽون سَهٽيون پون ها ۽ نه ئي وري ٻار ڌاتڻ جو ڪو توتي بوجهه پوي ها. توکي ته اهو نالو، بنا ڪنهن لُوڙ جي، ٺهيل ٺڪيل جوس جي گلاس، يا ڪنهن استري ٿيل اڇي اُجري قميص جيان ملي وڃي ها، پر هڪ عورت کي ته سوين تڪليفون، تهمتون ۽ سماج جون تذليلون سَهٽيون پون ٿيون. توهان مرد انهن جون تعريفون ڪندي نه ڍاپندا آهيو، جڏهن هو توهان سان پيار ڪنديون آهن، پر جڏهن توهان جي محبتن جو ٻج انهن جي پيٽ ۾ پلجڻ لڳندو آهي، تڏهن توهان ان کي پنهنجو چوڻ ۾ پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تذليل سمجهندا آهيو ۽ انهن عورتن کي ونشيا ۽ بدچلن چوڻ کان به ڪو نه ڪيٻائيندا آهيو، پر لُغت ۾ ساڳي قسم جي محبت ڪندڙ ڪنهن به مجرم مرد لاءِ اهڙو ڪٿو لفظ ڪو نه ٿو ملي، آخر ڇو؟ هزارين سالن کان وٺي توهان پنهنجا لفظ، پنهنجا حڪم ۽ پنهنجون زيادتيون اسان تي مڙهيندا رهيا آهيو. صدين کان وٺي توهان اسان جي جسمن سان کيڏندا ۽ اسان جي زبانن تي خاموشي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهيو، پر موت ۾ اسان کي مليو ڇا هي؟ فقط ماءُ بنجڻ ۽ مصيبتون برداشت ڪرڻ.....! توهان هميشه عورتن کي اهو مهِڻو ڏيندا آهيو، ته انهن وٽ توهان جهڙو طاقتور جسم ۽ مضبوط هڏ ڪاٺ ڪونهي، پر پوءِ به پنهنجي مضبوط هٿن استعمال ڪرڻ بدران پنهنجا بوٽ به ان عورت جي محنت سان چمڪائڻ چاهيندا آهيو. توهان چوندا آهيو، ته عورتن کي توهان جهڙو دماغ ڪونهي، پر پوءِ انهن جي ذهانت سان، پنهنجي پوري پُني پگهار تي سڄي گهر جو ڪاروبار هلرائڻ گهرندا آهيو. توهان هميشه ٻالڪپڻي کان وٺي پوڙهائپ تائين ٻارن جيان بي پرواه ٿي رهڻ چاهيندا آهيو ۽ توهان جي خواهش هوندي آهي، ته عورت ئي توهان کي ڪارائي، عورت ئي توهان جي خدمت ڪري. اها ئي توهان کي ڏکن ۾ آٿت ڏي. اها ئي توهان جي ڪمزورين ۽ زيادتن کي درگذر ڪري، توهان کي محبتون ۽ مسرتون ڏي. پر مون کي نفرت آهي توهان کان ۽ خود پنهنجي عورت ذات کان، جيڪا توهان ڪانسواءِ رهي نه ٿي سگهي. اسان توهان خاطر مائرون ٿي ٿي ٿڪجي پيون آهيون ۽ هيننر ان لفظ کان ئي ڪراهت ٿيڻ لڳي آهي، جنهن کي اوهان پنهنجي مفادن ۽ خود غرضين خاطر مقدس هجڻ جو نالو ڏئي ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر! مون کي توتي به ٽوڪڻ گهرجي، ڇو ته تو کي به عورت صرف ٻچن ڄڻڻ جي مشن تي نظر اچي، ڪڏهن تو کي ان جي ذهانت ۽ شجاعت ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي. تون هڪ اُميد واري عورت کي ڏسڻ سان جڏهن اهو سوچين ٿو ته، اها مرو وٺڻ ڪانپوءِ تو وٽ آئي آهي، ته ڇا ڪڏهن زندگي ۾ تو ٻار جي فڪر ڪانسواءِ اهو مرو ڪو نه ورتو آهي؟

تون جيڪا هن حمل جي ٻاري ۾ ايتري فڪرمندي ظاهر ڪري رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهين، مون کي مڪاري ڪانسواءِ ان ۾ تنهنجي ڪائي سچائي نظر ڪو نه پئي اچي. ڊاڪٽر! اسين توڙي جو هي مقدمو هِن هڪ عورت تي هلائي رهيا آهيون، پر تڏهن به ان جي زمري ۾ سيئي عورتون اچي وڃن ٿيون، تنهنڪري آءٌ اهو واضع ڪري ڇڏيان ٿو، ماءُ بنجڻ اسان جي اخلاقي مجبوري ڪونهي، پر اها هڪ شعوري چونڊ آهي ۽ هِن عورت واقعي ئي ان جو شعوري انتخاب ڪيو، پر هن ڪنهن کي مارڻ قطعاً ڪو نه ٿي چاهيو. اهو تون ئي هُئين، جنهن هِن جي ذهن ۾ سوچڻ تي پابندي مڙهي ڪيس مارڻ تي گُهريو، تنهنڪري تو کي منصفن جي سَٽَ ۾ هئڻ بدران هن مجرمن واري ڪٽهڙي ۾ موجود هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري نه ته تو ڪروڙين احمق اسپرمن جي سهائتا ڪو نه ڪئي، پر ان لاءِ ڇو ته تو هڪ عورت کي مارڻ چاهيو. انهن صداقتن جي روشنيءَ ۾ ڏسجي، ته هي عورت قطعاً مجرم ڪو نه آهي". پوءِ ڳالهائڻ لاءِ منهنجو صاحب اُٿيو، جنهن جي چهري تي مصنوعي پريشاني جا آثار نمايان نظر ٿي آيا. هن چيو، ته ڪيس سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته، هو پنهنجو اظهارِ خيال ڪهڙي ريت پيش ڪري، ڇو ته هو هن اجتماع ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو اوپرو محسوس ڪري رهيو آهي. "جيئن ته پين سيني جو ملزمه سان ڪنهن نه ڪنهن ذاتي، جذباتي ۽ سماجي حوالي سان ڪو نه ڪو سُبند آهي، پر منهنجو ته ساڻس صرف هڪ آجر وارو تعلق آهي. انهيءَ جي باوجود به مون کي ان تي ڏاڍي سرهائيءَ ٿي، جڏهن ان ڳلا جي ڳهانگهي مان سندس جان آجي ٿيڻ جي خبر پيم، ڇو ته مون هميشه اهڙي قسم جي حمل کي اجائي ۽ بدترين بوجهه پئي سمجهيو آهي، جيڪو زر ۽ زندگي ٻنهي جو ويري هجي ٿو. تورو انهيءَ تي به غور ڪريو، ته ان غير قانوني ۽ ڇڙواڳ عمل جي نتيجي ۾ ڪيس ڪيترو نه لوڙڻو پيو آهي. بستري ڪان وٺي جياپي جي جستجو تائين، جيڪو ڪجهه هُن پوڳيو آهي، تنهن جي تڪليف جي احساس جو ته ڪيس ئي وڌيڪ اندازو هوندو، پر مان سمجهان ٿو، ته پار ماءُ ڪان وڌيڪ پُرجهو ۽ پرڪائو هو، ڇو ته هن پنهنجي انت سان نه صرف پنهنجي ماءُ جي مريادا بچائي پر جنهن فرم ۾ سندس ماءُ ملازم هئي، ان جو به پرم رکيو. ماٺهو ڇا سوچن ها، جڏهن ان ساک واري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اداري جي هڪ غير شادي شده ملازمہ جي هٿن ۾ ننڍين ڇاولن ٻار ڪي ڏسن ها؟

آءُ ان چوڻ ۾ ڪابہ شرمساري محسوس ڪو نہ پيو ڪريان، تہ هي عورت جيڪڏهن ٻهريان ئي منهنجي صلاح تي عمل ڪرڻ چاهي ها، تہ آءُ ڪڏهوڪو ان اڻ مندائتي ٻار مان سندس جند آجي ڪرائي ڇڏيان ها، ڇو تہ آءُ نہ صرف هڪ ڪاروباري ماڻهو آهيان، پر ان سان گڏ هڪ حساس دل انسان بہ آهيان.

حقيقت اُها آهي، تہ هن جيوريءَ جي ٻن مردن، پنهنجو اظهار بہ ڏاڍي سچائي سان ڪيو آهي، جن مان ڊاڪٽر اخلاقي ۽ منطقي حوالي سان ۽ ٻار جي پيءُ پنهنجي غم ۽ جذبن جي ذريعي جيڪو ڪردار ادا ڪيو، انهيءَ کان قطعي طور انڪار ڪري نہ ٿو سگهجي.

هڪ ٻار جو رشتو، ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي سان هڪ جيترو وابستہ هجي ٿو ۽ جيڪڏهن انهيءَ بابت ڪا غفلت سرزد ٿئي ٿي، تہ پوءِ اهو جرم ٻيٽو ٿي وڃي ٿو، ڇو تہ هڪ طرف ابهم ٻار جي ضايع ٿيڻ جو سوال هوندو آهي، تہ ٻي طرف هڪ بالغ فرد جي جياپي ۽ تحفظ جو سوال، تنهنڪري اهو فيصلو ضرور ٿيڻ گهرجي، تہ جرم ڪنهن جي هٿان سرزد ٿيو آهي؟ پر ڇا ڊاڪٽر جي پيش ڪيل ٺوس ثبوتن کانپوءِ، ان معاملي ۾ اڃان بہ ڪا شڪ شبهہ جي گنجائش آهي ڇا؟ ڊاڪٽر اڳ ئي ملزمہ جي خودغرضي ۽ سندس ٻار بابت لاپرواهي جي۔حوالي سان ڀرپور بحث ڪري چڪو آهي، پر آءُ هن عورت جي پنهنجي اداري ۾ ملازمہ هجڻ جي حوالي سان هتي فقط هڪڙو اعتراف ڪرڻ چاهيندس، تہ هوءَ واقعي ئي هڪ ڳالهہ کان هراسيل هئي، تہ آءُ اهاٰ سٽيي ۽ سودخور سفر واري ذميواري هن بجاءِ ڪنهن ٻي حوالي ڪري ڇڏيندس، اهو ئي سبب هو، جو هوءَ پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار جي نفعي ۽ نقصان جي پرواهہ کان بغير ئي بنا ڪنهن ساٿيءَ جي، ان اٿانگي سفر لاءِ نڪري پئي هئي ۽ ان جو نتيجو اوهان سيني جي سامهون آهي، آءُ صرف ايترو چوندس تہ، هوءَ ان خود غرضي جي عمل لاءِ ملامت جي مستحق ضرور آهي".

ان کانپوءِ منهنجا نيڻ منهنجي والدين لاءِ واجهائڻ لڳا ۽ دل ئي دل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ويچارڻ لڳس، تہ منهنجي پرم جي اميد جو آخري ڪرڻو اهي ئي آهن، پر انهن بہ مايوس ڪُن ڏکَ ڏني ۽ سندن مُنهنَ لٽل هئا. هو جيترا ٽڪل ۽ اُجهاٽل مقدمي هلڻ کان پهريان هئا، هيئنر ان کان بہ وڌيڪ ڪمزور ۽ جُهور پوڙها نظر ٿي آيا. انهن جا ڪنڌ ايئن جُهڪيل هئا، ڄڻ سندن وجود انهن جو بوجهہ برداشت ڪري ڪو نہ ٿي سگهيو. سندن پورو جسم ائين ٿي ڏڪيو، ڄڻ ڪين سخت سردي لڳي هجي. مطلب تہ هو ٻني سيني جي وچہ هڪ انوکي الم جو مظهر ٿي لڳا ۽ هڪ غم ٿي ڪين ڳهائي رهيو هو. هڻ آئت لاءِ هڪبئي جا هٿ هٿن ۾ ايئن مُندي ڇڏيا هئا، ڄڻ اهو طئي ڪندا هجن، تہ ٻني ڳالهائين يا منجهائن پهريان ڪو ئي هڪڙو ڳالهائي؟

هڻ ڪرسين تي ويهي ٿي ڳالهائڻ جي اجازت گُهري، جيڪا ڪين ملي وئي ۽ پوءِ بابا ڳالهائڻ لاءِ چپ چوريا، "آءُ ٻئي صدمي جو شڪار آهيان. پهريون ٻار جي وجود جي اوچتي خبر جو صدمو ۽ ٻيو ساڳي ئي معصوم ٻالڪ جي موت جي سُٽس جو صدمو ۽ هيئنر اُميد ٿو ڪريان، تہ هي معزز ايوان منهنجي نياڻي کي سزا ڏئي، مون کي ٽيون صدمو ڏيڻ ڪو نہ چاهيندو. مون کي اها قطعاً خبر ڪونهي، تہ اهو سڀڪجهہ ڪيئن ٿي ويو ۽ يقيناً اوهان مان بہ ڪو ئي اصل صداقت کان آشنا ٿي ڪو نہ سگهندو، ڇو تہ ڪو بہ ڪنهن جي اندر جو پارکو ٿي نہ ٿو سگهي. جيئن تہ هيءَ منهنجي نياڻي آهي ۽ ڪا بہ نياڻي ڪنهن پيءُ لاءِ گناهگار ڪو نہ هوندي آهي. ڪڏهن بہ نہ ........." بابا ڪانپوءِ امڙ ڳالهايو، "منهنجي اولاد مان هيءَ سيني کان ننڍي ۽ آخري نياڻي آهي، تنهنڪري هيءَ اڄ بہ مون لاءِ معصوم ۽ ننڍڙي آهي ۽ مون کي وشواس آهي، تہ هوءَ جو ڪجهہ بہ ڪندي اهو خراب ڪو نہ هوندو. جڏهن هن مون کي خط ۾ لکيو هو تہ هوءَ حمل سان آهي، تہ مون ڪيس موٽ ۾ لکيو هو، جيڪڏهن تو اهو فيصلو ڪيو آهي، تہ اهو يقيناً صحيح ئي هوندو. جيڪڏهن هوءَ لکي ها، تہ هوءَ اهو ٻار نہ ٿي چاهي، تہ بہ منهنجو جواب اهو ساڳيو ئي هجي ها، ڇو تہ توهان ۽ اسان مان، اهو فيصلو ڪرڻ جو ڪنهن کي بہ ڪو اڌيڪار ڪونهي، توهان کي مٿانئس تهمتون مڙهڻ ۽ سندس دفاع ڪرڻ جو بہ ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حق ڪونهي، ڇو تہ توهان مان ڪو بہ سندس دل ۽ دماغ جو راز پروڙي نہ ٿو سگهي. تنهنڪري توهان مان ڪنهن جو بہ خيال ۽ گواهي اعتبار جي قابل ڪونهي. فقط هڪ گواهہ جي گواهي ئي هتي اعتبار جوڳي ۽ قابل قبول هجي ها، جيڪو خود پنهنجي زباني پاڻ ٻڌائي سگهي ها، تہ ساڻس ڇا وهيو واپريو؟ پر ڏٺيءِ جي قدرت، جو اهو پار بہ هتي موجود ٿي نہ ٿو سگهي." پوءِ ڪنهن پُرشور ۽ طنزيہ انداز ۾ چيو، "پار، پار، پار......" . ۽ مون پڇري جي جهنگلي ڪي پڪڙي رڙيون ڪندي چيو، "پارنہ، پارنہ......" ! ان طرح آءٌ دانهون ڪري ئي رهي هيس جو، منهنجي ڪن تي "امان، امان...." جو آواز پيو. ان پل مون کي ڪجهہ وڃائجي وڃڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي خالي محسوس ٿيڻ جو احساس ٿيو، ڇو تہ اهو پهريون پيرو هو، جو مون کي ڪنهن ماءُ جي نالي سان پڪاريو هو. اهو ڪن تي پوندڙ تنهنجو آواز مون کي ڪنهن پار جيان نہ، پر ڪنهن جوان مرد جي آواز وانگر محسوس ٿيو ۽ مون سوچيو، "جيئن تہ تون مرد هوندين ۽ هڪ مرد جيان ئي ملامت ڪري، مون کي قصوروار ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندين" . پر پوءِ مون تو کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو طئي ڪيو. منهنجي اکين تو کي ڏسڻ لاءِ، ڪرسين، ديوارن، فرش ۽ ڪمري جي هر ڪُنڊ کي تلاشيو، پر تو کي پسي ڪو نہ سگهيس. هر طرف قبرستان جهڙي خاموشي ڇانيل هئي ۽ ان قبرستان جهڙي ماٺ مان پيهر تنهنجو آواز ٻُريو" ، امان! مون کي ڳالهائڻ ڏي. تون پريشان نہ ٿي. سچائي کان خوفزده ٿيڻ جي ڪائي ضرورت ڪو نہ هوندي آهي. مون کان اڳ بہ هتي هر هڪ ماڻهو پنهنجي پنهنجي حصي جي سچ جو اظهار ڪري چڪو آهي. مون کي تو ئي تہ اهو سيکاريو هو، تہ سچ ڪيترين ئي مختلف صداقتن جو مجموعو هوندو آهي، جن تو تي الزام هنيا آهن، اهي بہ صحيح آهن ۽ جن تنهنجو دفاع ڪيو آهي، اهي بہ درست آهن، جيڪي تو کي سزا ڏيارڻ چاهن ٿا ۽ جيڪي تنهنجي جان جي سلامتي جا خواهان آهن، انهن سيني پنهنجي پنهنجي حصي جي سچ جي فرض ادائگي ڪئي آهي. پر صرف انهن جي نظر جو سچ، حقيقت ٿي نہ ٿو سگهي. تنهنجا والدين اهو چوڻ ۾ حق بجانب آهن، تہ ڪو بہ ڪنهن جي اندر جو پارکو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي نه ٿو سگهي، پر جيئن ته آءٌ خود تنهنجي اندر ۾ موجود هيس، تنهنڪري صرف آءٌ ئي ٻڌائي سگهان ٿو، ته مون کي تو قتل ڪرڻ ڪانسواءِ ئي ماري ڇڏيو ۽ اهو سڀڪجهه مان ئي ڄاڻان ٿو، ته تون اهو ڪيئن ۽ ڇا جي ڪري ڪيو؟

امڙ! مون پيدا ٿيڻ جي خواهش ڪو نه ڪئي هئي، نه ئي اڄ تائين مون کان اڳ ڪنهن ڪئي آهي. عدم جي ڪائي خواهش ۽ مرضي ڪو نه هوندي آهي. عدم ته صرف عدم ئي هوندو آهي. جڏهن اسان کي نيستي مان هستيءَ ۾ آندو ويندو آهي، تڏهن اسين بنا ڪنهن پرک ڦاڻ ۽ بهتر ۽ بدتر جي تميز جي وجود ۾ اچي ويندا آهيون. اسان جي هستي ڪنهن جي خواهش جي پورائي جو نتيجو هوندي آهي؟، تنهن جي اسان کي ڪائي سُڌ ڪو نه هوندي آهي. بس اسين ان کي قبول ڪرڻ کان پوءِ ڇاڻي سگهَندا آهيون، پر مون پنهنجي معاملي ۾ محسوس ڪيو آهي، ته مون جلد ئي ان کي پسند ڪرڻ جو اقرار ڪري ورتو هو. توڙي جو تون مُنجهيل ۽ هراسيل هُئين، پر پوءِ به تون مون کي ان لاءِ چڱي طرح قائل ڪري ورتو هو، ته جنم وٺڻ ۽ نيستي کان نجات حاصل ڪرڻ هڪ حسين ۽ پُرمسرت عمل آهي. جڏهن توهين هڪ پيرو جنم وٺو ٿا، تڏهن توهان کي ڪڏهن به مايوس ٿيڻ نه گهرجي، ايتري تائين جو پيڙائن جي پلن ۽ موت جي گهڙين ۾ به گهائل ٿيڻ نه گهرجي، ڇو ته جيڪڏهن ڪنهن تي موت جا لمحا اچن ٿا، ته ان جو مطلب آهي، ته گهٽ ۾ گهٽ ان ڪڏهن نيستي مان نڪري، زندگي جون سندر ساعتون ماڻيون ته آهن، پر دنيا ۾ نه هئڻ ۽ وجود ئي نه وٺڻ جهڙي ڀي ڪا بدتر شيءِ آهي ئي ڪو نه!

اهو سڀڪجهه مون کي تنهنجي اعتماد ۽ سُبنڌ ئي سيکاريو هو، ته زندگي جو آغاز هڪ ڀيانڪ ڌماڪي خيز حادثي جو نتيجو آهي. پيٽ جي پاڻياٺ ۾ غرق هئڻ جي باوجود به، مون تنهنجي خيالن مان خوب پيتو، ۽ تنهنجو هر خيال مون لاءِ ڪشف جيان مسرور ڪُن هو. تي سگهي ٿو، ڪجهه شيون ان جي برعڪس به هجن، پر تو جيڪو چيو، مون صدق دل سان تسليم ڪيو، ڇو ته منهنجو وجود ته صرف هڪ خاڪو هو، جيڪو تنهنجي ڪارڻ ئي اوسر جا مرحلا طئي ڪري رهيو هو. منهنجو دماغ ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هڪ پيمانو هو، جيڪو تنهنجي خيالن جي ترتيب سان لبريز ٿيٺو هو. مون اهو ئي پڙهايو، جيڪو مون کي تو سمجهايو، ۽ جنهن جي تو مون کي آگهي نہ ڏني، ان جي ڪا سُڌ ئي ڪو نہ اٿم، ڇو تہ منهنجي بيداري جي تون ئي روشني ۽ راهہ هُئين. جيڪڏهن تون دنيا جي هر آزمائش سان مهاڏو اٽڪائي، مون کي جنم ڏين ها، تہ زندگي مون لاءِ هڪ حسين ۽ املهہ تحفو هجي ها.

تنهنجي بي يقينيءَ ۽ گمانن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو ويو، ۽ تون ڪڏهن مصلحت، تہ ڪڏهن ڏمڪي، ڪڏهن ڪروڌ تہ ڪڏهن قرب، ڪڏهن همت تہ ڪڏهن وري ڏپ جي لهرن ۾ لڙهندي رهئين، پر آخر هڪ ڏينهن تو سيني خوفن کي تياڳي، مون کي جنم ڏيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. امڙ! تو ان وقت اهو اقرار ڪيو هو، تہ اها تنهنجي پنهنجي چونڊ ڪونهي، پر تو اها منهنجي حڪم جي تعميل ڪئي آهي ۽ ان طرح تو ڄڻ منهنجي آقا هجڻ ۽ پنهنجي محڪومي کي تسليم ڪيو هو. جنهن تحت اصولي طور تون منهنجي زير دست هُئين، مان تنهنجو نہ، پر ترت ئي تو ڪُرڪڻ ۽ مون تي ملامت ڪرڻ شروع ڪئي، تہ آءُ تو لاءِ آزار بڻجي ويو آهيان. جڏهن تہ تون مون کي اڳ ئي اهو درس ڏئي چُڪي هُئين، تہ زندگي هڪ اهڙي ڪوڙڪي آهي، جتي آزادي، مسرت ۽ محبتون ڏاڍايون ناپيد آهن. يا اها هڪ اهڙو اونهون کوهہ آهي، جتان نڪرڻ ڏاڍو اٺانگو هوندو آهي. تو هميشہ مون کي اهو ئي چيو تہ، ڪِولين جي ڪنڪ کان نجات ناممڪن آهي، ۽ ڪو بہ انهن جي ڪُڌي قانونن کان پاڻ بچائي نہ ٿو سگهي. ميگنوليا جا وڻ فقط عورتن جي ٽنگجڻ لاءِ هوندا آهن ۽ چاڪليٽن جي برسات هميشہ ڏاولن مٿان برسندي آهي. بهتر سياڻي جي آس، بکايل کي ماني بدران گولي ۽ ضرورتمند کي غير مردن جا صرف ميرا ڪچا انعام ۾ ڏيندڙ هوندي آهي، ۽ ان کان علاوه تنهنجون طلسمي ڪهاڻيون بہ مون لاءِ سواليہ ۽ غم جو نوحو بڻيل رهيون. ڇا اهڙي ماحول ۽ حالتن ۾ مون لاءِ جنم وٺڻ سودمند هو؟

تو ڪڏهن بہ مون کي اهو ڪو نہ ٻڌايو تہ، ميگنوليا جا سُندر گل، موت جي ڏپ کانسواءِ بہ پٽي سگهجن ٿا. چاڪليٽ ڪنهن تذليل جي خوف کانسواءِ بہ کائي سگهجن ٿا ۽ سياڻو، ڪالهہ کان وڌيڪ بهتر بہ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سکھي ٿو! ۽ جڏهن تو کي ان جو احساس ٿيو، تڏهن ڏاڍي دير ٿي چڪي هئي، ۽ ان کان اڳ ئي آءُ خودڪشي ڪري چڪو هيس. امڙ- رو نه، مون کي احساس آهي، ته تو اهو سيڪجهه محبت پر، منهنجي ڀلي لاءِ ئي ڪيو. تو چاهيو ٿي، ته تون اڳواٽ ئي مون کي زندگي جي تلخين کان آشنا ڪري ڇڏين، ته جيئن جنم کان پوءِ مون کي جيون جي هولناڪين سان منهن مقابل ٿيڻ ۾ ڪا ڏکيائي پيش نه اچي. مون کي تنهنجي پيار تي ترِ جيترو به شڪ ڪونهي. تون برابر محبت جو بحر آهين، تنهنڪري ئي تو کي تلاش کان پوءِ به دنيا ۾ جڏهن ننڍڙيون ۽ اهي به نامڪمل محبتون مليون آهن، تڏهن تون لُڇي ۽ تڙپي آهين. پر زندگي تي اعتماد ڪانسواءِ، ڇا فقط محبت ۾ يقين رکڻ ڪافي آهي؟ جڏهن مون محسوس ڪيو، ته تون زندگي کان مطمئن هئڻ بنا ئي جي رهي آهين ۽ مون کي پڻ ساڳي جياپي جيئڻ لاءِ آماده ڪرڻ خاطر وڏيک عذاب ڀوڳي رهي آهين، تڏهن مون پنهنجي پهرين ۽ آخري چونڊ، يعني پيدا ٿي نه ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ۽ تو کي پيو پيرو چنڊ کان محروم ڪري ڇڏيو. امڙ! يقين ڪر- آءُ اهو سيڪجهه ڪرڻ لاءِ مجبور هيس، ڇو ته هينئر منهنجو ذهن تنهنجي سوچ جو محتاج نه رهيو هو. اهو توڙي جو تمام ننڍڙو ۽ شايد ذهن جي صرف خاڪي مترادف هو، تڏهن به منهنجو پنهنجو هو، جنهن ٿورو گهڻو اهو، ضرور سمجهيو ٿي ته، ”جڏهن زندگي فقط عذابن جو نانءُ آهي، تڏهن انهيءَ کي اپنائڻ مان ڇا فائدو؟“ تو مون کي اهو ڪڏهن به ڪو نه ٻڌايو، ته ماڻهو ڇاڪاڻ پيدا ٿيندو آهي؟ تو دلاسو ڏيڻ لاءِ مون کي اهي صديون پراڻيون ڪٿائون (جيڪي ماڻهو پنهنجي اولاد کي جهڻ ڪاڻپوءِ ٻڌائيندا آهن ته خدا، آدم کي پنهنجي منشا ۽ صورت موجب جوڙيو آهي ۽ سندس لاءِ سٺن عملن عيوض جنت جي نعمت خلقي آهي.) ٻڌائڻ بدران باقي پوري ايمانداري سان اهو ضرور ٻڌايو، ته ماڻهو انهيءَ ڪري پيدا ٿيندو آهي، ڇو ته ڪيس پيدا ٿيڻو هوندو آهي. هڪ ماڻهو پيدا ٿيو، ان ٻين کي جنم ڏنو ۽ ٻيا ٻين کي جنم ڏيندا رهندا آهن.“

”جيئن مان پيدا ٿيس، منهنجي ماءُ پيدا ٿي ۽ ان کان اڳ ان جي ماءُ، ان جي ماءُ کان اڳ ناني، پڙناني ۽ تڙنانيءَ جو جنم ٿيو. ايئن پيدائش جو اڻ کٽ سلسلو، جنهن جي پُشتين جا پويان نشان ورڻ ئي محال ٿيندي ٿا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پچڙا! اهي موهيندڙ لفظ. فقط لفظ ئي هئا. دنيا جا سيئي اسپرم ۽ ذرتيءَ تي موجود مڙئي بيضا به جيڪڏهن سيئي ممڪنات سميت سميٽيا وڃن، تڏهن به اهڙو جوڙي ڪو نه سگهندا. جهڙو تون هُئين ۽ جهڙو تون ٿي پئي سگهئين. تون ٻيهر ڪڏهن به پيدا ٿي ڪو نه سگهندين ۽ نه ئي وري تنهنجي واپسي ممڪن هوندي. آءٌ صرف اينئن ئي تنهنجي جدائي ۾ هنجون هاريندي رهنديس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**تون** ڪيترن ئي ڏينهن تائين بي جان هئڻ جي باوجود به منهنجي پيٽ ۾ پيو رهڻ ۾ خارج نه ٿئين. ڊاڪٽرياڻي انهيءَ تي پريشان ۽ ششدر هئي، ته آءٌ مري نه وڃان. اهو ته مون به سمجهيو ٿي، ته منهنجي پيٽ ۾ تنهنجي وڏيڪ موجودگي منهنجو موت هوندي ۽ ان عدالتي تذليل جي ازالي لاءِ مون هرويرو موت به ڪو نه ٿي چاهيو، ڇو ته منهنجي غم ۽ پڇتاءَ جي اذيت ئي انهيءَ لاءِ ڪافي آهي. مون ڪي پنهنجي ڪُک مان، تو ڪي ايترو جلدي ڪڍڻ جي به ڪا تڪڙ ڪونهي ۽ ان جو ڪو به هڪ سبب سُڃاڻڻ مون لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي. ٿي سگهي ٿو، ان جو سبب اسان جي گهڻي عرصي تائين گڏ رهڻ، گڏ سمهڻ ۽ گڏ اٿڻ واري عادت هجي. يا تنها هئڻ بنا ئي منهنجو پنهنجو پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ ان جو ڪارڻ هجي. يا شايد اها غير يقيني، غلط فهمي ۽ منهنجو اوسئيڙو ئي هجي؟ يا وري شايد تو کان اڳ، جڏهن اڃان تو سان تعلق جي تند نه جُڙي هئي، تڏهن وارو منهنجو اشتياق هجي؟

انهن ڏينهن ۾ مان منتظر هوندو هو، ته جيترو جلد ٿي سگهي پنهنجي تقدير جو مالڪ پاڻ ٿي وڃجي، پنهنجون مِنزلون پاڻ دريافت ڪجن، پر هاڻي جڏهن اهو سيڪجهه حاصل ٿي ويو آهي، تڏهن ڇڻ ان جو احساس ئي ڪو نه رهيو آهي.

هي به هڪ دنياوي صداقت آهي، جنهن ڪي پروڙڻ جو تو ڪي موقعو نه ملي سگهيو، ته ماڻهو جنهن دولت، محبت ۽ آزادي جي حاصلات پويان پير پٽون ڪندو رهندو آهي. جنهن حق جي حصول لاءِ هو پنهنجو سيڪجهه داوَ تي لڳائي ڇڏيندو آهي، جڏهن اهو سيڪجهه ڪيس حاصل ٿي ويندو آهي، تڏهن انهن مان اها دائمي مسرت ڪيس حاصل ٿي ڪو نه سگهندي آهي ۽ نتيجي ۾ هو يا ته اهو سيڪجهه وڃائي ويهندو آهي يا وري اهي ڪيس وڃائي ڇڏيندا آهن. مان اڪثر جڏهن تنهنجي واپسي جي باري ۾ ويچاريندي آهيان، ته تون اها ڪهڙي انداز ۾ پسند ڪندين، ته منهنجا چاڪ چِڪي پوندا آهن ۽ نئين سر منهنجي ساري وجود ۾ الم ۽ اذيت جي جَنگ ٻيهر شروع ٿي ويندي آهي. ڇا تنهنجي خواب جي تعبير ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجو انت هوندي؟

خوش نصيب اهو آهي، جنهن جي منزل جستجو آهي، جيڪا ڪٿي به ختم ڪو نه ٿي ٿئي، پر جيڪو فقط منزل جي حاصلات جو متلاشي آهي، اهو بنهه ئي بدبخت هجي ٿو، ڇو ته جستجو، جياپو ۽ حصول موت هوندو آهي. مسافت جي راهه جا پنهنجا موڙ ۽ وقفه هوندا آهن، پر توکي انهيءَ لاءِ مون کي اهو يقين ڏيارڻو پوندو، ته تون به فقط هڪ وقفو هُئينءَ ۽ هڪ وقفو ۽ موت زندگي جو انت ڪو نه هوندو آهي. يا زندگي کي تنهنجي ضرورت ڪونه هئي ۽ سيني سور ۽ پيڙائون مون کي صرف ڪنهن ڪارج ۽ ڪنهن جي غرض خاطر پوڳڻا پيا، پر ڪنهن معصوم ٻار جي موت ۽ هڪ ماءُ جي محرومي ۽ پيڙا ۾ ڪنهن جو ڪهڙو مفاد ٿي سگهي ٿو؟

نا صحن، قانوندانن يا وري مذهبي پيشوائن ۽ سماج سُڌارڪن جو؟ اهڙي صورت حال ۾ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي، ته ان پوري معاملي ۾ فائدو ڪنهن کي ٿو پهچي ۽ ان عدالتي فيصلي جي فتويٰ ڪهڙي هوندي؟

ڇا ماڻهو منهنجي حمايت ڪندا يا مون تي ملامت؟

ڇا مون اهو عمل ڪري ڪنهن ناصح، ڪنهن قانوندان، ڪنهن مذهبي مبلغ ۽ سماج سڌارڪ جو ڪو ڏوهه ڪيو آهي؟

منهنجي روين ۽ مزاج کان تنگ ٿي، تو جيڪا خودڪشي ڪئي آهي، ڇا انهيءَ جي قصوروار آءٌ آهيان؟

يا منهنجو ڏوهه اهو آهي، ته مون تو سان اهڙو روح منسوب ڪيو، جيڪو تو ۾ هيو ئي ڪو نه؟

ٿورو هن جي بحث کي غور سان ته ٻُڌ، ته هو رڙيون ڪري ڇون ڇا ٿا؟ ”هن عورت خدا جي جلال کي للڪاريو آهي. هن عورتن جي تذليل ڪئي آهي. هن تخليق جي تقدس کي مجروح ڪيو آهي“ ڪو چوي ٿو ته، ”نه هن عورت زندگي جي تقدس کي سمجهيو آهي، تنهنڪري ئي هن ان لاءِ پوڳيو آهي“. ته ڪو وري چڙندي چوي ٿو ته، ”نه نه هن عورت، زندگي جي صداقت کي سمجهڻ بدران ان جو مذاق اڏايو آهي“.

جيئن ڪا به عدالت ۽ ڪو به قانون هڪ جملي سان ڪنهن جي مجرم هجڻ يا نه هجڻ جي فتويٰ ڏئي ڇڏيندو آهي، تيئن ئي هر جاندار کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي تقدير جي فيصلي جو حق حاصل ڇو نه آهي؟ جڏهن هڪ ڪائناتي صداقت ئي پنهنجي متضاد حقيقت جي امڪان کي پروڙڻ جي قابل ڪو نه ٿي هجي ۽ انهن ٻنهي جي وقعت يڪسان ڪو نه ٿي رهي، تڏهن هن عدالت ۾ مقدمي بازين جي هجڻ جومقصد ڪهڙو آهي؟ جيڪي اهو ڄاڻڻ جي قابل به ڪو نه آهن، ته جائز ڇا ۽ ناجائز ڇا آهي؟ تو سچ ٿي چيو ٻچڙا، ته هر ماڻهوءَ جي ترجيح ۽ صداقت پنهنجي هوندي آهي، تنهنڪري ئي حقيقت جا ڪيئي روپ هوندا آهن. ماں، ڊاڪٽر، ڊاڪٽرياڻي، منهنجي سنگتياڻي، منهنجو صاحب، منهنجا والدين، تنهنجو پيءُ ۽ خود منهنجي ٻاري ٻر، تو جيڪو ڪجهه به چيو آهي، مان اهڙي ئي آهيان، پر منهنجي اڳيان اجان ڏکن جي جيڪا رُڃ پکڙيل آهي، سا مون کي اڪيلي سرِ ئي ڏورڻي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي ڀيءُ وري هڪ خط لکيو آهي، جنهن مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو آهي. هن لکيو آهي ته، ”آءٌ تو کي چڱي طرح ڄاڻان ٿو، تنهنکري تو کي آئت ڏيڻ لاءِ ايئن قطعاً ڪو نه چوندس، ته تو ٻار لاءِ قرباني ڏيڻ بدران پنهنجي لاءِ ٻار جي قرباني ڏئي چڱو ڪم ڪيو آهي، جو ته ان بابت مون کان وڌيڪ بهتر تون ئي سمجهين ٿي.“

ياد اٿئي! جڏهن تو ڪاوڙ ۾ مون کي گهر مان ڌڪا ڏئي ڪڍندي، رڙيون ڪري چيو هو، ’عورت ڪا ڪڪڙ ڪو نه آهي ۽ ڪڪڙيون به پنهنجا سيئي آنا ڪو نه ڦوڙينديون آهن، انهن مان ڪيترا ڳيي به ڇڏينديون آهن! اسين انهيءَ لاءِ نه ڪڪڙين کي قصوروار قرار ڏئي سگهون ٿا ۽ نه ئي وري قدرت جي انهن قهري آفتن ۽ وبائن کي دوشي ڄڻي سگهون ٿا، جيڪي انهن جي اجل جو ڪارڻ بڻجن ٿيون، پر آءٌ سمجهان ٿو ته، قدرت جي انهيءَ ڪنورتا ۽ ڪڪڙين جي انهيءَ عمل ۾ به هڪ دانشمندي ۽ حڪمت جو راز سمايل آهي. ايئن جيڪڏهن هئڻ جو هر امڪان وجود وٺي وڃي، ته پوءِ جياپي لاءِ هي ڌرتي ته جنگ جو ميدان بڻجي ويندي؟

تو کي ته خبر آهي، ته دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جو جنم هرورو ايترو ضروري به ڪو نه هوندو آهي. جيڪڏهن هومر، اڪارس، ليونارڊوڊاونشي ۽ حضرت عيسيٰ پيدا نه ٿين ها، تڏهن به دنيا جو نظام ائين ئي هلندو رهي ها. تنهنجي ضايع ٿي ويل ٻار سان دنيا ۾ ڪو خال پيدا ٿي ڪو نه ويو آهي ۽ نه ئي وري ان سان سماج ۽ ان جي آئيندي تي ڪو اثر پيو آهي. اهو صرف تو کي ڏاڍو ۽ زخم ڏئي ويو آهي. اهو به فقط انهيءَ ڪري، جو تو ذهني طور ان واقعي جو المياتي اثر ورتو آهي، جيڪو اصل ۾ ايڏو سانحو آهي ئي ڪو نه! منڙي! تون ڄاڻي وٺي هوندين، ته سوچ درد جي ماءُ هوندي آهي ۽ دنيا ۾ هميشه ڏاهيون ئي ڏک ڏسنديون آهن، پر سچ پڇين ته درد ئي زندگي جو جوهر هوندو آهي، جنهن کانسواءِ انسان جو تصور ئي بي معنيٰ آهي. آءٌ هي خط تو کي ڪنهن تسلي ۽ آئت ڏيڻ لاءِ نه پر تنهنجي سوچ تي مبارڪ پيش ڪرڻ لاءِ لکي رهيو آهيان. تنهنجي اها سوچ انهيءَ ڪري ڪونهي، ته تون حمل جي عذاب ۽ ماءُ جي غلامي مان نجات حاصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪري ورتي، پر تو بنا ڪنهن بندي ۽ آقا جي اڳيان جهڪڻ جي، پنهنجي ٻَل ۽ همت سان جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، اهائي تنهنجي ڪاميابي آهي. پر هنن چند مهينن ۾ مون سان تنهنجي برعڪس ئي سڀ ڪجهه پيش آيو آهي. جڏهن آءٌ بلڪل ئي پڇي ٽٽي ۽ نراس ٿي پيس، تڏهن پڻ جيان مون به تقدير جي طوفاني طاقت ۾ پنهنجي قسمت جي تبديلي تصور ڪئي، پر پوءِ پروڙيم، ته جيڪي ماڻهو پنهنجي وجود جي واڳ قسمت حوالي ڪري ڇڏيندا آهن، اهي مون جيان ٽڪل ٽٽل ۽ صرف بي همت ئي هوندا آهن. تون انهيءَ ڪري سوڀاري آهين، ڇو ته تقدير تو لاءِ صرف طويل سواليہ نشان جيان آهي، جنهن تي اعتبار بدران تو پنهنجي هستي ۽ همت تي ڀاڙيو آهي ۽ اهي ماڻهو ئي پنهنجي جستجو جاري رکي سگهندا آهن، جيڪي سوالن جا ڏنگ سهڻ جي سگهه رکندڙ هوندا آهن. اهي ئي نئين سفر ۽ جستجو جو آغاز ڪري سگهندا آهن، جن ۾ تقدير تي ڀاڙڻ بدران دنيا جي غمن ۽ زخمن سهڻ جي برداشت هوندي آهي. تنهنجي سنگتياڻي ٻڌايو ٿي، ته بي جان ٻار اڃان تنهنجي پيٽ ۾ آهي، ۽ تون ان کي خارج ڪرڻ لاءِ ڪو حتمي فيصلو ڪري ڪو نه سگهين آهين. ڇا تو ان سان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي غير مستقبل مزاجي جي سزا ڏئي رهي آهين ۽ وڌيڪ جيئڻ نه ٿي چاهين؟

آءٌ سمجهان ٿو، ته هُن اهو سيڪجهه مون کي انهيءَ ڪري ٻڌايو آهي، ته جيئن آءٌ تو کي سمجهائي ان ضد تان لاهي سگهان، پر آءٌ تو تي ڪنهن زور پرڻ بدران صرف اهو واضع ڪرڻ چاهيندس، ته تون خود به ان هوڏ تي گهڻو وقت قائم رهي ڪو نه سگهندينءَ، ڇو ته تون زندگي سان ايتري محبت ڪندڙ آهين، جو جڏهن ان جي صدا تنهنجي ڪَن تي پوندي، تڏهن تون ان کان انڪار ڪري ڪو نه سگهندينءَ."

اسين سياڻي ضرور گهر هلنداسين، توڙي جو سيائي جو لفظ تنهنجي جان وڃندڙ ۽ مون لاءِ هميشہ ڏک آڻيندڙ پڻي ثابت ٿيو آهي، پر پوءِ به آءٌ اردگرد نهارڻ ۽ اهو تسليم ڪرڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿي سگهان، ته سياڻو اهو ڏينهن آهي، جيڪو بهتري ۽ چڱائي سان ٽمٽار هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**هنن** منهنجي ايتري گرم جوشيءَ سان آجيان ڪئي، ڄڻ آءٌ ڪنهن پير ۽ ڪَنَ جي بيماري مان صيحت ياب ٿي واپس گهر موٽي هجان. ايترين مشڪلاتن جي باوجود بہ منهنجي ثابت قدم رهڻ تي، هنن مون کي مبارڪون ڏنيون ۽ منهنجون دعوتون ڪيون. هنن ڪڏهن بہ تو بابت ڪو ذڪر ڪو نہ ڇيڙيو. جيڪڏهن ان موضوع تي مون ڪڏهن ڪجھ ڳالهائڻ بہ چاهيو، تڏهن هنن جا مُنهن ني لهي ٿي ويا ۽ ائين ٿي لڳو، ڄڻ مون ڪا اهڙي فضول ڳالھ ڪئي هجي، جنهن لاءِ هو چوڻ چاهيندا هجن تہ، ”جيڪو ٿيو، سو ٿيو، هاڻي ان جي وڌيڪ پچار ڪرڻ نہ گهرجي“. پوءِ منهنجي سنگتياڻي مون کي پاسي تي وٺي ٻڌايو، تہ هن ڊاڪٽر ڪان وقت ورتو ۽ ساڻس ڳالهايو آهي، جنهن جو چوڻ آهي، تہ ”تو جيڪڏهن ترت ئي ٻار کي خارج نہ ڪرايو‘ تہ پوءِ خون جي زهر آلود ٿي وڃڻ سان تنهنجو موت بہ ٿي سگهي ٿو“.

مون کي فيصلو ڪرڻو پوندو. ڇو تہ جيڪڏهن مون اهو هينئر نہ ڪيو، تہ پوءِ تون يقيناً منهنجو قاتل بڻجي ويندين. تو تہ اڃا ڪنهن ڪم جي ابتدا ئي ڪو نہ ڪئي هئي، پر مون کي تہ اڃان گهڻو ڪجھ ڪرڻو آهي. مون کي اڃا پنهنجي نالي ۽ ناموس لاءِ جستجو ڪري، اهو ثابت ڪرڻو آهي، تہ آءٌ بہ هڪ مرد جيان مؤثر ٿي سگهان ٿي. مون کي اڃان ماڻهن کي سوالن جي اهميت سمجهائڻ ۽ انهن جي سگھ ثابت ڪرڻ لاءِ لڙڻو آهي. مون کي پنهنجي خود رحمي کي ختم ڪرڻو ۽ پنهنجو پاڻ کي اهو تسليم ڪرائڻو آهي، تہ زندگي جو مقدر ڏک ڪو نہ هوندا آهن، پر جياپي جو اصل مزو مسرتن ۾ هوندو آهي، جيڪي موجود بہ آهن، پر انهن جي حاصلات لاءِ صرف توري جستجو ڪرڻي پوندي آهي. آخر ۾ مون کي اڃان محبت جو اهو راز بہ عيان ڪرڻو آهي، تہ محبت فقط اها ڪونهي، جنهن تحت مون تو کي ڇهڻ ۽ ڏسڻ جي سڌ ٿي ڪئي، پر محبت اها بہ آهي، جيڪا تو کي وڃائڻ کان پوءِ بہ تولاءِ آءٌ محسوس ڪري رهي آهيان.

ٻچڙا! آءٌ تنهنجي شديد ڪمي محسوس ڪري رهي آهيان ۽ ائين ٿو لڳي، ڄڻ تو کي وڃائي آءٌ پنهنجي ڪنهن ٻانهن، ڪنهن اک ۽ آواز کان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

محروم ٿي وڃي ھجان.

آءُ ڪالھ جي پيٽ ۾ اڄ صبح تنھنجي گھٽ ڪَمي محسوس ڪئي، پر پوءِ به اھو سيڪجھ عجيب ھو. ائين ٿي لڳو، ڇڻ وقت جا پھر وچير حائل ٿي زخمن جا گھاءَ پريندا ھجن.

بکھڙن جون پڪارون توڙي جو اجان پري کان پڪاري رھيون آھن، پر جيئن ني اھي قريب اچي ويندا، آءُ سمجھان ٿي، تہ آءُ ڪانئن دور رھي ڪو نہ سگھنديس. پوءِ خبر ناھي اھو الائي ياد بہ رھندو يا نہ، تہ مون ڪيترو پوڳيو ۽ ڪيترا زخم سَنَا ھئا؟

ڪڏھن مون ڪنھن ڪتاب ۾ پڙھيو ھو، تہ ”اسان ڪي پنھنجي تڪليفن جو صحيح اندازو تڏھن ٿيندو آھي، جڏھن اسين اھي پوڳي چڪا ھوندا آھيون ۽ پوڳڻ ڪانپوءِ حيرت مان پاڻ کان پڇندا آھيون، تہ اھو دردن جو دوزخ ڪيئن پوڳي آئيا آھيون؟“ زندگي ڏاڍي غير معمولي چيز آھي ۽ اھي سيئي الميا ان جو معمول آھن. اسان جا گھاءَ ڏاڍا تيزي سان پرجي ويندا آھن، جيڪڏھن انھن جي زخمن جا نشان نہ رھجي وڃن، تہ اسان کي اھو بہ ياد نہ رھي، تہ ڪڏھن انھن مان ڪا رت بہ اُڙھي ھئي!

ڪڏھن تہ اھي زخمن جا نشان بہ مِٽجي ويندا آھن ۽ ھر شيءِ انھن سان گڏ ميسارجي ويندي آھي. مون سان بہ ائين ني ٿيندو يا وري آءُ خود ان کي ممڪن بنائڻ جي ڪوشش ڪنديس، ڇو تہ مون کي ان جي سخت ضرورت ھوندي ۽ مون کي ائين ني ڪرڻو پوندو. آءُ ھينئر ني ديوار تان تنھنجو فوٽو لاھي ٿي ڇڏيان، ڇو تہ تنھنجي اوجاڳيل اکين جا الماس مون کان وڌيڪ ڏنا نہ ٿا ٿين ۽ آءُ تنھنجا بيا فوٽو بہ چيھاڙيون ڪري ٿي ڇڏيان ۽ ھا، تنھنجو ھي پينگھو، جيڪو تنھنجي ڪفن جي ڏکَ تو ڏي، سو بہ ٽڪريون ڪري چُلھي ۾ اچلائي ڇڏينديس. آءُ ترت ني ڊاڪٽر سان ملي ڪيس ٻڌائينديس، تہ آءُ راضي آھيان ۽ ھن ني چند ڏينھن ۾ آءُ تو کي پنھنجي پيٽ مان ڪيرائي ڇڏينديس، پوءِ تنھنجي پيءُ يا شايد ڪنھن بي سان رات گذاريندس.

مون گھٽو ني پاڪدامني جو روزو رکيو. تون تہ مري چڪو آھين، پر مان تہ زندہ آھيان، تنھنڪري زندگي کي آءُ وڌيڪ غمن ۾ گذارڻ نہ ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آءٌ هڪ اڇي ڇت واري ڪمري ۾ بيڊ تي آهليل آهيان ۽ تون منهنجي پير ۾ ئي هڪ شيشي ۾ بند پيل آهين. هن نه ٿي چاهيو، ته آءٌ تو کي ڏسان، پر منهنجي ضد ۽ اصرار ڪانپوءِ هو ڪاوڙ ۾ تو کي منهنجي پير ۾ رکي ويا آهن، ۽ آخر آءٌ تو کي ڏسڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي آهيان. تو کي سامهون ڏسي، فوٽو وارو ٻارڙو مون کي فريب محسوس ٿيو آهي. تون ٻار بدران صرف هڪ آنو آهين، ها، هڪ خاڪي رنگ جو آنو، جيڪو گلابي الڪوهل ۾ تري رهيو آهي ۽ جنهن ۾ اندر ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي. تون، نهن، چمڙي ۽ ٻين انهن سڀني سندر صفتن اُسرڻ ڪان گهڻو عرصو اڳ ئي اجل جو ٻَڪُ ٻڌجي چڪو هُئين، جيڪي مون توسان منسوب ڪيون آهن. تون صرف منهنجي تخيل جي تخليق آهين، جنهن کي ننڍڙا هٿ ۽ پير، جسم سان ٿورڙي مشابهت رکندڙ وجود ۽ چهري جو خاڪو، جنهن ۾ ننڍڙو نڪ ۽ ٻه تمام ننڍڙيون اکيون آهن. بحرحال اهو ننڍڙي مڇي جي مترادف ئي صحيح پر مون کي تمام گهڻو عزيز هو ۽ ان جي محبت ۾ ئي مون ڪڏهن موت جو صليب سر تي کنيو هو، پر هينئر جڏهن توکي ڏٺو اٿم، تڏهن سوچان ٿي، مون تو مان پهريان ئي ڇوٽڪارو ڇو نه حاصل ڪيو ۽ ايتري عرصي تائين تو کي پنهنجي پيٽ ۾ زهر آلود ڪرڻ لاءِ ڇو ڇڏيم؟

مان بيمار ٿي پئي آهيان ۽ منهنجي حالت ڏسي، هو سڀئي پريشان ٿي ويا آهن. ڪو سڄي ٻانهن جي ڏوري ۾ سُئي ٽُنبي رهيو آهي، ته ڪو وري ڪٻي ٻانهن جي ڪارائي ۾ ٿيلهي چاڙهي نلڪين ذريعي مون کي خوراڪ پهچائڻ جي خفي ۾ مصروف آهي ۽ نرس هٿن ۾ ڪپهه جا بنڊل کنيو اُڀي بيٺي هئي. گهڙي گهڙي ڊاڪٽر مٿان ڊاڪٽر ٿي آيو، جن هڪٻئي سان سُسپُس ۾ صلاح مشورو به ڪيو ٿي، پر مون کي ڪجهه به پلڻ ۾ ڪو نه ٿي آيو، مون صرف اندازو ٿي لڳايو، ته ڳڙ ٻڙ ضرور آهي. ان وقت مون پنهنجي سنڪتياڻي، تنهنجي پيءُ يا انهن کان به وڌيڪ پنهنجي والدين جي سخت ضرورت محسوس ڪئي. مون کي لڳو ٿي، ته آءٌ انهن جي قدمن جا آواز به ٻڌي رهي آهيان، پر انهن بدران ٻه اڇي ڊريس ۾ ملبوس ڊاڪٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنهنجي سهاري ڪانسواءِ ڏاڪڻ جا هي چند ڏاڪا بہ لهي ڪو نہ سگهندي.
ياد اٿئي! اهي ڏينهن، جڏهن مون تو کي سهارو ڏنو، وڏي احتياط سان ڏاڪڻ جا ڏاڪا چڙهڻ ۽ لهڻ سيکاريا هئا. ۽ ياد ڪر، جڏهن آءٌ تو کي اڪيلي سر انهن تي چڙهڻ لاءِ چوندي هيس، تڏهن تون چند ڏاڪا چڙهي ٽڪجي ويهي رهندو هُئين ۽ پاڻ ٻئي کِلي ڪيئن نہ ڏاڪڻ جا ڏاڪا ڳڻڻ شروع ڪندا هئاسين؟

ياد اٿئي! جڏهن اسين اڪ ٻوٽ راند ڪيڏندا هئاسين ۽ آءٌ بند اکين سان، تو کي ڳولهڻ لاءِ هٿو ڦاريون ڏيندي هيس؟

ڇا اهو ڏينهن بہ ياد اٿئي، جڏهن تو منهنجو چيو نہ ٿي مڃيو ۽ آءٌ تو سان ڪاوڙجي پئي هيس، پوءِ ان تي مون کي افسوس بہ ٿيو هو ۽ مون تو کان معافي وٺڻ بہ چاهي هئي، پر اسان ٻنهي جڏهن هڪٻئي جي نيڻن ۾ نهاريو هو، تڏهن تنهنجي چپن تي ٽڙندڙ مرڪ مون کي بہ کِلائي وڌو هو.
پر هي ڇا؟ منهنجو ذهن ۽ اکيون ڇو دُندلائجي رهيون آهن؟

ڇا اهي ننڊ جا ڪيپ آهن يا اجل جا آثار؟. پر آءٌ ننڊ کان ايئن شڪست کائڻ نہ ٿي چاهيان. مون کي جاڳائڻ ۾ منهنجي مدد ڪر ۽ مون کي جواب ڏي، تہ ڇا پرواز جي خوابن جي، ايڏي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي؟

ڇا انهن تو کي ماريو يا تو بہ ڪجهہ ڪيو؟

ڇا انهن تو کي ڪِرلين جي ڪٽڪ جيان ڪُچلي ڇڏيو؟

ڇا تو نا اميدي ۽ ڪروڌ اڳيان ڪنڌ جهڪايو يا انهن اڳيان آخر تائين مضبوط وڻ جيان سينو ساهيو بيٺو رهين؟

ڇا تو کي مسرت، آزادي، نيڪي ۽ محبت جي موجودگي جي پروڙ پئجي وئي؟ مون کي اميد آهي تہ، منهنجا مشورا تو لاءِ ڪافي مفيد ثابت ٿيا هوندا ۽ مون کي اهو بہ يقين آهي تہ، تون پيڙائن ۽ موت جهڙي اذيتن جي باوجود بہ ٻيهر پيدا ٿيڻ کي ترجيح ڏيندين، ڇو تہ پيدا ٿيڻ، جنم نہ وٺڻ کان هزارين ڀيرا بهتر آهي.

مون کي فخر آهي، تہ اذيتن ۽ موت جي خطرن باوجود بہ مون تو کي نيستيءَ مان هستي ۾ آندو آهي. ٿهر جي ٿڌ ٿي وسي ۽ اجا رات بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجي اوج تي آهي، پر اسين ٻئي اتي ئي ڪمري ۾ آهيون. پر هو ڏس! سامهون ميگنوليا جو وڻ! اُتي ان مان گل ڇڻي ويا. آءٌ ته ڇڻي ڪو نه سگهيس، پر مون کي يقين آهي، ته تون اهو ضرور ڇڻي سگهندين. ٿورو پڻ تي بيهي، ٻانهن مٿي ڪري او هيئن... ڇڻڻ جي ڪوشش ڪر. پر تون ڪاڏي وئين؟ هاڻي ئي ته هتي هُئين! قداور ۽ ڳڀرو مرد جي روپ ۾، تون ئي ته مون کي سهارو ڏيو ٻيٺو هُئين، پر هينئر ته ڪٿي نظر ئي ڪو نه ٿو پيو اچين! هتي ته صرف هڪ شيشي جو الڪوهل سان ڀريل ٿانءُ پيو آهي، جنهن ۾ هڪ اهڙي شيءِ تري رهي آهي، جيڪا نه مرد ٻڻجي سگهي، نه عورت يا جنهن جي مرد ۽ عورت ٻڻجڻ ۾ آءٌ ڪائي مدد ڪري ڪو نه سگهيس. تون ڇپين ٿو، ته مون ائين ڇو ڪيو؟

ٻچڙا، ڇو ته زندگي موجود آهي. جڏهن آءٌ جوان ٿي، ته زندگي موجود آهي، تڏهن جڏهن ته منهنجي جان مان ٿڌ جي ڏڪڻي ۽ نيڻن مان نيم خوابيءَ جا خمار ئي اڏامي ٿا وڃن ۽ آءٌ محسوس ٿي ڪريان، ته خود مان ئي زندگي آهيان.

بلب ٻريل آهي، ڪجهه آواز منهنجي ڪنن تي پئون ٿا. ٻاهر ڪوئي ڊوڙندو ۽ ڊپ ۾ دانهون ڪندو ٿو وڃي، پر ڪٿي ڪنهن ٻي جاءِ تي يقيناً هزارين ۽ لکين ٻار ۽ آئيندي جي ٻارن کي جنم ڏيندڙ انهن جون مائرون پيدا ٿي رهيون آهن. زندگي، تنهنجي يا منهنجي جياپي جي محتاج ڪونهي. تون مري چڪو آهين ۽ شايد آءٌ به پوين پساهن ۾ آهيان، پر انهيءَ سان ڪو ئي فرق ڪو نه ٿو پوي، ڇو ته زندگي جو ڪڏهن به انت ڪو نه ايندو آهي.

● ● ● ●



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# اداري جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| پيار جي ڇانوَ ۾ | (ورڊايل شاعري) | ايوب گاد |
| خدا،زندگي، محبت ۽ موت | (فلسفو) | رجنيش اوشو / فياض لطيف |
| مريم | (ناول) | وحشي محمود آبادي / منور سولنگي |
| اڻ ڇاول ٻار ڏانهن خط | (ناول) | اوريانا فلاشي / فياض لطيف |
| محبت ئي خدا آهي | (فلسفو) | رجنيش اوشو / سڪندر عباسي |
| پيغمبرن جي انقلابي جدوجهد | (سوانح حيات) | پرويز/عبدالله شجاع سنڌي |

# اداري جا جلد ايندڙ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| صحرا جا سَرهاڻ | (شاعري) | فاطمه پتو |
| ليڪڪ، ڊراڙ ۽ چور | (اينترو پالاجي) | عبدالقادر جوڻيجو |
| وَڻ وَڻ جي ڪاٺي | (سوانحي خاڪا) | عبدالقادر جوڻيجو |
| ڪاميابي زندگيءَ جو راز | (فلسفو) | وحيدالدين/ميمڻ غلام مصطفيٰ مشتاق |
| جنس: هڪ مڪمل مطالعو | (تحقيق) | آزاد گل |
| مون ۾ آهين تون | (تصوف) | امام غزالي / ايوب گاد |
| منصور حلاج: هڪ باغي هڪ انقلابي | (سوانح حيات) | خالد چانڊيو |
| محدثن جو تحقيقاتي تنقيدي جائزو | (اسلاميات) | سنڌيڪار: عبدالله شجاع سنڌي |
| اسلام ۽ آرٽ | (اسلاميات) | جهانگير عباسي |
| اوشو جي آتم ڪهاڻي | (سوانح حيات) | رجنيش اوشو/فياض لطيف |
| اينِي فرينڪ جي ڊائري | (ڊائري) | اينِي فرينڪ/ فاروق اعظم ابڙو |
| پاڪستان: انقلاب لاءِ منتظر | (سياست) | روئيداد خان/سراج ڪلهوڙو |
| لاڙڪاڻو: ادبي ۽ ثقافتي تاريخ | (تحقيق) | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي |
| ميمڻ برادريءَ جي تاريخ | (تاريخ) | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي |
| ارتقا جي ڪهاڻي | (تحقيق) | ڊاڪٽر سڪندر مغل |

## وي پي گهرائڻ ۽ خط و ڪتابت لاءِ:

**موهن جو دڙو پبلشنگ ايجنسي**

پوسٽ باڪس نمبر 72 لاڙڪاڻو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## منصور حلاج: هڪ باغي هڪ انقلابي

ڇا منصور حلاج اناالحق سبب سوري تي چاڙهيو ويو؟ تاريخ جي وساريل ورقن مان منصور حلاج جي حياتي جو احوال ۽ سندس جدوجهد جو بيان!!

منصور حلاج جيڪو صدين کان شاعرن جي شاعري جو طاقتور موضوع رهيو آهي.

منصور حلاج جيڪو صوفين کان وٺي سمورن انقلابين جي پسنديده شخصيت آهي.

منصور حلاج تي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون ڀيرو هڪ مستند دستاويز، جيڪو سندس حياتي، جدوجهد ۽ شهادت جا راز پڌرا ڪري ٿو.

منصور حلاج پنهنجي دور جو هڪ باغي، سياسي قيدي، انقلابي صوف ۽ فيلسوف.

## محبت ئي خدا آهي (رجنيش اوشو/سڪندر عباسي)

محبت بابت ڳالهيون!
خدا بابت ڳالهيون!
محبت ۽ خدا جي وچ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟
ڇا محبت ئي خدا آهي!

فلسفي ۽ مذهب بابت هڪ جديد نڪته نظر برصغير ۽ مصلح اوشو اسان کي پنهنجا ويچار آڇي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## حديثن جو تحقيق تنقيدي جائزو (غلام احمد پرويز)

مشهور اسلام مفڪر علامه غلام احمد پرويز جي قلم سان
حديث ڇا آهي؟
سنت ڇا آهي؟
درست ۽ ضعيف حديثن بابت حقيقتون، اسلام جو حقيقي سائنسي
نڪته نظر ۽ حديثن جو جامع تحقيق ۽ تنقيدي جائزو.

## اڻ ڄاول ٻار ڏانهن خط (اوريانا فلاشي/فياض لطيف)

مشهور صحافڻ اوريانا فلاشي
جو ناول،
جنهن ۾،
هڪ ماءُ جو ڏک،
ڳوڙهاري ڪيفيت جو اظهار،
ماءُ جي پيٽ ۾ سرجڻ،
جمڻ ۽ پوءِ ستت مري ويل ٻار بابت هڪ
عورت جي اندر جا احساس

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود هجن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

**books.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu